# ابن بطوطه جو سفر

(سنڌ ۽ هندستان جي سفر متعلق)

مدير و مرتب

عمر حسين الخشاب

مترجم

محمد ابراهيم عباسي

بي. اي.، بي. ٽي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٦ع

Marfat.com

# ابن بطوطه جو سفر

(سنڌ ۽ هندستان جي سفر متعلق)

مدير و مرتب
عمر حسين الخشاب

مترجم
محمد ابراهيم عباسي بي، اي، بي، ٽي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
١٩٧٦ع

Marfat.com

ڇاپو پهريون    آڪٽوبر ١٩٧٦ع    ڪاپيون ١٠٠٠

138535

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

[redacted]

ملڻ جي ايڊريس

سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس
پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد مان شايع ڪيو.

Marfat.com

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ديباچو | 1 |
| ابن بطوطه جي سوانح حيات | 5 |
| **باب پهريون** — **فصل پهريون** | |
| درياءُ سنڌ | 1 |
| **فصل ٻيو** | |
| خوفناڪ گينڊو | 6 |
| **فصل ٽيون** | |
| سنڌو نديءَ جو سفر | 13 |
| عجيب ڪنڌهرات | 15 |
| **فصل چوٿون** | |
| بادشاه جي سخاوت | 17 |
| ملتان جو حاڪم | 18 |
| **باب ٻيو** — **فصل پهريون** | |
| هندستان جي وڻن ۽ ميون جو بيان | 23 |
| **فصل ٻيو** | |
| هندستان ۾ اناج جي پوک | 27 |
| ڪافرن لٽيرن سان اسان جو پهريون مقابلو | 29 |
| **فصل ٽيون** | |
| هندستان ۾ ستي لڳڻ جو رواج | 32 |
| **فصل چوٿون** | |
| دهليءَ جو شهر | 37 |
| دهليءَ جو شهرپناهه ۽ ان جا دروازا | 38 |
| دهليءَ جي جامع مسجد | 39 |
| دهليءَ جا وڏا حوض | 42 |

عنوان | صفحو

دهليءَ شهر جا مزارات ٤٣
سندس ڪرامت ٤٥

باب ٻيون فصل پهريون

دهليءَ جي فتح ۽ مختلف بادشاه ٤٧
سلطان شمس الدين (التمش) ٤٨
سلطان رڪن الدين ٤٩
رضيه سلطانه ٥٠
سلطان ناصر الدين ٥١

فصل ٻيو

سلطان غياث الدين بلبل ٥٣
بادشاه جي ڪهاڻي ٥٣
سلطان معزالدين بن ناصرالدين بن سلطان غياث الدين بلبن ٥٦

فصل ٽيون

جلال الدين فيروز خلجي ٥٩
سلطان علاؤ الدين محمد شاه خلجي ٦٠
سلطان شهاب الدين ٦٤
سلطان قطب الدين ٦٥
سلطان خسرو خان ناصر الدين جو بيان ٦٨

فصل چوٿون

سلطان غياث الدين تغلق شاه ٧٢
سندس پٽ جي ناڪام بغاوت ٧٦
تغلق جو لڪنوتي ڪاهي وڃڻ ۽ موٽ ني مندس اچانڪ موت ٧٧

باب چوٿون فصل پهريون

سلطان ابي المجاهد محمد شاه ابن سلطان
غياث الدين تغلق ٨٠
بادشاه جون خصلتون ٨٠
شاهي محل جا دروازا ۽ ديوان خانا ٨١

Marfat.com

صفحو

عنوان


بادشاه جو مجلس عام ۾ وهڻ جو طريقو ٨٣

فصل ٻيو

ٻاهرين ملڪن جي مسافرن جي نذراني رکڻ جو طريقو ٨٦
سرڪاري ساٿين جي نذراني پيش ڪرڻ جو طريقو ٨٧
عيد نماز لاءِ جلوس ڪڍڻ جي رسم ٨٧
عيد جي مجلس ۽ تخت وغيره جو بيان ٩٠

فصل ٽيون

بادشاه جي سفر تان واپسيءَ جو جلوس ٩٣
بادشاه جو خاص دسترخوان ٩٤
بادشاه جو عام دسترخوان ٩٤

فصل ڇهريون

باب پنجون

بادشاه جي سخاوت ۽ نيڪي ٩٧
بادشاه جو شهاب الدين گازرونيءَ کي بخشش ڏيڻ جو قصو ٩٧
شيخ الشيوخ رڪن الدين کي بخشش ١٠٠
واعظ ترمذي ناصر الدين کي بخشش ١٠١
عبدالعزيز اردويليءَ کي بخشش ١٠٣
شمس الدين اند ڪانيءَ کي بخشش ١٠٣
قاضي مجد الدين کي بخشش ١٠٣
برهان الدين ساغر کي بخشش ١٠٤
حاجي ڪاون کي بخشش ۽ سندس ڳالهه ١٠٤

فصل ٻيو

ابن الخليفه جو بادشاه وٽ اچڻ ١٠٦
حڪايت ١٠٩
حڪايت ١٠٩
ابن الخليفه جي ڪنجوسپائيءَ جون ڪي ڳالهيون ١١١

فصل ٽيون

امير سيف الدين عزا بن هبة الله بن مهني، امير عبدالشام

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| تي بادشاه جي نظر عنايت | ۱۱۴ |
| بادشاه جي ڀيڻ جي امير سيف الدين سان شادي ٿيڻ جو بيان | ۱۱۵ |
| امير الغرا جو بيان | ۱۱۹ |
| سلطان جي وزير جي ڌين جي شادي خداوند زاده قوام الدين جي پٽن سان ڪرڻ | ۱۲۲ |
| بادشاه جي تواضع ۽ انصاف مطابق ڳالھ | ۱۲۲ |
| اهڙي هڪ ٻي ڳالھ | ۱۲۲ |
| هڪ ٻي ڳالھ | ۱۲۳ |
| نماز لاءِ سختي | ۱۲۳ |
| شرعي حڪمن لاءِ سختي | ۱۲۴ |
| مظلومن جي فرياد رسي ۽ انصاف | ۱۲۴ |
| ڏڪار ۾ ماڻهن کي کاڌو رسائڻ | ۱۲۵ |
| **باب ڇهون — فصل پهريون** | |
| بادشاه جا ظلم | ۱۲۶ |
| پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ جو بيان | ۱۲۷ |
| بادشاه جو هڪ ئي وقت مادا ٽي سو ماڻهو مارائڻ | ۱۲۷ |
| شيخ شهاب الدين کي عذاب ڏيئي قتل ڪرائڻ | ۱۲۸ |
| مدرسي جي فقيه عفيف الدين ڪاشاني کي ۽ ٻن فقيهن کي هن سان گڏ قتل ڪرائڻ | ۱۳۱ |
| بادشاه جو ٻن سنڌي فقيهن کي، جيڪي سندس نوڪريءَ ۾ هئا، قتل ڪرائڻ | ۱۳۲ |
| شيخ هود کي قتل ڪرائڻ | ۱۳۴ |
| ابن تاج العارفين ۽ ان جي اولاد کي قيد ڪرائڻ ۽ مارائڻ | ۱۳۶ |
| شيخ علي حيدريءَ کي قتل ڪرائڻ | ۱۳۸ |
| طوغان ۽ ان جي ڀاءُ کي قتل ڪرائڻ | ۱۳۹ |
| ملڪ التجار کي قتل ڪرائڻ | ۱۴۰ |
| خطيب الخطباء کي موت جي مار ڏيارڻ | ۱۴۱ |

عنوان | صفحو


دهليءَ جي شهر کي برباد ڪرڻ ۽ انڌي ۽ منڌي
کي مارائڻ جو عجيب واقعو ١٤١
غياث الدين بهادر (پوري) جو قتل ١٤٣


## فصل ڇهون


بادشاه جي ڀڃات جي بغاوت ١٤٥
ڪشلو خان جي بغاوت ۽ سندس موت ١٤٧
قراجيل جي جبل ۾ بادشاه جي لشڪر سان هڪ واقعو ١٤٨
امير حلاجون جي بغاوت ١٤٩
شريف جلال الدين جي معبر جي ملڪ ۾ بغاوت ۽
وزير جو پنهنجي پاڻيجي ڪي، جيڪو انهيءَ سان شامل
هو، قتل ڪرائڻ جو بيان ١٥١
امير حلاجون جي بغاوت ١٥٣
بادشاه جي لشڪر ۾ وبا پوڻ ١٥٤
بادشاه جي موت جو افواه ۽ ملڪ هوشنج جو ڀڄي وڃڻ ١٥٥
شريف ابراهيم جي بغاوت ١٥٦
تلنگانا ۾ بادشاه جي نائب جي بغاوت ١٥٨


## فصل ڏهون


بادشاه جو گنگانديءَ جي ڪناري تي شهر ٻڌائڻ ۽
عين الملڪ جي بغاوت ١٦٠
بادشاه جو دارالخلافه ۾ واپس اچڻ، علي شاهڪر
(ٻوڙي) جي بغاوت ١٧٠
امير بخش جو ڀڄي وڃڻ ۽ قيد ٿيڻ ١٧١
شاه افغان جي سنڌ ۾ بغاوت ١٧٣
قاضي جلال جي بغاوت ١٧٣
ابن ملڪ مل جي بغاوت ١٧٥
ملڪ مقبل ۽ ابن الڪوتيءَ جي لڙائي ١٧٨


Marfat.com

عنوان — صفحو

## باب ستون — فصل پهريون


هندستان ۾ ڏڪار پوڻ ۱۸۰
اسان جو بادشاه جي غيرحاضريءَ ۾ شاهي محل ڏانهن وڃڻ ۱۸۱
بادشاه جي والده جو گهر پهچڻ ۽ سندس خصلتن جو بيان ۱۸۲
مهمانيءَ جو بيان ۱۸۴
منهنجي ڌيءَ جي وفات ۾ منهنجي همدردي ۱۸۶
بادشاه ۽ وزير جا مون تي احسان ۱۸۹
بادشاه جي غير حاضريءَ ۾ عيد ۱۹۰
اسان جو بادشاه جي استقبال لاءِ ٻاهر وڃڻ ۱۹۱


### فصل ٻيو "الف"


بادشاه جو دارالخلافه ۾ اچڻ ۽ اسان کي سواريءَ لاءِ
پنهنجي گهوڙن مان گهوڙا عطا ڪرڻ ۱۹۴
بادشاه جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ ۽ اسان کي جاگيرون ۽ عهدا ملڻ ۱۹۵
بادشاه جو ٻيو عطيو ۽ ان ۾ دير ٿيڻ ۲۰۰
لهڻيدارن جو مون کي تنگ ڪرڻ، منهنجو بادشاه جي
مداح ۾ قصيدو لکڻ، بادشاه جو قرض جي ادائگيءَ
لاءِ حڪم ڏيڻ، ۽ دير پوڻ ۲۰۲


### فصل ٻيو "ب"


بادشاه جو شڪار لاءِ ٻاهر وڃڻ ۽ اسان جو هن سان گڏ وڃڻ ۲۰۷
بادشاه کي مون هڪ اٺ تحفي طور ڏنو ۲۱۱
بادشاه جو ٻاهر وڃڻ ۽ مون کي دارالخلافه ۾ رهڻ جو حڪم ڏيڻ ۲۱۴
مقبري جو انتظام ۲۱۷
ماڻهن کي وليمي مان ڪاڌي ڏيڻ جو رواج ۲۱۹


### فصل ٽيون


هزار امروه ڏانهن سفر ۲۲۰
ڪن دوستن جي مون سان مهرباني ڪرڻ ۲۲۲


Marfat.com

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| بادشاه جو منزل ڏانهن وڃڻ | ٢٢٤ |
| بادشاه جي ناراضگي ۽ خدا جي فضل سان منهنجي جند آزاد ٿيڻ | ٢٢٤ |
| منهنجو نوڪري ڇڏي تارڪ دنيا ٿيڻ | ٢٢٥ |
| بادشاه جو مون کي واپس نوڪريءَ لاءِ سڏڻ ۽ منهنجو انڪار ڪري عبادت ۾ جهد ڪرڻ | ٢٢٦ |
| بادشاه جو مون تي راضي ٿيڻ ۽ مون کي چين جو سفير ڪري موڪلڻ | ٢٢٦ |
| چين جي بادشاه ڏانهن تحفا موڪلڻ | ٢٢٧ |
| ڪول جي پرسان اسان جي ڪافرن سان لڙائي | ٢٣١ |

## فصل چوٿون

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| منهنجو مصيبت ۾ پوڻ ۽ هڪ ولي الله جي مدد سان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ | ٢٣٣ |
| شيخ جي ڳالهه | ٢٤٢ |
| قاضيءَ جي ڳالهه | ٣٤٤ |
| ڳالهه | ٢٤٦ |
| علاپور جي حاڪم جي شهادت | ٢٤٧ |
| جوڳين جي جادوءَ جو بيان | ٢٤٩ |
| ڳالهه | ٢٥٠ |
| ڳالهه | ٢٥١ |
| ڳالهه | ٢٥٥ |
| ڳاني ٻجاني جي بازار | ٢٥٨ |
| ڳالهه | ٢٦٣ |
| اني جي راجا جو بيان | ٢٦٤ |

## باب اٺون — فصل پهريون

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| اسان جي سمنڊ رستي سفر جو بيان | ٢٦٦ |
| هنتي جو راجا | ٢٦٨ |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ان جوڳيءَ جي ڳالهه | ۲۶۸ |
| هنور جي بادشاه جو بيان | ۲۷۲ |
| هن جي ڪاڏي جو نمونو | ۲۷۲ |
| ڪارن سرچڻ جو بيان | ۲۷۷ |
| هٿي جي راڄا جو بيان | ۲۷۹ |
| هٿي جي بادشاه جو بيان | ۲۸۰ |
| هٿي جي بادشاه جو بيان | ۲۸۲ |
| جامع مسجد جي سامهون عجيب شان وارو وڻ | ۳۸۳ |
| ڳالهه | ۲۸۵ |
| هٿي جو راڄا | ۲۸۶ |
| **فصل ٻيو** | |
| چين جا جهاز | ۲۸۸ |
| اسان جو چين جي سفر تي سنبرڻ ۽ تباهيءَ جو اچڻ | ۲۹۰ |
| دار چيني ۽ بقم | ۲۹۴ |
| هٿي جو راڄا | ۲۹۵ |
| اسان جو سنداپور تي ڪاهي وڃڻ ۽ فتحياب ٿيڻ | ۲۹۷ |
| **فصل ٽيون** | |
| هٿي جا وڻ | ۳۰۳ |
| هن ٻيٽ جا باشندا ۽ انهن جي رهائش | ۳۰۴ |
| هٿي جون عورتون | ۳۰۸ |
| هنن ٻيٽن ۾ اسلام پکڙڻ جو سبب | ۳۱۰ |
| هنن ٻيٽن جي حڪمران ملڪه | ۳۱۳ |
| وزير، ان جون خلعتون ۽ ٻيا عهديدار | ۳۱۵ |
| مان هنن ٻيٽن ۾ ڪيئن آيس | ۳۱۵ |
| وزير جا مون تي ڪي احسان | ۳۲۰ |
| **فصل چوٿون** | |
| وزير جو رخ بدلجڻ ۽ منهنجو اتان هليو وڃڻ جو ارادو ڪرڻ | ۳۲۲ |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| سنهنجي هنن سان عيد ڪرڻ | ٣٢٤ |
| منهنجي شادي ڪرڻ، ۽ منهنجو قاضي مقرر ٿيڻ | ٣٢٦ |
| وزير عبدالله بن محمد الحرضرمي، جنهن ڪي سلطان شهاب الدين "سويد" جي پيٽ ۾ جلاوطن ڪري موڪليو هو، جو اچڻ ۽ منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ اڻبڻت ٿيڻ | ٣٢٨ |
| منهنجي هنن ڪان جدائي ۽ ان جو سبب | ٣٢٩ |
| هڪ پستان واري عورت | ٣٣٤ |

فصل پهريون

باب نائون

| | |
| --- | --- |
| سيلان جو راجا | ٣٣٨ |
| آني جو بادشاه | ٣٤١ |
| ديـاقـوت | ٣٤٢ |
| بـالـدر | ٣٤٣ |
| اڏامندڙ چوُر | ٣٤٤ |

فصل ٻيو

| | |
| --- | --- |
| سرانديپ جو جبل | ٣٤٦ |
| قدم شريف | ٣٤٧ |

فصل ٽيون

| | |
| --- | --- |
| معبر جي ملڪ جو بادشاه | ٣٥٢ |
| منهنجو سلطان غياث الدين وٽ پهچڻ | ٣٥٣ |
| اسان جو سفر ۾ زالن ۽ ٻارن جي قتل جو وحشتناڪ نظارو ڏسڻ | ٣٥٤ |
| ڪافرن سان لڙائي ۽ اسلام جي شاندار فتح | ٣٥٦ |
| بادشاه جـو فوت ٿيڻ ۽ سندس ڀائٽي جو تخت تي ويهڻ ۽ منهنجو اتان روانو ٿيڻ | ٣٦٠ |

فصل چوٿون

| | |
| --- | --- |
| هرزو ڊاڪن جو اسان کي ڦرڻ | ٣٦٤ |

Marfat.com

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| بنگال جو بادشاھ | ٣٦٨ |
| ڳالھ، | ٣٦٩ |
| شيخ جلال الدين جو بيان | ٣٧٠ |
| سندس ڪرامت | ٣٧٠ |
| سندس ٻي ڪرامت | ٣٧١ |
| شيخ جون ٻيون عجيب ڪرامتون | ٣٧٢ |

---

Marfat.com

# ديباچو

خداوند ڪريم جا لک شڪرانا، جو اڄ منهنجي دل جي هڪ مراد پوري ٿي آهي، جنهن لاءِ مون کي عرصي دراز کان انتظار هو. اصل ۾ مون کي اڊوينچر (Adventure) يا حقيقت تي بنياد رکندڙ پُرخطر ڪهاڻيون، قصا يا آپ بيتيون ننڍيءَ عمر کان وڻنديون آهن. مون کي ياد آهي ته مان جڏهن پڙهڻ لائق ٿيو هوس، تڏهن مون کي الف ليليٰ جي قصن مان قصو، چار درويش، حاتم طائي ۽ ان جا ڏاڪڙا، سندباد سيلانيءَ جا جڙيل سنڌي قصا ڏاڍا پسند ايندا هئا ۽ انهن جي سفرن ۽ ان ۾ ڏنل ڳالهيون ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان رات جو دير تائين پڙهندو رهندو هوس، ۽ ائين محسوس ٿيندو هوم، ڄڻ ته مان خود به انهن سان گڏ خيالي دنيا ۾ گڏ هلندو ٿي رهيس. جيتوڻيڪ مٿيان سڀ قصا فرضي هئا ۽ جلد پڙهي ختم ڪيم، تڏهن به انهن جي پيٽ ۾ مون کي پيا ديون ۽ پرين جا فرضي قصا اصل ڪين وڻندا هئا. ان کان پوءِ هڪ اهڙو به دور آيو، جو انگريزي جاسوسي ناولن تان ترجمو ٿيل، سنڌي جاسوسي ناول پڙهڻ شروع ڪيم، ۽ پنجين يا ڇهين درجي تائين پڙهي ختم ڪري ڇڏيم. پوءِ وري ٻئي قسم جي ادب ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويم، تان جو جڏهن بي - اي جو امتحان، عربي سبجيڪٽ سان، پاس ڪيم، تڏهن هڪ استاد کان مصر ۾ ڇپيل ”ابن بطوطه ۽ ان جا سفر“ رنگين باتصوير رسالو وٺي پڙهيم. اُن مون کي ايترو ته لطف ڏنو، جو اڳيون سڀ ياديون تازيون ٿيڻ لڳيون ۽ هڪ دفعو وري اڊوينچر (Adventure) قسم جي ناولن پڙهڻ ۾ شوق جاڳيو.

سولـيءَ ۽ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ ڀي سال ڪافي نه هئا، پر مون محنت ڪري، سنڌيءَ جي علم ادب جي خدمت ڪرڻ خاطر، هن ڪتاب ۾ پنهنجي حتي المقدور ڪوشش صرف ڪئي آهي. اميد ته هيءُ ڪتاب تاريخي ذوق رکندڙ حضرات ۽ سنڌي علم ادب جي شائق سڄڻن لاءِ ڪافي دلچسپ ثابت ٿيندو.

وَ آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

محمد ابراهيم عباسي
بي - اي، بي - ٽي - ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد سنڌ
١٩ اپريل ١٩٥٩ع

# ابن بطوطه جي سوانح حيات

ابن بطوطه جي حياتيءَ متعلق وڌيڪ ڄاڻ ڪانه آهي، پر رڳو ايترو ئي معلوم آهي، جيڪو هو خود پنهنجي زباني، پنهنجي سفرن جي دوران ۾ ٻڌائي ٿو.

ابن جزي، جيڪو سندس سفرن جو اصل مؤلف ۽ مدير آهي، تنهن جي لکڻ موجب هو طنجير (Tangier) جي شهر ۾ ٢٤ فبروري سن ١٣٠٤ع ۾ ڄائو هو، ۽ سندس سفرن جي تفصيل وار بيان موجب، معلوم ٿو ٿئي ته هن جي موراڪو موٽڻ کان پوءِ هن کي انهي موراڪي جي هڪ شهر ۾ قاضيءَ جو عهدو ڏنو ويو هو، جتي هو سن ١٣٦٨ع يا ١٣٦٩ع ۾ وفات ڪري ويو. هن جو اصل نالو محمد بن عبدالله هو. ابن بطوطه سندس خانداني لقب هو. اهو خاندان اڃا به موراڪو ۾ موجود آهي. سندس حياتيءَ جو وڌيڪ احوال سندس سفرن مان خود سندس زباني هن ڪتاب ۾ موجود آهي، پر تنهن هوندي به اسان سندس سڀني سفرن جو مختصر بيان هيٺ ڏيون ٿا، ته ڪيئن هن کي پهريائين سفر جو شوق ٿيو ۽ ڪيئن هو هندستان ۾ آيو.

زير نظر ڪتاب ۾ رڳو سندس انهيءَ سفر بابت احوال آهي، جيڪو هن سنڌ، هندستان ۽ آسپاس جي ڪن مختلف ملڪن ۾ ڪيو هو.

## ابن بطوطه جي سفر جو اختصار

ابن بطوطه جي سفر پڙهڻ وقت معلوم ٿيندو ته هن اٺين صدي هجريءَ ڌاري، ان وقت جي دنيا جي تقريباً سڀني آباد

ملڪن جو سفر ڪيو هو. هڪ طرح سان ڏٺو وڃي ته ان وقت رکيو هن هڪ ٻئي شخص اهڙو سفر ڪين ڪيو هو، بلڪ هن وانگر ٻيا به ڪيترائي سياح هئا، پر ٻين سياحن جي گهٽي خبر ڪانه ٿي پئجي سگهي، ڇو ته هنن "ابن بطوطه" وانگر ڪوبه ڪتاب ڪونه لکيو هو.

ٻاويهن سالن جي عمر ۾ ابن بطوطه سفر تي نڪتو هو، جنهن جي شروعات هن هيئن ڪئي، جو هو پنهنجي ملڪ طنجير مان حج ڪرڻ جي ارادي سان روانو ٿيو هو، ۽ آفريڪا جي سڀني خاص خاص شهرن جو سير ڪندو، مصر ۾ پهتو. اتان عيذاب جي بندر تائين اچي پهتو، جتان سندس ارادو مڪي معظم ڏانهن وڃڻ جو هو. اهو بندر عدن کان ٿورو ئي پري آهي. پر انهن ڏينهن اتي جو بادشاه منگولن سان لڙائي ڪري رهيو هو، تنهنڪري جهاز ملي ڪين سگهيس ۽ ابن بطوطه واپس مصر هليو ويو، جتان سنه ٧٢٦ هجريءَ جي شعبان مهيني ۾ شام ڏانهن هليو ويو، جتي دمشق وڃي، وقت جي ڪن مشهور عالمن کان علم حديث ۽ فيض حاصل ڪيائين. اتان ساڳئي سال شوال جي مهيني ۾ حاجين جي هڪ قافلي سان مديني شريف ۽ اتان مڪي معظم ۾ پهتو. اتي حج ڪرڻ کان پوء مجمين جي هڪ قافلي سان گڏجي، هو عراق ۾ پهتو، جتان نجف اشرف جي زيارت ڪري، هو بغداد هليو ويو. اتان واسطه ۽ اتان وري رواق ۾ پهچي، سيد احمد رفاعيءَ جي قبر جي زيارت ڪري، اتان بصري ۾ پهتو، جتان اچي ايران کان نڪتو. ڪجهه ڏينهن وشوستر ۾ رهي، اصفهان کان ٿيندو، هو وڃي شيراز کان نڪتو، جتي قاضي مجدالدين شيرازيءَ سان ملاقات ۽ شيخ ابو عبدالله خفيف ۽ شيخ سعدي عليه الرحمت جي قبرن جي زيارت ڪيائين. اتان وري گازرون جي بندر تي پهتو، جتان وري عراق ويو ۽ ڪوفي کان ٿيندو وڃي بغداد پهتو. ان وقت بغداد ويران ٿي ويو هو، پر تڏهن به ڪافي وڏو شهر هو. هو اتان موصل ۽ ماردين کان ٿيندو، وري ٻئي حج لاءِ

سنه ٧٢٨ هجريءَ ۾ مڪي معظم ڏانهن هليو ويو. هڪ سال اتي ترسي، پوءِ جدي ويو، جتان جهاز ۾ چڙهي، آفريڪا جو سير ڪندو، وڃي يمن ۾ پهتو. وري عدن مان هڪ جهاز رستي هو مقدشو ڏانهن ويو. جيڪو آفريڪا جي اڀرندي ڪناري تي آهي. اتان زنزيبار ۽ ممباسا جي ٻيٽن مان گهمندو، جهاز ۾ چڙهي، عربستان جي ڏاکڻين ڪناري تي حضرموت جي ظفار شهر ۾ پهتو. اتان وري عمان کان ٿيندو، هرموز جي شهر ۾ پهتو، جتان هو اتي جي سخي بادشاه تهمتن سان ملاقات ڪري، اناطول ڏانهن ويو. اتي هر هنڌ فساد لڳا پيا هئا ۽ اڃا تازو اتي عثمانيه خاندان جو بنياد پيو هو. اتان جي بروصه شهر کان ڪاري سمنڊ جي ڪناري وارا شهر گهمندو، وڃي قبچاچ کان نڪتو، جتان ڇهن مهينن جو رستو لتاڙي ڪريميا ۾ پهتو، جتي ان وقت سلطان ازبق، هڪ مسلمان بادشاه حڪمران هو. هو چنگيز خان جي اولاد مان هو ۽ روس جو ڪجھ ملڪ سندس حڪومت ۾ داخل هو ۽ وولگا نديءَ تي سراءِ نالي شهر سندس تخت گاهه هو. اتان هو بلغار ڏانهن ويو. اهو رمضان جو مهينو هو ۽ وڏن ڏينهن ٿيڻ جي موسم پڻ هئي، تنهنڪري مغرب ۽ عشا جي نماز ٿي پڙهجي مس پوري ٿيندي هئي ته صبح ٿي ويندو هو. اتان هن جو ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو ارادو هو، پر عيد جي ڏينهن اتفاق سان هو بادشاه جي ڪئمپ ۾ هليو ويو، جتان جڏهن هو حاجي ترخان جي شهر ۾ بادشاه وٽ آيو، تڏهن ان وقت بادشاه جي هڪ ملڪه، جيڪا ڪنهن نصراني بادشاه جي ڌيءَ هئي، قسطنطنيه وڃڻ جي بادشاه کان اجازت گهري. پوءِ ابن بطوطه هن ملڪه سان گڏجي قسطنطنيه ويو، جتان واپس سراءِ جي شهر ۾ ويو. اتان هو دشت جي رستي خوارزم ويو، جتان بخارا ڏانهن هليو ويو. اتي ڪجهه وقت هو سلطان علاؤالدين طرم شيرين، ترڪستان جي بادشاه جي دربار ۾ رهيو. اهو بادشاه چنگيز خان جي اولاد مان هو. اتان هو سمرقند ويو، جتان بلخ ۽ هرات مان ٿيندو جام، مشهد

Marfat.com

شريف، نيشاپور ڏسندو، قندار جي رستي هندوڪش کان ٽپندو، الوراب ۽ پنج سين جي رستي پشائي ۽ پروان مان گهمندو، غزنيءَ، تنهن کان پوءِ وري ڪابل کان هلي اچي سنڌ ۾ پهتو. ان کان پوءِ سندس هيءُ سفر شروع ٿئي ٿو، جنهن جا سڀ احوال هن ڪتاب ۾ سڌا سنوان تفصيل وار ڏنل آهن.

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

## فصل پهريون

# درياءِ سنڌ

سنہ ٧٣٤ هجري جي ماه محرم الحرام جي پهرين تاريخ اسين سنڌو درياءَ تي اچي پهتاسين. ان درياءَ کي پنج آب (پنجاب) به ڪري چوندا آهن. هيءُ درياءُ دنيا جي تمام وڏن دريائن مان هڪ شمار ڪيو ويندو آهي. گرميءَ جي مند ۾ هن کي چاڙهہ ٿيندو آهي، ۽ جهڙيءَ طرح مصر جي باشندن جي زراعت جو مدار نيل نديءَ جي چاڙهہ تي آهي، اهڙيءَ طرح هن ملڪ جي رهاڪن جي زندگي به هن درياءَ جي چاڙهہ تي منحصر آهي. هتان کان وٺي سلطان محمد شاهہ، (١) هندستان ۽ سنڌ جي مسلمان بادشاهہ جي حڪومت شروع ٿئي ٿي.

جڏهن اسين هن درياءَ تي پهتاسين، تڏهن بادشاهہ جا اخبار نويس اسان وٽ آيا ۽ اسان جي اچڻ جي خبر يڪدم ملتان جي حاڪم قطب الملڪ کي ڏياري موڪليائون. بادشاهہ جي طرفان انهن ڏينهن سنڌ جو امير سرتيز (٢) هو. هيءُ شخص بادشاهہ جو

---

(١) هيءُ، غياث الدين تغلق، جيڪو تغلق گهراڻي جو پهريون حاڪم هو، تنهن جو پٽ هو. سندس اصل نالو جونا خان هو، ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ محمد شاه تغلق جي لقب سان تخت تي ويٺو.

(٢) سرتيز (عمادالملڪ)، پنهنجي قوم جو سردار ۽ بادشاهہ محمدشاه تغلق جو نائي ۽ فوج جو سپهہ سالار هو. سنہ ٧٤٨ هجري ۾، هو جڏهن دکن ۾ حسن ڪاڪوئي بهمنيءَ جي بغاوت بند ڪرڻ ۾ مصروف هو، تڏهن هڪ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو.

غلام ۽ فوج جو سپہ سالار ھو. جڏھن اسين سنڌ ۾ پھتاسين، تڏھن شھر جو امير سيوستان (١) ۾ ترسيل ھو.

سيوستان کان ملتان تائين ڏھن ڏينھن جو رستو آھي ۽ ملتان کان دارالخلافہ دھليءَ تائين پنجاھہ ڏينھن جو رستو آھي. اخبار نويس جيڪا خبر بادشاھہ کي لکندا آھن، اھا ھن وٽ ٽپال جي ذريعي پنجن ڏينھن ۾ پھچي ويندي آھي.

ٽپال کي ھن ملڪ ۾ بريد (٢) چوندا آھن، جيڪا ٻن قسمن جي ٿيندي آھي، ھڪ گھوڙي واري ۽ ٻي پيادي. گھوڙي واريءَ ٽپال کي ”اولاق“ چوندا آھن ۽ ھر چئن ڪوھن کان پوءِ گھوڙو بدلايو ويندو آھي. ھي گھوڙا بادشاھہ جي طرفان مليل ھوندا آھن. پيادي ٽپال جو انتظام وري ھيئن ٿيندو آھي، جو ھڪ ميل ۾، جنھن کي ھتي جا ماڻھو ”ڪروھہ“ (٣) چوندا آھن، ٽي چونڪيون پيادن جون ھونديون آھن. انهن چونڪيءَ کي ”داوھہ“ (٤) ڪري سڏيندا آھن. وري ھر ھڪ ميل جي ٽئين حصي جيتري فاصلي تي ھڪ ڳوٺ ٻڌل ھوندو آھي ۽ اھڙي ھر ھڪ ڳوٺ جي ٻاھران پيادن لاءِ ھڪ حاطو (چونڪي) ٺھيل ھوندو آھي. ھر ھڪ حاطي ۾ پيادا ڪمر ڪشيو بيٺا ھوندا آھن، جن مان ھر ھڪ پيادي وٽ ھڪڙي ٻہ گز ڊگھي لٺ ھوندي آھي، جنھن جي مٿئي تي ٽامي جا گھنگھرا ٻڌل ھوندا آھن.

---

(١) شھر سيوستان مان ابن بطوطہ جو مطلب سيوھڻ (ضلعو دادو) آھي.

(٢) عربيءَ ۾ قاصد يا ٻارنھن ميلن جي مفاصلي کي بريد چوندا آھن. گب صاحب لکي ٿو تہ ھن قسم جي پوسٽل سروس رڳو سرڪاري ڪمن لاءِ مقرر ھوندي ھئي ۽ اھا عام ماڻھو خانگي طرح سان انھن وقتن ۾ ڪڏھن بہ استعمال ڪري ڪين سگھندا ھئا.

(٣) ڪروھہ ۽ ڪرھہ ھڪ ئي لفظ. سنڌ ۾ ھن وقت ٻن ميلن جي مفاصلي کي ڪرھہ چوندا آھن

(٤) داوھہ = دابہ = ڏابو (من جانب مڪرمي جناب مھربان استاد صاحب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

آهي، ايتري قدر جو کين وڏا وڏا عهدا پڻ بخشيندو آهي. سندس خاص درباري، حاجب (خط لکندڙ) وزير، قاضي ۽ نائي گهڻو ڪري غير ملڪي ماڻهو هوندا آهن. هن جو حڪم آهي ته "پرديسيءَ کي هميشه عزيز ڪري سڏيو وڃي." انهيءَ ڪري ٻاهريان ماڻهو سڀ عزيز جي لقب سان سڏيا ويندا آهن.

جيڪو شخص بادشاهه جي سلام تي ويندو آهي، سو هن لاءِ ڪو نه ڪو تحفو ضرور کڻي ويندو آهي، ڇو ته اهو سڀني کي معلوم آهي ته بادشاهه انهن تحفن جي عيوض پيٽو يا ڏيڍو انعام ضرور ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري سنڌ جي ڪن سوداگرن جو اهو پيشو ٿي ويو آهي ته هو اهڙي شخص کي هزارها دينار قرض ڏيندا آهن، ان لاءِ تحفا تيار ڪندا آهن، کيس نوڪرن، گهوڙن ۽ (شاناٿي) سواريءَ جو انتظام ڪري ڏيندا آهن، ۽ نه رڳو ايترو بلڪ پاڻ به نوڪرن وانگر ان جي اڳيان هٿ ٻڌيو بيٺا هوندا آهن، پوءِ جڏهن اهو شخص بادشاهه جي سلام کان شرفياب ٿيندو آهي ۽ کيس انعام ملندو آهي تڏهن هو انهن سوداگرن جو سمورو قرض ادا ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح هي سوداگر تمام گهڻو نفعو حاصل ڪندا رهندا آهن.

مان به جڏهن سنڌ ۾ پهتس تڏهن اهو ئي طريقو اختيار ڪيم ۽ اهڙن سوداگرن کان گهوڙا، اٺ ۽ غلام خريد ڪيم. هڪ عراق جو سوداگر جنهن جو نالو محمد دوري هو ۽ تڪريت (۱) جو رهواسي هو، تنهن کان شهر غزنيءَ ۾ ٽيهه گهوڙا ۽ هڪ اٺ، جنهن تي تير ۽ ڪمان لڏيل هئا، خريد ڪيم، ڇو ته اهڙيون ئي شيون بادشاهه کي تحفي طور ڏنيون وينديون هيون. جڏهن اهو سوداگر خراسان کان واپس آيو، تڏهن اچي مون کان پنهنجو قرض گهريائين ۽ تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيائين، ايتري قدر جو هو فقط منهنجي ڪري ئي هڪ وڏو

---

(۱) عراق ۾ بغداد ۽ موصل جي وچ تي هڪ وڏو شهر آهي.

Marfat.com

واپاري ٻنجي ويو. اهوئي شخص ڪيترن سالن کان پوءِ وري مون سان حلب جي شهر ۾ مليو. اتي جي ڪافرن (١) مون کان منهنجي تن جا ڪپڙا ٻه ڦري ورتا هئا، پر هن شخص منهنجي ڪابہ مدد ڪانہ ڪئي.

---

(١) حلب جي ڪافرن مان ابن بطوطہ جو مطلب دريائي ڌاڪو ٿي سگهي ٿو، جيڪي ان وقت ڪٿي قابض هئا.

## فصل ٻيون

# خوفناڪ گينڊو

جڏهن اسين سنڌو درياءَ، جيڪو پنج آب مشهور آهي، پار ڪري هڪڙي گهاٽي جهنگل ۾ گهڙياسين، جتان رستو ٿي لنگهيو، ته اتي اوچتو اسان گينڊو ڏٺو. هيءُ حيوان رنگ جو ڪارو ۽ وڏي جسم وارو ٿيندو آهي. هن جو مٿو تمام وڏو ٿيندو آهي. ڪن جو مٿو وڏو ۽ ڪن جو ننڍو پڻ ٿيندو آهي. انهيءَ لاءِ هڪ مثال مشهور آهي ته ”ڪر ڪردن (١) سر بي بدن“. هيءُ جانور هاٿيءَ کان ننڍو ٿيندو آهي. پر اُن جو مٿو هاٿيءَ جي مٿي کان گهڻو وڏو ٿيندو آهي ۽ ٻنهي اکين جي نيڪ وچ تي، پيشانيءَ جي مٿان هڪ سڱ ٿيندو اٿس، جنهن جي ڊگهائي ٽي هٿ ۽ ويڪرائي هڪ گرانٺ کن ٿيندي. جڏهن اهو گينڊو جهنگل مان نڪتو، تڏهن اُن جي سامهون هڪ سوار اچي ويو. گينڊي

---

(١) ڪرڪردن عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گينڊو. هيءُ ٻن قسمن جو ٿيندو آهي: (١) هڪ سڱ وارو، (٢) ٻن سڱن وارو. ٻن سڱن وارو سوماترا ۽ جاوا ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ ڪڏهن چٽگانگ ۽ برما ۾ پڻ ليندو آهي. هڪ سڱ وارو گهڻو ڪري آفريڪا ۾ ٿيندو آهي، پر ڪڏهن برهمپترا (نديءَ) جي ڪناري تي به ڏسڻ ۾ ايندو آهي. گهڻو ڪري هيءُ جانور گپ ۽ ڏٻڻ وارن هنڌن تي رهندو آهي. وڏي مٿي ۽ سڱ جي ڊگهائي ۽ ويڪرائيءَ بيان ڪرڻ ۾ ابن بطوطه مبالغو ڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اُن جي جسم جي مناسبت کان اُن جو مٿو وڏو ٿو ٿئي، پر اُن جو مٿو هاٿيءَ جي مٿي کان ڪڏهن وڏو ڪين ٿيندو آهي. اُن جي کل جيڪا ڪاري ۽ ٿلهي ٿيندي آهي تنهن مان تکو خنجر يا چاقو لنگهي ڪين سگهندو آهي. انهيءَ ڪري اُن جي کل مان ڍالون ناهيون وينديون هيون. — مترجم

گهوڙي تي (حملو ڪيو) ۽ پنهنجو سڱ اهڙو ته زور سان هنيائين، جو سوار جي سڄي ران چيرجي پيئي ۽ هو ڌڙو وڃي زمين تي ڪريو. ان بعد آهو گينڊو جهنگل ۾ ائين گم ٿي ويو، جو وري ان جو ڪٿي پتو به ڪين پيو.

انهيءَ رستي سان هڪ ڏينهن عصر جي نماز ڪان پوءِ وري ٻئي دفعي مون گينڊو ڏٺو، جو ان وقت گاهه چري رهيو هو. اسان ان کي مارڻ جو ارادو ڪيو پر هو ڀڄي ويو. ان بعد هڪ دفعي اسان بادشاهه جي سواريءَ سان گڏ هئاسين ۽ جهنگل مان وڃي رهيا هئاسين، ته وري به مون گينڊو ڏٺو. بادشاهه هاٿيءَ تي سوار هو ۽ مان پڻ ٻئي هاٿيءَ تي ويٺل هوس. سوار ۽ پيادا گينڊي کي يڪدم گهيري ۾ وٺي آيا ۽ ان کي ماري وڌائون. پوءِ سندس سر کڻي ڪئمپ ۾ ڪٺي آيا.

پوءِ اسان سنڌو نديءَ کان ٻه ڏينهن پنڌ ڪري اچي جناڻيءَ (١) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ سنڌو ندي جي ڪناري تي هڪ وڏو ۽ سهڻو شهر آهي ۽ منجهس وڻندڙ بازاريون آهن. هن شهر ۾ سومرا قوم جا ماڻهو آباد آهن، جيڪي قديم زماني کان هتي رهندڙ آهن، جيئن "سنڌ جي فتح" ۾ مورخ لکي ٿو ته "حجاج بن يوسف جي وقت ۾ سنڌ فتح ٿي، ته هنن جا وڏا هن شهر ۾ رهندا هئا."

شيخ رڪن الدين بن شيخ شمس الدين بن شيخ بهاؤالحق ذڪريا ملتانيءَ (رح) مون کي ٻڌايو ته سندس پڙ ڏاڏو، محمد ابن قاسم قريشي فاتح سنڌ جي ان لشڪر ۾ موجود هو، جيڪو حجاج بن يوسف عراق کان موڪليو هو. پوءِ هو هن ملڪ ۾ ترسي پيو ۽ هن جو اولاد وڌي ويو. هيءُ شيخ رڪن الدين اهو

---

(١) هن شهر جو هن وقت پتو نه آهي ته ڪٿي آهي پر گب صاحب جي تحقيقات موجب اهو شهر ضرور سکر روهڙيءَ جي وچ تي ٻڌل هوندو، جو هن وقت ختم ٿي، زبون حالت کي پهچي ويو آهي. — مترجم

آهي، جنهن جي باري ۾ مون کي شيخ برهان الدين اعرج (۱) اسڪندريا جي شهر ۾ چيو هو ته تون ان سان ملندين.

هي سومرا قوم جا ماڻهو ڪنهن سان به گڏ ڪين کائيندا آهن ۽ جڏهن به هو کائيندا آهن تڏهن ڪوبه شخص هنن جي طرف ڏسڻ جي جرئت ڪري ڪين سگهندو آهي. هو پنهنجي قوم وارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به مائٽي ڪين ڳنڍيندا آهن. ان زماني ۾ سنڌن سردار "ونار" (۲) نالي هڪ شخص هو جنهن جو اڳتي هلي بيان ڪندس. ان بعد شهر جنانيءَ کان ڪوچ ڪري اسين شهر سيوستان ۾ اچي پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي ۽ اهڙي هڪ ريگستان ۾ آباد آهي، جتي ڪرڙ کان سواءِ ٻيو ڪوبه وڻ ڪونه آهي.

هتي جي واهه (۳) جي ڪناري تي، سواءِ گدرن جي پوک جي ٻي ڪابه شيءِ پوکي نٿي سگهجي. هن شهر جا ماڻهو جوئر

---

(۲) شيخ برهان الدين اعرج ابن بطوط کي اسڪندريه (مصر) ۾ مليو هو ۽ کيس ٻڌايو هئائين ته سنڌ ۾ هو شيخ رڪن الدين سان ملندو. هن پيشنگوئيءَ جو سچو بيان "ابن بطوط جو سفر"- حصي پهرئين ۾ آيل آهي. — مترجم

(۳) ابن بطوط جو مطلب "جام انڙ" آهي. عربي ۾ انڙ کي "ونار" ڪري لکيو ويو آهي. — مترجم

(۲) سيوهڻ جي پرسان اڙل واهه آهي، جنهن جي ڪناري تي گدرا ۽ چانهيون پوکيون وينديون آهن. ابن بطوط به شايد سيوهڻ جا گدرا ۽ چانهيون ڏاڍا پسند ڪيا هئا، جو انهن جو بيان خاص طرح سان ڪيو اٿائين. هن وقت ته سيوهڻ چڱو آباد آهي ۽ ڪافي وڻ به اتي موجود آهن. باقي شايد انهيءَ وقت ايئن هجي، جيئن ابن بطوط ٻڌائي ٿو ته ريگستان آهي، وڻن جو نالو ئي ڪونهيس. باقي جابلو پاسو هجڻ ڪري، واري هن وقت به هتي جام آهي، ۽ گرمي به اهڙي ئي بدستور هتي موجود آهي. — مترجم

Marfat.com

۽ جلبان (١) جنهن کي مشڪ به چوندا آهن، جي ماڻي ناهي کائيندا آهن. هتي مڇي ۽ مينهن جو کير جام ملندا آهن. هتي جا ماڻهو اسقنقور (٢) پڻ کائيندا آهن. هيءُ جانور پهرن تي هلندو آهي ۽ گوهه جهڙو ٿيندو آهي، پر ان کي پڇ ڪانه ٿئي. هتان جا ماڻهو ان کي واريءَ مان ڪوٺي ڪڍندا آهن ۽ ان جو پيٽ چيري گندگي صاف ڪري ان ۾ زعفران جي بدران ڪرڪم يعني زردچو (هيڊ) پري پوءِ کائيندا آهن. مون ان جانور کي اصل ڪين ڏٺو، ڇو ته ٻين کي کائيندو ڏسي مون کي ڏاڍي نفرت ايندي هئي.

جڏهن اسين شهر ۾ پهتاسين تڏهن گرمي تمام گهڻي هئي. ان ڪري سنهنجا دوست گهڻو ڪري ننگا رهندا هئا ۽ هڪ وڏو رومال پاڻيءَ ۾ پسائي لنگوٽ ڪري پڌندا هئا، اهڙيءَ طرح ٻيو رومال وري ڪلهن تي رکندا هئا، پوءِ ٿوري ٿوري دير کان پوءِ جڏهن اهي رومال خشڪ ٿي ويندا هئا تڏهن انهن کي وري اڳئن وانگر پسائي، ڍڪيندا رهندا هئا. هن شهر جو خطيب (جامع مسجد جو امام) شيباني آهي، جنهن مون کي اميرالمؤمنين عمر بن عبدالعزيز رضي الله تعاليٰ عنه جو اهو پروانو ڏيکاريو، جو سندس ڏاڏي کي خطيب ٿيڻ وقت مليو هو. هيءُ پروانو ان جي خاندان ۾ پشت به پشت هليو ٿو اچي ۽ ان تي هيءَ عبارت لکيل آهي: ”هذا ما امر به، عبدالله اميرالمومنين عمر بن عبدالعزيز بن فلان“. ان تي تاريخ تحرير سنه ٩٩ هجري لکيل آهي. هن خطيب جو چوڻ هو ته اهي اکر خود خليفي جي هٿ جا لکيل آهن. هن شهر ۾ مون کي هڪ عمر رسيده شخص، شيخ محمد بغدادي نالي مليو، جيڪو عثمان مرونديءَ جي خانقاهه ۾ رهندو هو ۽ ڪنهن شخص مون کي ٻڌايو ته هن شيخ جي عمر هڪ سئو چاليهه

---

(١) جلبان 'A Certain plant or a Certain grain' Lanes Arabic English Lexicon, page 440

(٢) اسقنقور - ريگ ماهي (گلوئي) — مترجم

ورهيہ ڪان بہ متي آهي، ۽ هو خليفي معتصم باالله (١) عباسين جي آخري خليفي جي قتل ٿيڻ وقت، جڏهن هن کي هلاڪو خان بن چنگيز خان ماريو هو، بغداد ۾ موجود هو. هيءُ شخص هيتريءَ عمر هوندي بہ جسم ۾ ڪافي مضبوط هو ۽ چڱيءَ طرح سان گهمي ڦري ٿي سگهيو.

هن شهر ۾ سومرا قوم جو سردار (٢) (امير ونار يا انڙ) ۽ امير قيصر رومي رهندا هئا. اهي ٻئي سلطان جا تابعدار هوندا هئا (٣) ۽ انهن وٽ اٽڪل ١٨٠٠ سوار هئا. هن ئي شهر ۾ "رتن" نالي هڪ هندو (ڪافر) پڻ رهندو هو، جو حسابن ۽ لکپڙهہ ۾ ماهر هو؛ پوءِ هو ڪن اميرن سان گڏجي هندستان جي بادشاهہ (سلطان محمدشاهہ تغلق) وٽ ويو. بادشاهہ کيس پسند ڪري سندس نالو "سند سردار" رکيو ۽ کيس انهيءَ ملڪ جو حاڪم بنائي، سيوهڻ ۽ ان جا پرڳڻا جاگير طور عطا ڪرڻ سان گڏ کيس سڀئي مرتبا جهڙوڪ نقارا، جهنڊو ۽ ٻيون سڀ اهي نشانيون جيڪي وڏن اميرن کي ڏنيون وينديون آهن، عطا ڪيون. هن جي هتي پهچڻ تي "ونار" (انڙ) ۽ قيصر کي هڪ هندوءَ جي اطاعت ڪرڻ مشڪل معلوم ٿي، سو سندس قتل ڪرڻ جو منصوبو سٽيائون. سندس اچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ کيس حال

(١) معتصم بالله عباسي خليفن ۾ آخري خليفو ٿي گذريو آهي. سنہ ٦٥٦ هجريءَ ۾ هلاڪو خان، چنگيزخان جي پٽ، هن کي ڪتي ۾ ويڙهائي، ڏکن سان مارائي ڇڏيو هو. تاريخ الخلفا ۾ "قتل الخليفة رفسا" لکيل آهي، يعني هن کي لتون هڻائي مارايائين. هن خليفي تي بغداد جي خليفن جي حڪومت، جا ٥٢٠ سال کان هلي ٿي آئي، ختم ٿي. — مترجم

(٢) ڊاڪٽر صاحب عمر بن محمد مرحوم جي تحقيقات موجب، ابن بطوطہ هت پڻ ڪئي آهي، ۽ ونار يا انڙ سمن جي خاندان مان هو پر انهي وقت کيس سامرہ يعني سومرن جو سردار مقرر ڪيو هئائون.

(٣) هتان معلوم ٿو ٿئي تہ انهيءَ زماني ۾ سومرا توڙي سما دهليءَ جي بادشاهن جي هٿ هيٺ هئا. سلطان جو لفظ هتي "سلطان محمد شاهہ تغلق" ڏانهن اشارو آهي. — مترجم

## فصل ٽيون

# سنڌونديءَ جو سفر

قاضي علاءُ الملڪ وٽ هڪڙو جهاز هو، جنهن کي ”آهورة“ پئي سڏيائون. جيئن اسان جي ملڪ ۾ ”طريرة“ ٿيندو آهي. اهڙي ٺي نموني جو هيءَ جهاز هو، پر ان کان ”طريرة“ ڪجهه وڏيڪ ۽ گهڻو ڪشادو هو. ان جهاز جي اڌ کي ڍاڪڻ وانگر ڍاڪي ڪجهه مٿانهون ڪيو ويو هو، جنهن تي وري تختا لڳائي ويهڻ جي جڳهه ٺاهي وئي هئي. ان جاءِ تي قاضي ويهندو هو ۽ سندس نوڪر وري ساڄي کاٻي ۽ سامهون ويهندا هئا.

هن جهاز کي چاليهه ملاح هلائيندا هئا ۽ ان سان گڏ چار ننڍيون ٻيڙيون پڻ ان تي موجود هيون، جيڪي ٻه ان جي کاٻي طرف ۽ ٻه ساڄي طرف رکيل هيون. انهن مان ٻن ٻيڙين تي ڳائڻ وارا ويهندا هئا ۽ باقي ٻن تي نقارا، شرنايون ۽ جهانجهو وغيره هئا. جڏهن هيءَ ٻيڙي هلندي هئي تڏهن ڪنهن وقت رڳو وڄت ٿيندي هئي ۽ ڪنهن وقت ڳائيندڙ راڳ شروع ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح صبح کان وٺي ناشتي جي وقت تائين ڳائيندا وڄائيندا هلندا هئا. جڏهن ڪاڌي جو وقت ٿيندو هو، تڏهن سڀ جهاز تي پهچي ويندا هئا. ان بعد دسترخوان وڇايو ويندو هو ۽ جيستائين امير علاءُ الملڪ ماني کائيندو هو تيستائين راڳيندڙ ڳائيندا رهندا هئا، ۽ سڀ کان پوءِ هو کائي پي وري پنهنجي پنهنجي ٻيڙين ۾ هليا ويندا هئا.

جڏهن رات ٿيندي هئي تڏهن جهاز کي درياءَ جي ڪناري تي ٻيهاري زمين تي طنبو لڳايا ويندا هئا، جن مان هڪ ۾ امير علاءالملڪ رات بسر ڪندو هو. جڏهن سڄو لشڪر رات جي

Marfat.com

ماني کائي پوري ڪندو هو ۽ سڀ عشا جي نماز کان فارغ ٿيندا
هئا تڏهن سڀ آرام ڪندا هئا ۽ چوڪيدار واري سان
پهرو ڏيندا هئا. جڏهن هڪڙو چوڪيدار پنهنجو وارو ختم ڪندو
هو تڏهن وڏي آواز سان پڪاري چوندو هو ته يا آخوند ملڪ
هيتري رات گذري چڪي آهي. صبح جي وقت نقارا ۽ شرنايون
وڄڻ شروع ٿينديون هيون. پوءِ صبح جي نماز پڙهي، ماني کائي،
وري اٿي هلندا هئا. جيڪڏهن امير درياءَ جي رستي هلڻ چاهيندو
هو ته وڃي جهاز ۾ ويهندو هو پر جيڪڏهن خشڪيءَ جي رستي
هلڻ تي دل ٿيندي هيس ته سڀ کان اڳ ۾ نقارن وارا هلندا
هئا، ان کان پوءِ حاجب (پوليس جا عملدار) هوندا هئا جن جي
اڳيان ڇهه عدد گهوڙا هوندا هئا، انهن مان ٽن گهوڙن تي نقارا
۽ ٽن تي شرنائون وارا هوندا هئا.

سواريءَ جي ڪنهن ڳوٺ يا شهر وٽان گذرڻ وقت خاص
طرح سان نقارا وڄايا ويندا هئا. ۽ اهڙيءَ طرح هلندي هلندي،
منجهند جي مانيءَ مهل منزل انداز ٿيندا هئا. مان پڻ امير علاءُالملڪ
سان پنج ڏينهن رهيس. آخر پنجين ڏينهن اسين اچي لاهري شهر
۾ پهتاسين. هيءُ نهايت خوبصورت شهر سمنڊ جي ڪناري تي
ٻڌل آهي ۽ درياءَ سنڌ (سنڌو ندي) پڻ ان جي ڀرسان اچي
ٿو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. اصل ۾ هيءُ شهر هڪ وڏو بندرگاهه
آهي. جتي يمن ۽ فارس جا جهاز ۽ واپاري تمام گهڻا ٿا اچن.
انهيءَ ڪري ئي هيءُ شهر تمام مالدار آهي. هتي محصول تمام
گهڻو وصول ڪيو ويندو آهي.

علاءُالملڪ مون کي ٻڌايو ته هن بندر جو محصول سٺ
لک دينار آهي ۽ کيس ان جو ويهون حصو ملندو آهي، يعني
ڏهين حصي جو اڌ. انهي حساب سان بادشاهه (محمد شاهه تغلق)
پنهنجي ڪاردارن کي جدا جدا علائقا سپرد ڪندو آهي.

Marfat.com

وڏيڪ منهنجي خاطرداري ڪئي. پوءِ اتان بکر (١) ويس. هيءَ هڪ چڱو ۽ خوشنما شهر آهي. درياءَ سنڌ جي هڪ شاخ هن شهر جي بلڪل وچ مان لنگهي ٿي جنهن جو وڌيڪ بيان اڳتي هلي ڪندس. مذڪور شاخ جي وچ ۾ هڪ خانقاه آهي، جتان مسافرن کي کاڌو ملندو آهي. هيءَ خانقاه، ڪشلو خان (جنهن جو بيان اڳتي ايندو) پنهنجي دور حڪومت ۾ ٺهرائي هئي. هن شهر ۾ منهنجي ملاقات فقيه (مولوي) امام الدين حنفي، شهر جي قاضي ابو حنيفه ۽ شيخ شمس الدين محمد شيرازي سان ٿي هئي، جن مان شيخ شمس الدين جي عمر سندس بيان مطابق هڪ سؤ ويهه سال هئي.

پوءِ امان بکر کان هلي اچي آچ (٢) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءَ سنڌونديءَ جي ڪناري تي هڪ وڏو شهر آهي ۽ منجهس تمام عمدي بازار ۽ مضبوط عمارتون آهن. انهن ڏينهن هن شهر جو حاڪم جلال الدين ڪيچي هو، جو بهادريءَ ۽ سخا جي ڪري مشهور هو.

---

(١) هن وقت بکر فقط ان قلعي کي چوندا آهن جو سنڌونديءَ جي وچ ۾ سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ تي آهي. — مترجم

(٢) هيءُ هن وقت آچ بهاول پور رياست ۾ آهي ۽ ملتان کان ستر ميل پري آهي. ڪنهن زماني ۾ پنجاب جون پنج ئي نديون سنڌونديءَ سان آچ وٽ اچي ملنديون هيون، پر هاڻي چاليهه ميل هيٺ مٺن ڪوٽ وٽ اچي ٿيون گڏجن. ناصرالدين قباچه جي وقت ۾ هيءُ شهر سنڌ جو دارالخلافه هو. سادات بخاري ۽ جيلاني هن شهر ۾ رهندا آهن. سيد جلال الدين بخاري ۽ مخدوم جهانيان جا مزار پڻ هن شهر ۾ آهن. — مترجم

Marfat.com

## فصل چوٿون

# بادشاهہ جي سخاوت

هن امير (جلال الدين) سان منهنجي دوستي ٿي ويئي، تنهن ڪري منهنجو هن سان گهڻو ميل جول رهندو هو. ان بعد اسان دهليءَ ۾ پڻ مليا هئاسين. جڏهن بادشاهہ (محمد شاہ تغلق) دولت آباد ويو هو، تڏهن سيد جلال پڻ هن سان گڏجي ويو ۽ ويندي وقت مون کي اجازت ڏيئي ويو هو تہ جيڪڏهن مون کي ڪا ضرورت پوي تہ سندس ڳوٺ جو محصول وصول ڪري ان مان پنهنجو خرچ هلائيندو رهان، تنهن ڪري مون ان (وصولي) مان پنج هزار دينار خرچ ڪري ڇڏيا هئا.

هن شهر ۾ منهنجي ملاقات شيخ قطب الدين حيدري علوي سان ٿي، جيڪو هڪ وڏو عابد، زاهد، متقي ۽ بزرگ شخص هو. هن مون کي پنهنجو چوغو پڻ عنايت ڪيو هو، جيڪو ان ڏينهن تائين مون سانڍي رکيو، جنهن ڏينهن مون کي ڪافر ساموندي ڌاڪن سمنڊ ۾ ڦريو هو. ان بعد اچ مان ڪوچ ڪري اچي ملتان (١) پهتاسين. اهو شهر سنڌ جي ملڪ جو دارالخلافہ

---

(١) ملتان تمام قديم شهر آهي ۽ اڳئين زماني کان وٺي اڄ تائين مشهور آهي. چچ نامي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنہ ٧١٤ع ۾ جڏهن محمد بن قاسم ثقفيءَ هي شهر فتح ڪيو هو، تڏهن ان وقت بياس ندي هن ضلعي جي ڏکڻ ۽ اوڀر تائين وهندي هئي ۽ راوي ندي قلعي ۽ شهر جي وچ مان لنگهندي هئي. انهي وقت هن شهر ۾ مندر ۽ گهڻا ئي بت موجود هئا. ڪن تاريخن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنہ ٨٧٥ع تائين هتي هڪ وڏو بت هوندو هو، جنهن لاءِ سڄي سنڌ ملڪ مان ياتري ايندا هئا ۽ ڏاڙهي ۽ مٿو ڪوڙائي، هن بت واري مندر جو طواف ڪندا هئا. —مترجم

پنھنجي پرسان ويھاريائين. سون کيس ھڪ غلام، ھڪ گھوڙو ۽ ڪشمش ۽ بادام تحفي طور پيش ڪيا. ڪشمش ۽ بادام سند ملڪ ۾ ڪين ٿين، تنھن ڪري اھي تحفي طور ڏنا ويندا آھن ۽ خراسان کان ايندا آھن. ھيءُ امير (قطب الملڪ) ٻه ھڪ ڪشادي ٿاھي تي ويٺو ھو، جنھن تي ھڪ عمدو غاليچو وڇايل ھو. ھن وٽ ھالار نالي شھر جو قاضي، ۽ شھر جو خطيب (پيش امام) جنھن جو نالو مون کي ياد نہ آھي، ويٺا ھئا. سندس ساڄي ۽ کابي فوج جا آفيسر ۽ سپرانديءَ کان مسلح سپاھي بيٺا ھئا. سامھون لشڪر مارچ ڪري رھيو ھو. اتي تمام گھڻيون ڪمانون رکيل ھيون. لشڪر جي جنھن ماڻھوءَ تيراندازيءَ جو ڪمال ڏيکارڻ ٿي چاھيو، تنھن انھن مان ڪا ڪمان کڻي پنھنجي طاقت آھر ان کي استعمال ٿي ڪيو.

جيڪڏھن ڪنھن (فوجي) گھوڙي سواريءَ جو ڪمال ڏيکارڻ ٿي چاھيو تہ ھو پنھنجو گھوڙو ڊوڙائي سامھون ديوار سان اٽڪايل نقاري تي پنھنجي نيزي کي اڇلائي، ان تي نشان ڇڏيندو ٿي ويو. ھڪ ننڍيءَ ديوار تي وري ھڪ منڍي رکيل ھئي، جنھن مان گھوڙي سوار پنھنجو گھوڙو ڊوڙائي، نيزي جي نوڪ ان مان لنگھائي، ان کي کڻي ٿي ويو. اتي ھڪ ڪينھون پڻ موجود ھو، جنھن کي گھوڙي سوار گھوڙي تان چوگان ھڻي پنھنجو ڪمال ڏيکاري رھيو ھو. ھنن راندين ۾ ڪوبہ (فوجي) جيترو ڪمال ڏيکاريندو ھو اوترو ئي ان کي عھدي ۾ ترقي ملندي ھئي.

جڏھن اسان قطب الملڪ وٽ وڃي سندس سلامي پري، تڏھن اسان کي حڪم ڏنائين تہ وڃي شيخ رڪن الدين وارن سان گڏجي رھو. ھنن (شيخ رڪن الدين ۽ ان جي ماڻھن) جو اھو دستور ھوندو ھو تہ حاڪم جي اجازت کان سواءِ ھو ڪنھن کي بہ پاڻ وٽ مھمان ڪري ڪين ٽڪائيندا ھئا.

## هندستان جي بادشاهه جي دربار ۾ اسان جو ٻين مسافرن سان گڏجي وڃڻ

ان شهر ۾ ٻيا به گهڻائي بزرگ شخص آيل هئا، جيڪي بادشاهه جي نوڪريءَ لاءِ دهليءَ وڃي رهيا هئا. انهن مان خداوندزاده (١) قوام الدين ترمذ جو قاضي (پنهنجي خاندان ۽ ٻين سان گڏ)، سندس ڀائر عماد الدين، ضياءُ الدين، برهان الدين سمرقند جو هڪ رئيس مبارڪ شاهه، بخارا جو هڪ رئيس ارن بغا، ملڪ زاده، جو خداوندزاده قوام الدين جو ڀائيجو هو ۽ بدرالدين فصال قابل ذڪر هئا. انهن مان هر هڪ سان گڏ سندس دوست خادم ۽ ٻيا متعلقين پڻ شامل هئا.

ملتان ۾ پهچڻ کان ٻه مهينا پوءِ بادشاهه جو پوشنجي نالي هڪ حاجب ۽ ملڪ محمد هروي ڪوتوال، خداوندزاده قوام الدين جي استقبال لاءِ آيا. انهن سان ٽي غلام به هئا، جن کي بادشاهه جي والده مخدوم جهان، خداوندزاده ۽ سندس بيگم جي استقبال لاءِ روانو ڪيو هو. اهي پاڻ سان خداوندزاده ۽ ان جي اولاد لاءِ خلعتون پڻ کڻي آيا هئا. مون چيو ته منهنجو ارادو آخوند عالم يعني بادشاهه وٽ نوڪري ڪرڻ جو آهي. بادشاهه کي هتي جا ماڻهو آخوند عالم چوندا آهن. بادشاهه جو حڪم هو ته جيڪو شخص خراسان جي طرف کان اچي ۽ سندس ارادو هن ملڪ ۾ رهڻ جو نه هجي ته ان کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو وڃي. جڏهن مون چيو ته منهنجو هن ملڪ ۾ رهڻ جو ارادو

(١) خداوند زاده. فرشته لکيو آهي ته ان وقت جي اصطلاح موجب خداوند زاده ان کي چوندا هئا جو سلاطين غور جي اولاد مان هوندو هو ۽ مخدوم زاده ان کي چوندا هئا جيڪو خلفاء عربيه جو اولاد هوندو هو. ائين ٿو معلوم ٿئي ته خداونده قوام الدين سيد هو ۽ شايد والده جي طرف کان سندس نسب سلاطين غور سان ملندو هوندو، تنهن ڪري هن کي انهيءَ لقب سان سڏيو ٿي ويو.

Marfat.com

آهي تڏهن هڪدم قاضي ۽ گواهه گهرايا ويا ۽ هڪڙي عهدنامي تي مون کان صحي ورتي وئي. منهنجي ساٿين مان ڪن صحي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ مون سفر جي تياري ڪئي. ملتان کان اڳتي چاليهن ڏينهن جو رستو آهي ۽ سڄي رستي سان آبادي هلندي ٿي اچي.

حاجب ۽ ان جي ساٿين خداوندزاده قوام الدين جي مهمانيءَ جو انتظام ملتان کان ئي ڪري ڇڏيو ۽ وٽس بورچي پاڻ سان کنيا هئائون. هيءُ حاجب هڪ هڪ منزل اڳ ۾ روانو ٿيندو هو ۽ خداوندزاده جي منزل تي پهچڻ کان اڳ سڄو انتظام ڪري ڇڏيندو هو. جن ماڻهن جو مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي، سي جدا جدا تنبن ۾ رهندا هئا پر کاڌو هڪ ئي دسترخوان تي خداوندزاده سان گڏجي کائيندا هئا. مان فقط هڪ دفعو انهن سان کاڌي ۾ شريڪ ٿيو هوس. کاڌو هن ترتيب سان آڻيندا هئا: ڦريائين مانيون آڻيندا هئا، جيڪي سنهيون چپاتيون هونديون هيون. ٻڪري کي پچي، ان جا چار ٽڪرا ڪري، هر هڪ ماڻهوءَ جي سامهون رکندا ويندا هئا. پوءِ گيهه ۾ تريل مانيون آڻيندا هئا، جن جي پيٽ ۾ حلوه صابونيه پيريل هوندو هو، ۽ هر هڪ ٽڪيءَ تي هڪ مٺي ماني رکندا ويندا هئا، جنهن کي نشاستي چوندا هئا ۽ ان کي اٽي کنډ ۽ گيهه سان تيار ڪندا هئا. پوءِ هڪ شيءِ آڻيندا هئا جنهن کي سمبوسا ڪري چوندا هئا، جيڪي قيمي ڪيل گوشت ۾ پستا، بادام، جائفل، بصر ۽ گرم مصالحا ملائي، ان جي مٿان تمام سنهي ماني ويڙهي، گيهه ۾ ترڻ سان ناهيندا هئا. هر هڪ شخص جي اڳيان چار يا پنج سمبوسا رکندا هئا. ان بعد گيهه ۾ رڌل چانور آڻيندا هئا، جنهن جي مٿان هڪ پڪل ڪڪڙ هوندو هو. پوءِ لقيمات القاضي آڻيندا هئا جنهن کي هاشمي به چوندا هئا. آخر ۾ قاهريه آڻيندا هئا. کاڌي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ حاجب دسترخوان تي اٿي بيهندو هو ۽ سڀني حاضرين سان گڏجي بادشاهه جي تعظيم ڪندو هو.

Marfat.com

تعظيم هن ملڪ ۾ هيءَ آهي جو مٿو رڪوع وانگر هيٺ جهڪائيندا آهن. جڏهن هي سڀ ڪري رهندا آهن تڏهن دسترخوان تي ويهي رهندا آهن ۽ کاڌي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ چانديءَ، سون، ۽ شيشي جي پيالين ۾ مصريءَ ۽ گلاب جو شربت پي پورو ڪندا آهن. ان کان پوءِ حاجب بسم الله چوندو آهي ۽ ان وقت سڀئي کاڌو کائڻ شروع ڪندا آهن. کاڌي ختم ٿيڻ تي فقاع (۱) جا پيالا ايندا آهن. جڏهن فقاع پي پورو ڪندا آهن تڏهن پان سوپاري آڻيندا آهن ۽ پان سوپاريءَ کان پوءِ حاجب بسم الله چوندو آهي ته سڀ، وري اٿي بيهندا آهن ۽ جيئن کاڌي کان اڳ تعظيم ڪئي هئائون اهڙيءَ طرح پوءِ به ساڳيءَ طرح ڪري، دسترخوان تان اٿي هليا ويندا آهن.

پهريون شهر جنهن ۾ ملتان کان هلي اچي لٿاسين، اهو هو ابوهر (۲) جيڪو هندستان جي شهرن مان پهريون شهر آهي. هيءُ هڪ ننڍو ۽ خوبصورت شهر آهي، جنهن ۾ عمديون عمارتون آهن، منجهس نهرون ۽ وڻ به جام آهن. اسان جي ملڪ جي وڻن مان سواءِ ٻير جي وڻ جي ٻيو ڪو به وڻ هتي ڪين ٿئي. ٻير اسان جي ملڪ جي ٻير کان وڏو ۽ تمام مٺو ٿيندو آهي ۽ حبة العفص (۳) داڻي جي برابر ٿيندو آهي.

---

(۱) فقاع لغت ۾ پيلي رنگ واري شيءِ ڪري لکيل آهي، تنهن ڪري هيءَ ضرور ڪا پيڻ جي شيءِ هوندي جيڪا هن وقت استعمال نٿي ڪئي وڃي. — مترجم

(۲) اوله پنجاب جي ضلعي فيروزپور ۾ پاڪ پٽن ۽ سرسه واري رستي سان، پاڪ پٽن کان اٽڪل سٺ ميل ڪن پري دهليءَ جي طرف سائوٿ پنجاب ريلوي تي موجود آهي. — مترجم

(۳) حبة العفص: ماوا (پسار جي دوائن سان هڪ دوا، جنهن جا ٻير جيڏا داڻا ٿيندا آهن ۽ انهن کي دلي تي گهي، اکين ۾ قلي پوڻ ڪري وجهندا آهن.) — مترجم

138515

# باب ٻيون

## فصل پهريون

### هندستان جي وڻن ۽ ميون جو بيان

هندستان جو هڪ ميوو انب ٿيندو آهي. ان جو وڻ نارنگيءَ جي وڻ جهڙو ٿيندو آهي پر ان کان گهڻو وڏو ۽ وڏيڪ پنن وارو ٿيندو آهي. ڇانو به گهاٽي ٿيندي اٿس، پر جو به ماڻهو ان جي ڇانوَ ۾ ننڊ ڪندو آهي سو سست ٿي پوندو آهي. ان جو ميوو آلو بخاري کان وڏو ۽ پچڻ کان اڳ سائي رنگ جو ٿيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن وڻ مان ڪري پوندو آهي ته ان ۾ لوڻ وغيره وجهي آچار ٺاهيندا آهن جيئن اسان جي ملڪ ۾ ڪناٽي ۽ ليمي جو آچار ٺاهيندا آهن، اهڙيءَ طرح سان هتي ادرڪ ۽ مرچ جو آچار پڻ ٺاهيندا آهن ۽ هر هڪ لقمي سان گڏ ٿورو آچار کائيندا رهندا آهن.

جڏهن خريف جي موسم ۾ انب پچندو آهي ته جڏهن پيلي رنگ جو ٿي ويندو آهي ۽ ان کي صوف وانگي کائيندا آهن. ڪي ماڻهو ان کي ڇلي کائيندا آهن ۽ ڪي ان کي چوسيندا آهن. ان ۾ مٺاڻ سان گڏ ڪجهه ترشي به ٿيندي آهي. ڪڪڙي وڏي نڪرندي اٿس ۽ ان کي پوکڻ سان وڻ ڄمي پوندو آهي آهي، جيئن نارنگيءَ جو ٻج پوکيندا آهن.

Marfat.com

ويندو آهي، جو تمام مٺو ۽ قسطل (١) جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي.

اسان جي ملڪ جي ميون مان، ڏاڙهون ٻه هندستان ۾ ٿيندو آهي، ۽ سال ۾ ٻه دفعا ميوو جهليندو آهي. جزائر ذيبة المهل (٢) ۾ ڏنو هئم ته انهي ۾ ميوو ٻارهين مهيني لهندو هو. ان کي انار سڏيندا آهن.

---

(١) قسطل: هڪ قسم جو عربي ميوو.

(٢) مالديپ جا ٻيٽ: ذيبة = ديپ، مهل = ملل.

ٺنگي ڇڏياسين. ابي بڪر اسان اڌ رات مهل پهتاسين ۽ اتان ڪان ٻن ڏينهن جي سفر بعد اجوڌن (١) ۾ پهتاسين. هي هڪ ننڍو شهر آهي، جو شيخ فريدالدين ”بداوني“ جي ملڪيت آهي. مون کي برهان الدين اسڪندريءَ هلندي وقت چيو هو ته تنهن جي ملاقات شيخ فريد الدين سان ٿيندي ۽ خدا جو شڪر آهي جو مان ان سان اچي مليس. هو هندستان جي بادشاهه جو مرشد آهي، ۽ ان کيس هي شهر انعام طور ڏنو آهي. شيخ انتها درجي جو وهمي آهي؛ ايتري قدر جو نه ڪنهن سان هٿ ٿو ملائي، ۽ نه وري ڪنهن کي پرسان ٿو اچڻ ڏئي. جيڪڏهن سندس ڪپڙو ڪنهن ٻئي جي ڪپڙي سان لڳي وڃي؛ ته يڪدم ان ڪپڙي کي ڌوئي ٿو ڇڏي.

مان سندس خانقاه ۾ ويس ۽ ساڻس ملاقات ڪندي شيخ برهان الدين جا سلام پهچايامانس، جنهن تي کين گهڻو عجب لڳو ۽ فرمايائون ته ڪنهن ٻئي لاءِ سلام ڏنا هوندائين. پوءِ سندس ٻنهي عالم ۽ فاضل پٽن سان ملاقات ڪيم. هڪڙي جو نالو معزالدين ۽ ٻئي جو علم الدين هو. معزالدين وڏو هو ۽ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ سجاده نشين ٿيو.

مون سندن ڏاڏي شيخ فريدالدين بداوني جي قبر جي به زيارت ڪئي. بدايون سنڀل جي علائقي ۾ هڪ شهر آهي، جتان

---

(١) اجوڌن: پاڪ پٽن جو قديمي نالو اجوڌن هوندو هو. شيخ فريدالدين گنج شڪر جي خانقاه جي ڪري، اڪبر بادشاهه جي حڪم سان هن کي پاڪ پٽن سڏيو ويو. تنهن کان ڪجهه اڳ هن کي ”پٽن فريد“ پڻ ڪري چوندا هئا. هتي شيخ فريد گنج شڪر جي مزار تي هڪ ميلو پڻ لڳندو آهي، جنهن ۾ هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن، ۽ بهشتي دريءَ مان لنگهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ”آئين اڪبري“ ۾ هن شهر کي فقط پٽن ڪري لکيو ويو آهي، ۽ ”تلخ فرشته“ ۾ پٽن باوا فريد ڪري سڏيو ويو آهي.

جڏهن مان وڃي رهيو هيس، تڏهن اتي علم‌الدين مون سان مليو ۽ خواهش ڏيکاريائين ته منهنجي والد بزرگوار سان ضرور ملندا وڃو. سندس والد انهيءَ وقت تمام مٿاهين ڇت تي بيٺو هو، کيس سفيد ڪپڙا پهريل هئا ۽ مٿي تي وڏو پٽڪو ٻڌل هيس، جنهن جو طرّو هڪ طرف لڙڪيل هو. اتي ئي مون سان ڳالهايائين ۽ پوءِ مون ڏانهن مصري ۽ نباتون ڏياري موڪليائين.

---

بُنڊ ڪنيون بيٺا هئا، دهلن ۽ شرنائين وارا، عورتن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. ٻاهر جي اڳيان ڪپڙي جي اوٽ ڪئي ويئي هئي، تہ جيئن عورتن جي نظر ان تي نہ پوي. انهن مان هڪ عورت زبردستيءَ انهن ماڻهن ڪان اهو ڪپڙو ڦري ورتو ۽ چيائين تہ ”چا، مون کي خبر نہ آهي تہ اها ٻاهر آهي؟ مون کي ڏيکاريو ڀلا؟“ پوءِ جلد، ڪري ٻاهر ڏانهن وڌي ۽ پاڻ کي ٻاهر ۾ اڇلائي وڌائين. انهيءَ وقت دهل ۽ شرنائيون وڄڻ شروع ٿيون. جيڪي ماڻهو سنهيون ڪاٺيون ڪنيون بيٺا هئا، تن اهي ٻاهر ۾ وجهڻ شروع ڪيون ۽ انهن جي مٿان وڏا بنڊ وجهي ڇڏيائون، جيئن اها عورت چُري پُري بہ نہ سگهي. اتي بيٺل ماڻهن وڏي گوڙ ڪيو. مان هي سڀ ڏسي، بيهوش ٿي ويس ۽ گهوڙي تان ڪرڻ تي هوس تہ منهنجي دوستن مون کي سنڀالي ورتو ۽ پاڻيءَ سان منهجو منهن ڌوئاريائون. پوءِ مان اتان موٽي آيس. اهڙيءَ طرح هندو پاڻ کي درياءَ ۾ بہ ٻوڙي ڇڏيندا آهن. گهڻو ڪري اهي گنگا نديءَ ۾ ٻڏندا آهن. گنگا ڏانهن هندو حج لاءِ ويندا آهن ۽ پنهنجي مردن جي خاڪ بہ انهيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن، ڇو تہ هنن جو گمان آهي تہ اها ندي بهشت مان ٿي نڪري. جيڪڏهن ڪو شخص انهيءَ درياءَ ۾ ٻڏڻ چاهيندو آهي تہ حاضرين کي چوندو آهي تہ مان ڪنهن بہ دنياوي تڪليف يا مفسليءَ ڪان تنگ اچي، ائين ٿو ڪريان، پر پنهنجي ڪسائيءَ (گوسائين) جي رضامندي لاءِ ائين ڪري رهيو آهيان. ”ڪسائي“ انهن جي زبان ۾ خدا جو نالو آهي. جڏهن اهو شخص ٻڏي مري ويندو آهي، تڏهن ڪيس ڪڍي ساڙي، سندس خاڪ گنگا نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن.

ان بعد اجوڌن ڪان هلي اسان سرستي (١) پهتاسين.

---

(١) سرستي: قديم تاريخن ۾ سرستي جو نالو ”سرسہ“ لکيل آهي. تاريخ فرشتہ ۾ بہ ”سرسہ“ لکيل آهي. ممڪن آهي تہ سرسوتي درياءَ جي ڪناري تي هجڻ ڪري سندس اصلي نالو ”سرستي“ هجي. — مترجم

جيڪو هڪ وڏو شهر آهي ۽ منجهس چانور تمام گهڻا ۽ سٺي قسم جا ٿيندا آهن، جيڪي اتان دهليءَ ڏانهن پڻ موڪليا ويندا آهن. هن شهر مان آمدني به گهڻي ٿيندي آهي. حاجب شيخ شمس الدين بوشنجيءَ مون کي آمدنيءَ جو حساب ٻڌايو هو، پر اهو مون کي ياد نه رهيو آهي.

اتان ڪان پوءِ اسان حانسي (۱) جي شهر ۾ وياسين. هيءُ هڪ خوبصورت ۽ مضبوط شهر آهي، ۽ منجهس وڏيون وڏيون عمارتون آهن. هن شهر جي پناهه جي ديوار به ڪافي وڏي آهي. چون ٿا ته هيءُ شهر هڪ هندو راجا ”تور“ ٻڌايو هو ۽ ان راجا جي متعلق اتي جا ماڻهو، ڪيتريون ئي حڪايتون بيان ڪري رهيا هئا. قاضي ڪمال الدين صدر جهان قاضي القضات، هندستان، ۽ ان جا ڀائر قطلو خان، بادشاه جو استاد، ۽ شمس الدين، جو هجرت ڪري مڪي هليو ويو هو، ۽ اتي ئي وفات ڪئي هئائين. هن ئي شهر جا رهاڪو هئا. پوءِ اتان ٻن ڏينهن جي سفر بعد مسعودآباد (۲) پهتاسين. هي شهر دهليءَ کان ۱۰ ميل اوري آهي. اتي اسان ٽي ڏينهن ترسياسين. حانسي ۽ مسعودآباد ملڪ هوشنگ ابن ملڪ ڪمال گرگ جي جاگير ۾ آهن. جڏهن اسان اتي پهتاسين، تڏهن بادشاه دارالخلافه ۾ ڪونه هو ۽ قنوج جي طرف ويل هو. قنوج دهليءَ کان ۱۰ ميل پري آهي. دهليءَ ۾ بادشاه جي والده مخدومه جهان ۽ وزير احمد بن غياث رومي موجود هئا. وزير

---

(۱) حانسي: هي هندستان ۾ هڪ چڱو شهر آهي. هتي ابن بطوط جو اشارو شايد انگ پال تور ڏي آهي، جنهن هيءُ شهر ٻڌايو هو. آئين اڪبري ۾ هن شهر لاءِ فقط هيترو لکيل آهي — قلع دارد از خشت پخته.
— مترجم

(۲) مسعودآباد: اڪبر بادشاه جي وقت تائين هي شهر آباد هو، ۽ آئين اڪبري ۾ اڪيل آهي ته هي هڪ پراڻو قلعو آهي. شايد هيءُ اهوئي ٿُل شهر آهي، جنهن جا کنڊر اڄان تائين نجف گڙه جي ويجهو، دهليءَ کان ۱۲ ميل پري موجود آهن.
— مترجم

اسان مان هر هڪ لاءِ سندس شان ۽ مرتبي مطابق ماڻهو استقبال لاءِ موڪليا. منهنجي استقبال لاءِ شيخ بسطامي شريف مازندراني، جو پرديسي مسافرن جو حاجب هو ۽ فقيه مولوي علاءُالدين قند ملتاني آيا هئا. وزير اسان جي اچڻ جي خبر بادشاه کي ٽپال ذريعي موڪلي ۽ ٽئين ڏينهن کيس جواب اچي ويو. انهيءَ سبب ڪري اسان کي ٽي ڏينهن مسعودآباد ۾ ترسڻو پيو. ٽئين ڏينهن ڪان پوءِ اسان جي استقبال لاءِ قاضي، فقيه، مشائخ ۽ امراءُ آيا. مصر ۾ جن ماڻهن کي امير چوندا آهن، ٽن کي هتي ملوڪ ڪري سڏيندا آهن. شيخ ظهيرالدين زنجاني به استقبال لاءِ آيو، جيڪو سلطان جي معزز مقربن مان هڪ هو. پوءِ اسان مسعودآباد کان هلي، هڪ ڳوٺ جي پرسان اچي لٿاسين، جنهن کي پالم (۱) ڪري چوندا آهن. هي ڳوٺ سيد شريف ناظرالدين مطهر اوهريءَ جي جاگير آهي. هي سيد صاحب بادشاه جي مصاحبن مان آهي، ۽ بادشاه جي سخاوت مان تمام گهڻو فائدو کيو اٿائين. اتان هلي، ٻيءَ ڏينهن جي وقت اچي دارالخلافه دهليءَ ۾ پهتاسين، جيڪو هڪ عظيم‌الشان شهر آهي. هن عمارتن ۾ خوب صورتي ۽ مضبوطي، ٻئي موجود آهن. هن جي شهر پناه اهڙي ته مضبوط آهي، جو دنيا ڀر ۾ سندس نظير ملي ڪين سگهندو. مشرق ۾ ڪوبه شهر، اسلامي خواه غير اسلامي، هن شهر جي عظمت جي مقابلي جو نه آهي.

---

(۱) پالم: هي شهر دهليءَ کان ٿورو ئي پري، اٽڪل ڏهاڪو ميلن جي مفاصلي تي، دهليءَ کان ريواڙيءَ طرف ويندڙ ريلوي لائين تي، ٻهرين اسٽيشن آهي. — مترجم

## فصل چوٿون

# دهليءَ جو شهر

هيءُ شهر تمام ڪشادو آهي ۽ منجهس گهڻيون عمارتون آهن. اصل ۾ هي چار شهر آهن، جيڪي هڪٻئي سان لڳولڳ آهن. انهن مان پهريون دهلي (۱) آهي، جو هندن جي وقت جو قديم شهر آهي، ۽ سنه ۵۸۴ع ۾ فتح ٿيو هو. ٻيو شهر سيري آهي، جنهن کي دارالخلافه به چوندا آهن. هي شهر بادشاه غياث الدين، خليفي مستنصر عباسيءَ جي پوٽي کي، جڏهن هو دهليءَ ۾ رهندو هو، ڏنو هو. سلطان علاءُالدين ۽ قطب الدين پڻ هن شهر ۾ رهندا هئا. ٽيون شهر تغلق آباد آهي، جنهن کي بادشاه جي پيءُ غياث الدين تغلق شاه آباد ڪيو هو. غياث الدين هڪ ڏينهن سلطان قطب الدين خلجيءَ جي خدمت ۾ بيٺو هو، ۽ سلطان سان ڳالهيون ڪندي عرض ڪيو هئائين ته ”اي آخوند عالم، هن جاءِ تي هڪ نئون شهر پڏائڻ گهرجي. جنهن تي سلطان طنز سان چيو جڏهن تون بادشاه ٿين، تڏهن اتي شهر آباد ڪجان. پوءِ جڏهن هو قدرت الاهيءَ سان بادشاه ٿيو، تڏهن هيءُ شهر آباد ڪيائين ۽ پنهنجي نالي تي هن جو نالو رکيائين تغلق آباد. چوٿون شهر جهان پناه آهي، جنهن

---

(۱) دهلي: ابن بطوطه جي وقت ۾ هي شهر چئن جاين تي آباد هو ۱- دهلي (۲) سيري (۳) تغلق آباد (۴) جهان پناه، جن مان دهلي ۽ تغلق آباد موجود آهن. باقي سيري ۽ جهان پناه ڦٽي ويا آهن، جن جا نشان ۽ ڪنڊر دهليءَ جي ويجهو موجود آهن. جهان پناه، جنهن ۾ سلطان محمد بن تغلق رهندو هو، سو دهلي ۽ سيريءَ جي وچ تي آباد هو، جتي بادشاه جي هزار ٿنڀن واري محلات جا ڪنڊر اڃا به موجود آهي. سيريءَ جو قلعو سلطان علاءُالدين خلجيءَ پنهنجي وقت ۾ ٺهرايو هو ۽ اڃا تائين دهليءَ جي ويجهو سندس نشانات موجود آهن. هن قلعي کي علاول به ڪري سڏيندا هئا.

— مترجم

Marfat.com

ڪرائيندي ٿي مارجي ويو هو.

## دهليءَ شهر جا وڏا حوض

شهر دهليءَ جي ٻاهران هڪ حوض (۱) آهي، جو سلطان شمس الدين التمش ڏانهن منسوب ٿيل آهي. شهرواسي هن حوض جو پاڻي پيئندا آهن، ۽ عيدگاهه به ويجهو اٿس. هن ۾ بارش جو پاڻي گڏ ٿيندو آهي. سندس ڊيگهه ٻه ميل ۽ ويڪر هڪ ميل آهي. سندس الهندي ۾ عيدگاهه طرف پٿر جا ٻه منزلا ٿلها ٺهيل آهن. انهن ٿلهن کان پاڻيءَ تائين ڏاڪڻيون ٺهيل آهن ۽ هر هڪ ٿلهي جي ڪناري تي گنبذ ٺهيل آهي، جنهن ۾ ويهي، تماشائي نظارو ڏسندا آهن. حوض جي ٺيڪ وچ ۾ وري منقش پٿرن مان هڪ ٻه منزلو گنبذ ٺهيل آهي. جڏهن تلاءَ ۾ پاڻي گهٽ هوندو آهي، تڏهن ماڻهو ٻيڙين ۾ وچواري گنبذ ڏانهن ويندا آهن ۽ جڏهن پاڻي گهٽ ٿيندو آهي تڏهن ماڻهو اتي اُئين ئي هليا ويندا آهن. اتي هڪ مسجد به ٺهيل آهي ۽ اڪثر ڪري پرهيزگار ۽ متوڪل شخص اتي وچي رهندا آهن. جڏهن حوض جا ڪنارا سڪي ويندا آهن، تڏهن انهن ۾ ڪمند، رسنگاڙا، هندانا، ۽ گدرا پوکي ڇڏيندا آهن. هتي جا گدرا ننڍا، پر تمام مٺا ٿيندا آهن.

دهليءَ ۽ دارالخلافه جي وچ تي وري هڪ ٻيو حوض آهي، جنهن کي حوض خاص (۲) ڪري سڏيندا آهن. هي حوض پهرئين حوض (شمسي) کان به وڏو آهي. جنهن جي ڪنارن تي چاليهه گنبذ ٺهيل آهن. هن حوض جي چوڌاري گهڻي ئي راڳ ڳائيندڙ رهندا آهن. تنهنڪري انهيءَ آباديءَ کي طرب آباد (راڳ ڳائيندڙن جي

---

(۱) هي ”حوض شمسي“ جي نالي سان مشهور آهي. حوض جي ڪناري تي شيخ عبدالحق محدث دهلوي جي مزار آهي، جنهن جو سنه ولادت ۹۵۸ هه ۽ سن وفات ۱۰۲۵ هه آهي. هن حوض جا رسنگاڙا اڃا تائين مشهور آهن.

(۲) هي حوض اصل ۾ سلطان علاءُ الدين خلجي ٺهرايو هو، جنهن جي ڪناري تي فيروز شاهه تغلق جو مقبرو اڃان به موجود آهي. — مترجم

به ساڳي آيت دهرائي. فقير وري ٻي دانهن ڪئي، ۽ ٻي جان ڏي، ڪري پيو. مون به انهيءَ فقير جي جنازي نماز پڙهي.

ٽيون بزرگ عالم، شيخ صدرالدين آهي، جيڪو ڏينهن جو روزو ۽ رات جو نماز ۾ مشغول رهندو آهي. هن دنيا بلڪل ترڪ ڪري ڇڏي آهي، ۽ سندس لباس فقط هڪ ڪمبل آهي. بادشاه ۽ امير سندس زيارت لاءِ ايندا آهن، مگر هو انهن کان لڪندو رهندو آهي. هڪ دفعي بادشاه کيس درخواست ڪئي ته لنگر جي خرچ لاءِ ڪجهه جاگير قبول ڪري. پر شيخ صاحب بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو. هڪ دفعي بادشاه زيارت لاءِ آيو، ۽ ڏه هزار دينار نذرانو رکيائين، جيڪي شيخ قبول نه ڪيا. هي شيخ صاحب ٽن ڏينهن کان روزو نه کوليندو آهي. ڪنهن شخص عرض ڪيو ته انهيءَ جو ڪهڙو سبب؟ تنهن تي فرمايائين ته جيستائين مضطر نه ٿيندو آهيان، تيستائين روزو نه کوليندو آهيان، ۽ مضطر کي مردار به حلال آهي.

چوٿون وقت جو امام الصالح ڪمال الدين عبدالله غازي آهي. هي بزرگ، شيخ نظام الدين بدايوني جي خانقاه جي ڀرسان، هڪ غار ۾ رهندو آهي. مون انهيءَ غار ۾ ٽي دفعا سندس زيارت ڪئي.

## سندس ڪرامت

هڪ دفعي منهنجو هڪ غلام ڀڄي ويو هو، مون انهيءَ غلام کي هڪ ترڪ وٽ وڃي ڏٺو، ۽ کيس واپس وراڻڻ گهريم. شيخ صاحب منع ڪئي ته اهو شخص تنهنجي لائق نه آهي، تنهنڪري ڇڏي ڏينس. ترڪ جيڪو مون سان اڳهين صلح ڪرڻ پيو گهري، تنهن کان هڪ سؤ دينار وٺي، مون پنهنجو غلام هن وٽ ڇڏي ڏنو. ڇهن مهينن کان پوءِ پڌري ۾ آيو ته هن پنهنجي آقا کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ان کي پڪڙي، بادشاه وٽ وٺي آيا، بادشاه کيس انهيءَ ترڪ جي پٽن جي حوالي ڪيو

تہ وچي پنھنجو قصاص وٺنس. ھنن کيس اتي جو اتي ماري وڌو.
مان شيخ صاحب جي ھيءَ ڪرامت ڏسي، سندس معتقد
ٿي پيس، ۽ دنيا کي ترڪ ڪري، سندس ملازمت اختيار ڪيم.
مون ڏٺو تہ ھو ڏھہ ڏھہ ۽ ويھہ ويھہ ڏينھن جو روزو رکندو
ھو ۽ رات جو گھڻو وقت عبادت ۾ گذاريندو ھو. مون انھيءَ
وقت تائين، جيستائين بادشاھہ مون کي گھرايو ۽ وري دنيا کي
وچي چنبڙيس، تيستائين سندس خدمت ۾ گذاريو. ھن وقت ھيءَ
ڳالھہ، ھت ختم ڪري، سندس بيان اڳتي ڪندس.

---

## باب ڏيون
## فصل پهريون
# دهليءَ جي فتح ۽ مختلف بادشاهه

قاضي القضاة علامه كمال الدين محمد بن برهان الدين المقلب به "صدر جهان" مون كي ٻڌايو ته دهليءَ جي فتح سنه ٥٨٤ هه ۾ ٿي هئي ۽ جامع مسجد جي محراب ۾ به اهو ئي سنه هجري اكريل هو، جيكو مون خود پڙهيو. دهلي قطب الدين ايبك فتح كئي هئي. هيءُ شخص سلطان شهاب الدين محمد بن سام غوري، غزني ۽ خراسان جي بادشاه، جو غلام ۽ سندس طرفان سپه سالاريءَ جو عهديدار هو. محمد بن غوري، سلطان ابراهيم بن سلطان محمود غازي سبكتگين جنهن هندستان جي فتح شروع كئي هئي، تنهن جي ملك تي زبردستيءَ قابض ٿي ويو هو. سلطان شهاب الدين، قطب الدين ايبك كي هك وڏو لشكر ڏيئي، هندستان تي چاڙهي موكليو. جنهن پهريائين اچي لاهور فتح كيو ۽ اتي ئي رهائش اختيار كري، هك عظيم الشان بادشاه بڻجي ويو.

بادشاه جي مصاحبن مان، كن هن تي چغلي هڻئين ته هو هندستان ۾ هك الڳ بادشاهت قائم كري، اطاعت كان ٻاهر نكرڻ ٿو چاهي. هيءَ خبر قطب الدين كي به پهچي ويئي، جنهن تي هو تن تنها غزني ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اتي رات جو پهچڻ شرط سڌو وڃي بادشاه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سندس اچڻ جي كنهن كي به خبر نه پيئي. ٻئي ڏينهن جڏهن بادشاه اچي دربار ۾ ويٺو، تڏهن قطب الدين تخت جي هيٺان لكو ويٺو هو. جڏهن سڀ درٻاري ويهي ويا، تڏهن بادشاه قطب الدين ايبك جو حال پڇيو. جن مصاحبن چغلي هڻئين هئي، تن وري به ساڳيو بيان كيو ته اسان كي پكي خبر آهي ته هو خودسر بادشاه بڻجي ويٺو آهي. بادشاه تخت تي پير هنيو ۽ تاڙي

بادشاه ٿيو. بادشاه ٿيڻ وقت ماڻهن کان بيعت وٺڻ شروع ڪيائين. سڀ عالم ۽ فقيه قاضي وجيهه الدين ڪاشانيءَ سان گڏجي آيا ۽ بادشاه جي سامهون ويهي رهيا. قاضي حسب عادت، بادشاه سان گڏ وڃي ويٺو. بادشاه سڀ ڪجهه سمجهي ويو ته سڀ ڇا ٿا چوڻ گهرن. پوءِ پنهنجي گاديلي جي هڪ ڪنڊ مٿي ڪري، هڪ ڪاغذ جو ٽڪر ڪڍي، قاضيءَ کي ڏنائين، جنهن مان معلوم ٿيو ته قطب الدين کيس آزاد ڪري ڇڏيو هو. قاضيءَ ۽ فقيهن انهيءَ ڪاغذ کي پڙهي، پوءِ سندس بيعت ڪئي.

ويهن ورهين تائين هن حڪومت ڪئي. هو نيڪ چال، انصاف پرور، عالم ۽ فاضل بادشاه هو. انصاف جي طرف سندس توجهه حد کان وڌيڪ هوندو هو. سندس حڪم هو ته جنهن تي به ڪو ظلم ٿيل هجي، سو رنگيل ڪپڙا پائي گهمي، جيئن بادشاه کيس هڪدم سڃاڻي وٺي، ڇو ته هندستان ۾ گهڻو ڪري، سفيد ڪپڙا پهريندا آهن. رات جو وري هيءَ تجويز ڪئي هئائين، جو پنهنجي دروازي جي برجن تي به سنگمرمر جا ٺهيل شينهن رکائي، انهن جي گلي ۾ زنجير وجهائي، انهن جي ڇيڙن تي گهنڊ ٻڌائي ڇڏيا هئائين. جڏهن به ڪو مظلوم اچي زنجير ڇڪيندو هو، ته بادشاه کي هڪدم خبر پوندي هئي ۽ هڪدم سندس فرياد رسي ڪندو هو. ايتري هوندي به هو راضي نه رهندو هو، ۽ چوندو هو ته رات جو ماڻهن تي ظلم ٿيندا هوندا، تنهنڪري هڪدم فريقين کي گهرائي فيصلو ڪيو وڃي.

## سلطان رڪن الدين

سلطان شمس الدين (التمش) کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. سندس پٽ رڪن الدين (١) هن کان پوءِ تخت تي ويٺو.

---

(١) رڪن الدين: هي شعبان سن ٦٣٣ هه ۾ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ تخت تي ويٺو. هن کي التمش پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ولي عهد مقرر ڪري ڇڏيو هو. هو خود گهڻو عيش پسند هو، تنهنڪري ڪل اختيارات سندس ماءُ شاهه ترخان جي هٿ ۾ هوندا هئا.

Marfat.com

سندس تعلق حبشي غلام (١) سان آهي، تڏهن ساڻهن اتفاق راءِ سان کيس تخت تان لاهي، سندس نڪاح هڪ ويجهي عزيز سان ڪري ڇڏيو ۽ سندس ڀاءُ ناصرالدين کي تخت تي ويهاريائون.

## سلطان ناصرالدين

جڏهن رضيه سلطانه کي تخت تان لاٿو ويو، تڏهن سندس ننڍو ڀاءُ (٢) تخت تي ويٺو ۽ ڪافي وقت تائين حڪومت ڪندو رهيو. هن بادشاه جي دوران حڪومت ۾ رضيه سلطانه ۽ سندس مڙس گڏجي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ بغاوت ڪئي. هو پنهنجا غلام ۽ ساٿي وٺي مقابلي لاءِ آئي. ناصرالدين ۽ بلبن، جيڪو ڪانئس پوءِ بادشاه ٿيو، ٻنهي گڏجي سندس مقابلو ڪيو. رضيه جي لشڪر کي شڪست آئي ۽ رضيه ميدان مان ڀڄي نڪتي.

هوءَ جڏهن ٿڪجي پيئي ۽ بک اڃ اچي ماندو ڪيس، تڏهن هڪ فريبيءَ هاريءَ کان، جنهن انهيءَ وقت هر ٿي ڪاهيو، کائڻ لاءِ ڪجهه گهريائين. هن هڪ ساڻيءَ جو ٽڪرو ڏنس، جيڪو کائي سمهي رهي. ان وقت هوءَ مردائي لباس ۾ هئي. ننڊ ۾ سندس اندريان ڪپڙا جن ۾ جواهرات جڙيل هئا، ڪجهه ظاهر ٿي پيا. اچانڪ هاريءَ جي نظر پئجي ويئي ۽ تاڙي ورتائين ته هيءَ اصل ۾ عورت آهي.

پوءِ ان هاريءَ کيس ننڊ ۾ ئي قتل ڪري، سندس ڪپڙا ۽ ٻيو سامان لاهي، گهوڙي کي جهنگ ڏانهن ڀڄائي، لاش کي انهيءَ ئي ٻنيءَ ۾ دفن ڪري، انهن لاٿل ڪپڙن مان هڪ ڪپڙو بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ کڻي ويو. بازار وارا هن تي شڪ ڪري،

---

(١) هيءَ حبشي غلام جمال الدين ياقوت هو، جنهن تي رضيه مهربان هئي.
— مترجم

(٢) هت وري ابن بطوطه غلطي ڪئي آهي. اصل ۾ رضيه کان پوءِ معزالدين بهرام شاه گاديءَ تي ويٺو. انهيءَ کان پوءِ سلطان علاءُالدين مسعود شاه، جيڪو رڪن الدين جو پٽ هو، سو گاديءَ تي ويٺو، ۽ انهيءَ کان پوءِ ناصرالدين حڪومت ڪئي آهي.
— مترجم

Marfat.com

کيس شهر جي ڪوتوال وٽ پڪڙي وٺي ويا. ڪوتوال جي مار موچڙي تي هاريءَ سچي ڪئي ۽ سربستو احوال کولي ٻڌايائين. پوءِ سلطان پورٽ واري جاءِ ٻه وچي ڏيکاريائين. جتان هنن لاش کي ڪڍي غسل ۽ ڪفن وغيره ڏيئي، انهيءَ جاءِ تي وري کيس دفنائي ڇڏيو، ۽ قبر تي هڪ گنبذ ٺهرائي ڇڏيائون. هاڻي هن جي قبر هڪ زيارت گاهه آهي ۽ جمنا نديءَ جي ڪناري تي شهر کان هڪ فرسخ پري آهي.

ان کان پوءِ ناصرالدين اطمينان سان ٢٠ سال حڪومت ڪئي. هي بادشاهه نهايت نيڪ ۽ پرهيزگار هو ۽ پنهنجي هٿ سان قرآن شريف لکي، ان جي قيمت تي گذارو ڪندو هو. قاضي ڪمال الدين مون کي سنڌس هٿ سان لکيل قرآن شريف پڻ ڏيکاريو هو، جنهن ۾ نهايت صاف ۽ سٺا اکر لکيل هئا. آخر سنڌس نائب غياث الدين بلبن کيس قتل (١) ڪري، پاڻ بادشاهه بڻجي ويٺو.

---

(١) هت به ابن بطوط غلطي ڪئي آهي، ڇو ته ڪنهن به تاريخ ۾ ڪونهي ته ڪو بلبن، ناصرالدين کي ماري، پاڻ بادشاهه ٿيو. ناصرالدين پنهنجو قدرتي موت مئو هو. — مترجم

Marfat.com

## فصل ٻيو

# سلطان غياث الدين بلبن

بلبن پنهنجي مالڪ کي قتل ڪري، پاڻ بادشاه بڻجي ويٺو، ۽ ويهن سالن تائين حڪومت ڪندو رهيو. ان کان اڳ ويهه سال نائب ٿي رهندي به سلطنت جا سڀ اختيارات سندس هٿ ۾ رهندا هئا. هي بادشاه منصف مزاج، بردبار ۽ نهايت نيڪ بخت هو، ۽ عالم ۽ فاضل پڻ هو. هن هڪ جاءِ ٺهرائي هئي، جنهن جو نالو دارالامن (ڇوٽڪاري جو گهر) رکيو هئائين. جيڪو به مقروض ان گهر ۾ ايندو هو، تنهن جو قرض بادشاه ادا ڪري ڇڏيندو هو، ۽ جيڪو ماڻهو خون ڪري يا ڪو ٻيو سنگين ڏوه ڪري ان ۾ گهڙي ايندو هو، ته مقتول يا مظلوم جي وارثن کي ان جو عيوض ڏيئي راضي ڪري ڇڏيندو هو. هن بادشاه جي قبر به انهيءَ جاءِ (دارالامن) ۾ ٺهيل آهي. مون به اها قبر وڃي ڏٺي هئي. هن بادشاه لاءِ هڪ عجيب ڪهاڻي بيان ڪندا آهن.

### بادشاه جي ڪهاڻي

چون ٿا ته بخارا جي بازار ۾ ڪيس هڪ فقير مليو. بلبن قد جو ٺندرو، ڪجهه قدر ڪبڙو ۽ بدصورت هوندو هو. فقير چيس ته "اي ترڪڪ" (ترڪڙا)! چڙ ته، نفرت سان سندس نالو ورتائين، جنهن جي جواب ۾ هن چيو "حاضر منهنجا سائين." فقير جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس ته "مون کي ڏاڙهون وٺي ڏي." هن چيو ته چڱو؛ ۽ ڪيسي مان، جيڪي هن وٽ پئسا هئا سي ڪڍيائين. جيتوڻيڪ انهن پئسن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هئس، تڏهن به هڪدم ڏاڙهون خريد ڪري فقير کي ڏنائين. فقير اهو ڏاڙهون وٺي چيو ته "اسان توکي هندستان جو مالڪ

Marfat.com

هو پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ اسان تہ بک مري وياسين، ۽ پئسا جمع ڪري بلبن کي مانيون وٺڻ لاءِ بازار ڏانهن موڪلي ڏنائون. هن کي ويجهيءَ بازار ۾ مانيون ملي نہ سگهيون، تنهڪري پريءَ بازار ڏانهن هليو ويو، جيڪا ڪجهہ پرڀرو هئي. جڏهن پاڻيءَ وارن جو وارو آيو ۽ بلبن واپس نہ آيو، تڏهن هنن هڪ ڇوڪر کي ڪجهہ ڏيئي، بلبن جي مشڪ ۽ هن جو ٻيو سامان سندس ڪلهي تي رکي، کيس بلبن جي بجاءِ پيش ڪيو. جڏهن بلبن جو نالو پڪاريو ويو تڏهن اهو ڇوڪرو سندس جاءِ تي اٿي بيهي رهيو. هي سڀڪجهہ ٿي چڪو، مگر نجومين کي اهو شخص ملي نہ سگهيو، جنهن جي کين تلاش هئي. بلبن انهيءَ وقت آيو جڏهن سڀ پيش ٿي چڪا هئا.

جو نہ تقدير الاهي پوري ٿيڻي هئي، بلبن پنهنجي لياقت سان ترقي ڪندي، پاڻيءَ وارن جو امير مقرر ٿيو، پوءِ لشڪر ۾ داخل ٿيو ۽ آهستي آهستي سردار ٿي ويو. سلطان ناصرالدين بادشاهہ ٿيڻ کان اڳ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح هن سان ڪري ڇڏيو، ۽ جڏهن بادشاهہ ٿيو تڏهن کيس پنهنجو نائب مقرر ڪيائين. ويهہ ورهيہ هو نائب رهيو ۽ پوءِ سلطان ناصرالدين کي قتل ڪري خود بادشاهہ بڻجي ويو. بلبن کي ٻہ پٽ هئا.

سندس وڏو پٽ خان شهيد هو، جو سندس ولي عهد پڻ هو. هو پيءُ جي طرفان سنڌ جو حاڪم هو ۽ ملتان ۾ رهندو هو. هڪ دفعي هو "تاتارين" (منگولين) سان لڙندي هڪ لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. هن جا ٻہ پٽ هئا، هڪ ڪيقباد ۽ ٻيو ڪيخسرو. بلبن جي ٻئي پٽ جو نالو ناصرالدين هو، جو پنهنجي پيءُ جي وقت ۾ لکنوتي (لکنوتي) ۽ بنگال (بنگال) جو حاڪم هو. جڏهن خان شهيد مارجي ويو تڏهن بلبن سندس پٽ ڪيخسرو کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪيو ۽ پنهنجي پٽ ناصرالدين کي ولي عهد نہ ڪيائين، ۽ ان ناصرالدين جو معزالدين نالي هڪ پٽ هو، جو ان وقت بادشاهہ وٽ رهندو هو.

Marfat.com

## سلطان معزالدين بن ناصرالدين بن سلطان غياث‌الدين بلبن

جنهن رات سلطان غياث‌الدين بلبن وفات ڪئي، تنهن رات سندس پٽ ناصرالدين (بغرا خان) بنگال ۾ هو. بادشاه پنهنجي پوٽي ڪيخسرو کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪري ڇڏيو، پر بادشاه جو نائب ڪيخسرو سان عداوت رکندو هو. بادشاه جي مرڻ کان پوءِ هو هڪدم هڪ تجويز سوچي ڪيخسرو وٽ لنگهي ويو ۽ ساڻس همدردي ۽ غمگيني ظاهر ڪندي، هڪ جعلي دستاويز ڏيکاريائين، جنهن ۾ سڀني اميرن اتفاق راءِ سان معزالدين جي هٿ تي بيعت ڪري کيس پنهنجو بادشاه تسليم ڪيو هو، ۽ ائين به چيائين ته سون کي ته تنهنجي سر جو به خير ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جنهن تي ڪيخسرو ڊڄي ويو ۽ پڇيائينس ته "هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟" نائب صلاح ڏنس ته توهان هن ئي وقت سنڌ ڏانهن هليا وڃو. ڪيخسرو چيو ته "هينئر ته دروازو به بند هوندو." جنهن تي نائب چيو ته "ڪنجيون سون وٽ آهن ۽ توهان کي دروازي سان لنگهائي وري دروازو بند ڪري ڇڏيندس." ڪيخسرو سندس احسان مڃيو ۽ راتو واهه ملتان ڏانهن ڀڄي ويو.

جڏهن ڪيخسرو شهر کان ٻاهر نڪري ويو، تڏهن نائب معزالدين وٽ ويو ۽ کيس جاڳائي چيائين ته سڀ امير توهان جي بيعت لاءِ تيار آهن. معزالدين جواب ڏنو ته "منهنجو سوٽ، جو ولي عهد آهي، تنهن جو ڇا ٿيو؟ ۽ منهنجي بيعت جو مطلب آخر ڇا آهي؟" تنهن تي نائب سمورو قصو بيان ڪري ٻڌايس. معزالدين سندس شڪريو ادا ڪيو. پوءِ سڀني اميرن ۽ خاص ماڻهن کان راتو واهه بيعت ورتي ويئي ۽ ٻئي صبح جو اعلان ڪيو ويو. ان بعد سڀ عام و خاص بادشاه جي بيعت ۾ داخل ٿي ويا. معزالدين جي پيءُ کي جڏهن تخت نشينيءَ جي خبر پيئي، تڏهن چيائين ته اهو حق منهنجو آهي ۽ منهنجي زندگيءَ

کيس تخت (١) تي ويهاري، سندس ساموهون بيهي رهيو.

پوءِ ناصرالدين واپس بنگال هليو ويو ۽ ڪجهه عرصو حڪومت ڪري مري ويو. اتي سندس اولاد به هو، انهيءَ مان سندس هڪ پٽ (اهو ئي) غياث الدين بهادر ”پورو“ هو، جنهن کي سلطان غياث الدين تغلق قيد ۾ رکيو هو، پر سلطان محمد تغلق پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ کيس ڇڏي ڏنو هو. معزالدين چئن سالن تائين حڪومت ڪئي. اهو عرصو هن بادشاه لاءِ هر روز عيد ۽ هر رات شب برات هئي. هيءُ بادشاه تمام سخي ۽ رحمدل هو. جن ماڻهن کيس ڏٺو هو، تن مان ڪن منهنجي ملاقات ڪئي، جي سندس نهٺائيءَ، انسانيت ۽ سخاوت جي گهڻي تعريف ڪري رهيا هئا. هن جامع مسجد دهليءَ جو هڪ مينار (٢) ٺهرايو آهي؛ جنهن جو مثال سڄيءَ دنيا ۾ مشڪل آهي. عياشيءَ ۽ ڪثرت شراب خوريءَ جي ڪري کيس اڌرنگ جي بيماري ٿي پيئي. طبيبن گهڻئي علاج ڪيا، پر ڪجهه فرق نه ٿيو.

---

(١) ايلٽ صاحب ”اسٽڊيز ان انڊين هسٽري“ صفحي ١٣٣ تي امير خسرو جي هڪ شعر جي انگريزي ترجمي ۾ لکي ٿو:

"He then seized his son's hand and seated him on the throne, and when he had descended again from it, **he stood with his hands joined**, and all were astonished at the scene. The son sat but a short time on the throne when he descended and approached his father. The officers of the State stood on each side, holding trays of jwels in their hands, which they poured upon the heads of two kings, and the ground before them was strawed with rubies, pearls, silver and gold."

(٢) هتي ابن بطوطه غلطي ڪئي آهي، جنهن جو سبب آهي: سندس معزالدين سان (محمد غوريءَ) ۽ ٻنهين معزالدين کي (جيڪو ڪيقباد ڪري سڏيو ويندو هو) هڪ ئي ڪري سمجهڻ. اصل ۾ اهو مينار محمد غوريءَ ٺهرايو هو.

## فصل ڏيون

# جلال الدين فيروز خلجي

اِئين جڏهن بادشاهه بلڪل بيڪار ٿي پيو، تڏهن سندس نائب جلال الدين فيروز خلجيءَ بغاوت ڪئي، ۽ شهر کان ٻاهر نڪري، ڪِبي حبيشانيءَ جي پرسان جيڪو دڙو آهي، تنهن تي وڃي خيما کوڙي ويهي رهيو. معزالدين پنهنجن اميرن کي لڙائيءَ لاءِ موڪليو. جيڪو به امير لڙائيءَ لاءِ ويو ٿي، سو جلال الدين فيروز جي هٿ تي بيعت ڪري، ساڻس ملي ٿي ويو. پوءِ جلال الدين شهر ۾ داخل ٿي، محل کي گهيرو ڪري ويهي رهيو. بادشاهه بک کان مرڻ لڳو. هڪ شخص مون سان ڳالهه ڪئي ته سندس پاڙي ۾ هڪ شريف ماڻهوءَ جو گهر هو، جيڪو کيس کاڌو موڪليندو رهندو هو.

آخر لشڪر محل ۾ داخل ٿي، کيس قتل ڪري ڇڏيو— جنهن جو ذڪر اڳتي ڪنداسين. ان کان پوءِ جلال الدين بادشاهه ٿيو. هيءُ بادشاهه وڏو بردبار ۽ عقلمند هوندو هو. ليڪن هن جي بردباري ئي سندس موت جو سبب ٿي پيئي. جڏهن هيءُ مستقل طرح سان بادشاهه ٿي ويو، تڏهن هن پنهنجي نالي تي هڪ محل ٺهرايو، جيڪو بعد ۾ سلطان محمد تغلق پنهنجي نائيءَ عذا بن مهنيٰ کي ڏيئي ڇڏيو هو. هن بادشاهه کي هڪ پٽ هو، جنهن جو نالو هو رڪن الدين، ۽ علاءُالدين نالي هڪ ڀائٽيو پڻ هئس، جيڪو سندس ناٺي به هو، جنهن کي بادشاهه ڪڙا ۽ ماڻڪ پور جو حاڪم مقرر ڪري ڇڏيو هو. هيءُ علائقو هندستان ۾ تمام گهڻو آباد ۽ زرخيز ليکيو ويندو آهي. هتي ڪڻڪ، چانور ۽ ڪمند جي پيداوار جام ٿيندي آهي. اتي ڪپڙو به تمام قيمتي ٺهندو آهي، ۽ دهليءَ ۾ وڪامڻ لاءِ ايندو آهي. شهر ڪڙا دهليءَ کان ارڙهن منزلون دور آهي.

ڏنو، ۽ پاڻ دولت آباد ڏانهن هليو ويو. دولت آباد دهليءَ کان چاليهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي، ۽ سڄي رستي جي ٻنهي پاسي قسم قسم جا ڊگها وڻ سڌين قطارن ۾ اهڙيءَ طرح لڳل آهن، جو اتان لنگهندي ائين پيو پائبو، ڄڻ ته ڪنهن باغ جي وچ مان پيو لنگهجي. هر هڪ ميل تي ٽپال جي هرڪارن جون ٽي چونڪيون آهن، جنهن جو اسين مٿي بيان ڪري آيا آهيون. هر چونڪيءَ تي مسافرن جي ضرورت جي هر شيءِ موجود ملي سگهي ٿي، ڄڻ ته هو بازار مان پيا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح سان هيءُ رستو تلنگانا ۽ معبر جي ملڪ تائين هليو ٿو وڃي، جو دهليءَ کان ڇهن مهينن جو پنڌ آهي. هر هڪ منزل تي بادشاهي محل ۽ مسافرن لاءِ سراءِ آهي. مسافرن کي رستي لاءِ سيڌي وغيره کڻڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه ٿي پوي.

سلطان قطب الدين رستي ۾ ئي هو، ته ڪن اميرن سندس خلاف بغاوت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ سندس ڏهن سالن جي عمر جي ڀائٽي کي، "جيڪو خضر خان جو پٽ هو"، تخت تي ويهارڻ چاهيائون. قطب الدين پنهنجي ڀائٽي کي پيرن کان جهلي، سندس مٿو زور سان پٿر تي هڻي، سندس مغز پچي، کيس ماري وڌو، ۽ پنهنجي هڪ امير کي، "جنهن جو نالو ملڪ شاه هو"، گواليار ڏانهن موڪليائين ۽ کيس حڪم ڏنائين ته ڇوڪري جي پيءُ ۽ سندس ٻيني چاچن کي قتل ڪري ڇڏي. قاضي زين الدين مبارڪ، گواليار جي قاضيءَ، مون کي ٻڌايو هو ته جنهن ڏينهن ملڪ شاه قلعي ۾ پهتو، ان وقت مان خضر خان وٽ ويٺو هوس. ملڪ شاه جي اچڻ جي خبر پئي، سندس رنگ اڏامي ويو. ملڪ شاه جڏهن خضر خان وٽ آيو، تڏهن پڇيائينس ته ڪيئن آيو آهين؟ جنهن تي امير جواب ڏنس ته، آخوند عالم، ڪنهن ضروري ڪم سان آيو آهيان. جنهن تي خضر خان وري ٻہ پڇيس ته منهنجي جان جو خير ته آهي؟ امير چيو ته هائو. پوءِ هن ڪوتوال کي گهرايو ۽ قلعي جي عملدارن "جيڪي

به ويندا هئا ته ڪو غير حاضر نه هجي. رات وارا جڏهن پهرو ڏيئي بس ڪندا هئا، تڏهن ڏينهن وارا سندن جاءِ تي پهري لاءِ اچي بيهي ويندا هئا.

قاضي خان خسرو ملڪ کان تمام گهڻي نفرت ڪندو هو، ڇو ته هو اصل ۾ هڪ هندو هو ۽ هندن جي تمام گهڻي پاسخاطري ڪندو هو. تنهنڪري قاضي خان هن کان ناراض رهندو هو. هر موقعي تي قاضي خان بادشاه کي عرض ڪندو رهيو ته هن کان خبردار رهڻ گهرجي، پر بادشاه پڌو اڻ پڌو ڪري ڇڏيندو هوس. ڪڏهن هيئن چئي ٽاري ڇڏيندو هوس، ته اهڙين ڳالهين کي ڇڏي ڏي. ڇاڪاڻ ته خدا تعاليٰ هن لاءِ اها قضا مقرر ڪري ڇڏي هئي ته هن جي هٿان قتل ڪيو وڃي، تنهنڪري ئي بادشاه اهڙي بي رخي اختيار ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن خسرو خان بادشاه کي چيو ته ڪي هندو مسلمان ٿيڻ ٿا چاهين. ان وقت اهو دستور هوندو هو ته جيڪڏهن ڪو هندو (١) مسلمان ٿيڻ چاهيندو هو، ته هو پهريائين بادشاه

---

(١) بادشاه جي هن طرح قتل جي واقعي جو بيان سواءِ ابن بطوط جي ٻئي ڪنهن به مورخ ڪونه لکيو آهي. بلڪ اصل حقيقت هن ريت هئي ته، خسرو خان کي بادشاه نائب مقرر ڪري، چنديري ۽ معبر فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو، تڏهن اميرن کي سندس سرداري ناگوار لڳي؛ تنهنڪري هن کي هميشه منجهائن ڊپ رهندو هو. هڪ دفعي بادشاه کي عرض ڪيائين ته "مون کي اجازت ملي ته پنهنجي قوم جا ڪجهه ماڻهو گهرائي وٺان." ان بهاني سان هن چاليهه هزار گجراتي لشڪر ۾ڀرتي ڪيا. هڪ ڏينهن بادشاه کي عرض ڪيائين ته مان گهڻو ڪري رات جو توهان جي خدمت ۾ ٿو رهان ۽ ڏينهن جو گهڻي ڪم ڪاريون آهن، تنهنڪري منهنجا وطني ماڻهو شڪايت ٿا ڪن ته ڪين ملي نٿو سگهان. بادشاه چيس ته، پنهنجي دوستن کي پلي رات جو هتي ئي گهرائيندو ڪر. اهڙيءَ طرح محل جي ننڍي دروازي جي ڪنجي به هن کي ڏيئي ڇڏيائين. اهو ئي سبب هو، جو هو ڪن بدمعاش ۽ اواره قسم جي ماڻهن کي گهرائي، بادشاه ۽ پاڻ ڪري وندرائيندو رهندو هو. ۽ آخر بادشاه جو ڪم ختم ڪرائي ڇڏيائين. — مترجم

Marfat.com

کي سلام ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندو هو ۽ بادشاه جي طرفان کيس خلعت ۽ سونا ڪنگڻ انعام ۾ ملندا هئا. بادشاه، خسرو خان کي چيو ته "انهن هندن کي اندر وٺي اچ." جنهن تي خسرو ملڪ عرض ڪيو ته "هو رات جو اچڻ ٿا گهرن، ڇو ته ڏينهن جو پنهنجي عزيزن ۽ مذهب وارن کان کين شرم ٿو اچي." بادشاه چيو ته "ڇڱو رات جو ٿي کين وٺي اچ." خسرو ملڪ سٺا سٺا بهادر هندو چونڊي هن ڪم لاءِ ڪٺيا هئا، جن ۾ سندس ڀاءُ خان خانان پڻ هڪ هو.

گرميءَ جي موسم هئي، بادشاه سڀ کان مٿئين ڇت تي هو. ان وقت بادشاه وٽ سواءِ ڪن ٿورن غلامن جي ٻيو ڪوبه موجود ڪونه هو. اهي هندو جڏهن ڇهن دروازن کان لنگهي، پنجين دروازي تي پهتا، ته انهن کي هٿيارن سان ڏسي، قاضي خان کي شڪ پيدا ٿيو. هن کين روڪيندي چيو ته "ترسو، جيستائين مان آخوند عالم (بادشاه) کان اجازت وٺي اچان." جنهن تي يڪدم انهن حملو ڪري، قاضي خان کي ماري وڌو. گوڙ گهمسان تي بادشاه پڇيو ته "اهو سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟" ايتري ۾ خسرو خان بادشاه ڏانهن ڀڄندي چيو، ته "هو هندو اچي رهيا آهن ۽ قاضي خان کين روڪيو، تنهنڪري ڪجهه تڪرار ٿي پيو آهي." هي ٻڌي، بادشاه خوفزده ٿي، محل ڏانهن ڀڳو، پر دروازو بند هو. هن دروازو کڙڪايو، پر اوچتو پٺيان خسرو ملڪ اچي جهليس. بادشاه زبردست هو، تنهن ڪٽي کيس دٻيو ۽ مٿان چڙهي ويٺس. ايتري ۾ هندو اچي ويا. خسرو خان رڙ ڪري ٻڌايائين ته بادشاه مون کي هيٺان دٻيو ويٺو آهي. ڪا واهر ڪريو. هنن يڪدم بادشاه کي قتل ڪري وڌو، ۽ سندس سر ڪپي، ڪٽي اڱڻ ۾ ڦٽو ڪيو.

هن ڪم کان پوءِ خسرو خان يڪدم اميرن ۽ آفيسرن کي گهرايو. انهن کي هن واقعي جي ڪابه خبر ڪانه هئي. تنهنڪري هو جيئن اندر آيا تيئن خسرو خان کي تخت تي ويٺل

Marfat.com

ڏناڻون. انهن سڀني سنڌس بيعت ڪئي ۽ صبح ٿيڻ تائين انتي ئي ترسيا. صبح ٿيڻ سان هن پڙهو ڏياريو، ۽ دارالخلافه کان ٻاهر جهڪي به امير هئا، تن جي نالي پروانا ۽ قيمتي خلعتون روانيون ڪيائين. سڀني سنڌس اطاعت مڃي، مگر ديبال پور (١) جي حاڪم تغلق شاه سنڌس خلعت کي ڦاڙي، پٽ تي ڦٽي ڪري، ان جي مٿان چڙهي ويهي رهيو. خسرو خان پنهنجي ڀاءُ خان خانان کي هن تي چاڙهي موڪليو: جنهن کي تغلق شاه شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو.

خسرو ملڪ جڏهن بادشاه ٿيو تڏهن هندن کي وڏا وڏا عهدا ڏنائين ۽ حڪم ڪيائين ته سڄي ملڪ ۾ ڪوبه ڳئون نه کهي. هندو ڳئون کي مارڻ ناجائز سمجهندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو ڳئون کهندو هو ته ان کي سزا طور انهيءَ ڳئون جي کل ۾ سبارائي، ساڙي ڇڏيندا هئا. هي ماڻهو ڳئون جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ ان جو پيشاب ثواب لاءِ يا دوا طور استعمال ڪندا هئا. ازانسواءِ ان جي پاڻخاني سان پنهنجي گهرن کي ليپو پڻ ڏيندا آهن. خسرو خان چاهيو ٿي ته مسلمان به ائين ڪن. تنهنڪري اهي ڪانئس نفرت ڪرڻ لڳا ۽ سڀني گڏجي تغلق جي طرفداري ڪئي. اهڙيءَ طرح سنڌس دور حڪومت وڌيڪ هلي نه سگهيو — جنهن جو هيٺ بيان ٿا ڪريون.

---

(١) ديبال پور: پاڪستان ۾ سانتگمريءَ جي ضلعي ۾ پاڪ پٽڻ کان ٢٨ ميل اوپر طرف، اوڪاڙا جي اسٽيشن کان ١٧ ميل ڏکڻ طرف هي شهر موجود آهي، ۽ چڱو مشهور آهي. جنرل ڪننگهام جي تحقيقات موجب، هي شهر اصل ۾ راجا ديوپال آباد ڪيو هو، پر اهو معلوم ٿي نٿو سگهي ته اهو راجا ڪهڙي وقت جو حڪمران هو.

هن واقعي کان پوءِ تغلق چار سال حڪومت ڪئي. هيءُ نهايت انصاف وارو، عالم ۽ فاضل بادشاهه هو.

## سنڌس پٽ جي ناڪام بغاوت

جڏهن تغلق مڪمل طرح سان بادشاهه ٿيو، تڏهن پنهنجي پٽ کي تلنگ (تلنگانه) نالي ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليائين. هيءُ ملڪ دهليءَ کان ٽن مهينن جي پنڌ تي آهي. تغلق پنهنجي پٽ کي وڏو لشڪر ڏنو، جنهن ۾ وڏا وڏا امير، ۽ ملڪ تيمور، ملڪ تگين ۽ ملڪ ڪافور مهردار جهڙا پڻ هن سان گڏ موڪليائين. جڏهن هو تلنگ جي ملڪ ۾ پهتو، تڏهن هن بغاوت جو ارادو ڪيو. هن سان گڏ هڪ مصاحب عبيد نالي هو، جيڪو وڏو شاعر ۽ فقيهه هوندو هو، تنهن کي چيائين ته تون ماڻهن کي وچ پڌاءِ ته بادشاهه (تغلق شاهه) مري ويو. هن جو خيال هو ته اها خبر ٻڌي، لشڪر جا ماڻهو هڪدم اچي منهنجي بيعت ڪندا. پر هن خبر کي ڪنهن به سچ نه سمجهيو ۽ هر هڪ امير سنڌس مخالفت ڪئي ۽ ويا هن کان ڇڄندا. انهيءَ حد تائين، جو جونا خان سان ڪو به ماڻهو نه بچيو. ماڻهن هن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، پر ملڪ تيمور کين منع ڪئي.

جونا خان پنهنجن ڏهن همراهن سان (جن کي هو پنهنجو رازدار سمجهندو هو) دهليءَ ڏانهن ڀڄي نڪتو. بادشاهه هن کي رپيا ۽ لشڪر ڏيئي، وري تلنگانه ڏانهن واپس موڪليو. پوءِ جڏهن بادشاهه کي هن حقيقت جي خبر پيئي، تڏهن هن عبيد کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ ملڪ ڪافور مهردار لاءِ هڪ نوڪدار سڌي ڪاٺي زمين ۾ کوڙائي، هن جو منهن زمين جي طرف ڪرائي، ان ڪاٺيءَ جي نوڪ سنڌس گردن ۾ چڀائي، پاسرڙن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. باقي رهيل باغي امير خوف کان، سلطان ناصرالدين جي پٽ سلطان شمس الدين وٽ، جو غياث الدين بلبن جو پوٽو هو، ڀڄي ويا.

## تغلق جو لکنوتيءَ تي ڪاهڻ ۽ موٽندي سندس اچانڪ موت

اهي پيغام اڃا رستي ۾ ئي هئا، ته سلطان شمس الدين وفات ڪري ويو ۽ سندس ولي عهد سلطان شهاب الدين لکنوتيءَ جو بادشاهه ٿيو. پر سندس ننڍو ڀاءُ غياث الدين بهادر (ڀورو)، کيس تخت تان لاهي، پاڻ بادشاهه ٿي ويٺو ۽ پنهنجي ٻئي ڀاءُ قطلو خان کي مارائي ڇڏيائين. سندس باقي ڀائر شهاب الدين ۽ ناصر الدين تغلق شاهه ڏانهن ڀڄي ويا. تغلق سندن مدد لاءِ هنن سان گڏجي لکنوتيءَ تي ڪاهي ويو ۽ پنهنجي پٽ کي پنهنجو نائب مقرر ڪري، دهليءَ ۾ ڇڏي ويو. تغلق، غياث الدين بهادر (ڀوري) کي قيد ڪري، پاڻ سان گڏ وٺي، واپس موٽيو.

دهليءَ ۾ هڪ ولي، نظام الدين براؤني نالي، رهندو هو. جونا خان هميشه سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هو ۽ هن ۾ تمام گهڻو عقيدو رکندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجن خادمن کي چئي ڇڏيائين ته جنهن وقت شيخ جذبي ۽ وجد جي حالت ۾ اچي ته هڪدم مون کي خبر ڏجو. اهڙيءَ طرح سان جڏهن اهو موقعو آيو تڏهن هنن وڃي جونا خان کي ٻڌايو، جو يڪدم اچي حاضر ٿيو. شيخ کيس ڏسي چيو ته اسان توکي سلطنت بخشي. پوءِ انهيءَ ئي وجد واريءَ حالت ۾ دم ڏنائين. پوءِ جونا خان سندس جنازي کي ڪلهو ڏنو.

هيءَ خبر جڏهن بادشاهه کي پهتي، تڏهن گهڻو ناراض ٿيو. انهي کان سواءِ جونا خان جي ماڻهن جي دلين جي خبر رکڻ (علم قيافي)، بيجا سخاوت، غلامن جي گهڻي انداز ۾ خريداري ۽ ٻين اهڙي قسم جي ڪمن سبب، بادشاهه اڳ ۾ هن کان ناراض رهندو هو. هينئر هن خبر تي وڌيڪ سندس ناراضگي وڌي. کيس اها به خبر ملي ته جونا خان کي ڪنهن نجوميءَ اهو به ٻڌايو آهي ته

## باب چوٿون

### فصل پهريون

# سلطان ابي المجاهد محمد شاهه
# ابن سلطان غياث الدين تغلق

جڏهن سلطان تغلق مري ويو تڏهن سندس پٽ، بنا مقابلي ۽ مخالفت جي تخت تي ويٺو. مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان ته سندس نالو جوناخان هو. بادشاه ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجو نالو "المجاهد محمد شاه" رکيو. مان هن کان اڳ اڳين بادشاهن جو جيڪو احوال لکي آيو آهيان، تنهن جو ڪجھ حصو شيخ ڪمال الدين غزنوي، قاضي القضاة، مون کي ٻڌايو هو. پر هن بادشاه بابت جيڪي ڪجھ، مون لکيو آهي سو منهنجو اکين ڏٺو واقعو آهي.

### بادشاه جون خصلتون

هيءَ بادشاه تمام گهڻيءَ سخاوت ۽ خونريزيءَ جي ڪري مشهور آهي. ڪوبه ڏينهن اهڙو ڪونه ٿو گذري، جنهن ۾ ڪو فقير امير نٿو بڻجي ۽ ڪو زنده انسان قتل نٿو ڪيو وڃي. هن جي سخاوت، بهادريءَ، سختيءَ ۽ خونريزيءَ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون عام ماڻهن جي زبان تي آهن. تنهن هوندي به ڪوبه شخص هن بادشاه کان وڌيڪ بردبار ۽ انصاف پسند مون ڪٿي ڪونه ڏٺو. هو شريعت جو سخت پابند آهي ۽ نماز جو تاڪيد

Marfat.com

لوهي پٽ چڙهيل هوندا آهن. گهڻو ڪري هنن هاٿين کان ڏوهه دار (مجرم) ماڻهن کي مارڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي. هر هڪ هاٿيءَ جي مٿان فيلبان هوندو آهي، جنهن جي هٿ ۾ لوهه مان ٺهيل تبرزين (Hook) نالي اوزار هوندو آهي، جنهن سان هو هاٿيءَ کي هڪليندا آهن. انهن هاٿين جي مٿان هڪ ڏيک سان پيتي پڌل هوندي آهي، جنهن ۾ ويهه يا انهن کان ڪجهه گهٽ وڌ، هاٿيءَ جي ويڪر آهر، جنگي سپاهي ويهي سگهندا آهن. هي هاٿي اهڙا ته سيکاريل آهن، جو جنهن وقت حاجب بسم الله چوندو آهي، تنهن وقت هو سر جهڪائي سلام ڪندا آهن. هي هاٿي ٻه اڌ هڪ طرف ۽ اڌ ٻئي طرف قطار ۾ بيهاريا ويندا آهن.

هر هڪ شخص پهريائين بادشاهه وٽ اچي، سلام ڪري، پوءِ وچي پنهنجي مقرر جڳهه تي بيهي رهندو آهي. جڏهن ڪو هندو سلاميءَ تي ايندو آهي ته حاجب ۽ نقيب بسم الله چوڻ جي بدران هداڪ الله (خدا توکي هدايت ڏئي) چوندا آهن. بادشاهه جا غلام هٿن ۾ تلوارون ۽ ڍالون کڻي، ماڻهن جي پٺيان اهڙيءَ طرح بيٺا هوندا آهن، جو ڪو به ماڻهو هنن وٽان لنگهي، اندر وڃي ڪين سگهندو آهي، بلڪ جيڪو به شخص ايندو آهي، سو نقيبن ۽ حاجبن جي بيهڻ واريءَ جاءِ تان لنگهي، پوءِ اندر ايندو آهي.

## فصل ٻيو

# ٻاهرين ملڪن جي مسافرن جي نذراني رکڻ جو طريقو

جيڪڏهن ڪو ٻاهرئين ملڪ جو ماڻهو بادشاه جي سلاميءَ لاءِ ايندو آهي ته ٻهريائين دروازي تي اطلاع ڪندو آهي. پوءِ سڀ کان اڳ ۾ امير صاحب، انهيءَ جي پٺيان ان جو نائب پوءِ سيد الحجاب، شرف الحجاب هڪ ٻئي جي پٺيان هلندا اچي بادشاه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهن ۽ ٽي دفعا جهڪي سلام ڪري، عرض ڪندا آهن ته فلاڻو شخص سلام لاءِ حاضر ٿيو آهي. جڏهن اجازت ملندي آهي تڏهن ان ماڻهوءَ جا تحفا اهڙيءَ طرح رکايا ويندا آهن، جيئن بادشاه جي انهن تي نظر پئجي سگهي. پوءِ حڪم ٿيندو آهي ته تحفا آڻيندڙ کي گهرايو وڃي. پوءِ اهو شخص بادشاه جي ويجهو پهچڻ کان اڳ ئي ٽي دفعا اتي ئي جهڪي سلام ڪندو آهي. پوءِ اتان هلي، حاجبن جي بيهڻ واريءَ جاءِ تي پهچي، وري به اهڙيءَ طرح سلام ڪري، با ادب بيهي رهندو آهي.

جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو هوندو آهي ته مير حاجب واريءَ صف ۾ اچي بيهندو آهي، نه ته ان جي پٺيان ئي بيهندو آهي. بادشاه هن سان تمام نرمائيءَ ۽ گهڻيءَ مهربانيءَ سان گفتگو ڪندو آهي ۽ سندس مرحبا ڪندو آهي. جيڪڏهن وڏيءَ عزت جو لائق هوندو آهي ته بادشاه سائس هٿ ملائيندو آهي يا

پاڪر پاڻي ساڻس سلندو آهي ۽ هن جي نذراني رڪيل شين مان
ڪي گهرائي ڏسندو آهي، جيڪڏهن ڪو ڪپڙو يا هٿيار هوندو
آهي، ته ان کي ڦيرائي گهيرائي ڏسندو آهي، ۽ ان ماڻهوءَ جي
دل وندڻ لاءِ ان شيءِ جي تعريف ڪندو آهي. پوءِ هن کي مناسب
خلعت ڏني ويندي آهي ۽ ان بعد سندس لياقت آهر ڪيس دستور
موجب مٿي ذوڻارڻ جي رقم ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي.

## سرڪاري ماڻهن جي نذراني پيش ڪرڻ جو طريقو

جڏهن سرڪاري ماڻهو نذرانو پيش ڪندا آهن يا ڪنهن
ملڪ جي ڊيل آڻيندا آهن، ته ڪي سون جا برتن جهڙوڪ تشتريون
يا ڪوئنڊا يا اهڙي قسم جون ٻيون شيون ۽ سون جون سرون،
جن کي خشت به ڪري چوندا آهن، ڍهرائي ڪٺي ايندا آهن.
فراش جيڪي بادشاهه جا غلام هوندا آهن، انهن مان هڪ هڪ
شيءِ يا سر هٿ ۾ ڪٺي، بادشاهه جي سامهون اچي بيهندا آهن.
جيڪڏهن ڪو هاٿي نذراني لاءِ آڻيندا آهن، ته اهو هاٿي به اتي
پيش ٿيندو آهي. ان کان پوءِ ساز ۽ سامان سان گهوڙا، خچر
۽ اٺ، جن تي مال متاع لڏيل هوندو آهي، پيش ڪيا ويندا آهن.
جڏهن بادشاهه دولت آباد مان موٽي آيو هو، تڏهن وزير
خواجه جهان شهر بيانه مان ٻاهر نڪري، اهڙيءَ ترتيب سان پيش
ڪيو هو، جهڙيءَ طرح هيٺئر مٿي بيان ڪيو اٿم. انهيءَ نذراني ۾
هن هڪ ٿالهي ياقوتن جي، هڪ ٿالهي زمردن جي ۽
هڪ ٿالهي موتين سان ڀريل پيش ڪيون هيون. ان موقعي تي
عراق جي بادشاهه سلطان ابو سعيد جو سوٽ حاجي ڪائون به
موجود هو. بادشاهه ان نذراني جو ڪجھ حصو هن کي بخشي ڇڏيو
هو، جنهن جو بيان اڳتي ڪنهن موقعي تي ڪندس.

## عيد نماز لاءِ جلوس ڪڍڻ جي رسم

عيد واريءَ رات بادشاهه پنهنجي طرفان اميرن، وزيرن،

## فصل ٽيون

# بادشاهه جي سفر ڏان واپسيءَ جو جلوس

بادشاهه جڏهن سفر تان واپس ايندو آهي، تڏهن هاٿين کي سينگاريو ويندو آهي ۽ سورنهن هاٿين تي سورنهن زريءَ ۽ جواهرات سان جڙيل ڇٽ لڳايا ويندا آهن، ۽ غلام سندس اڳيان جواهر ۽ موتين سان جڙيل ڪپڙو کڻي هلندا آهن. ازانسواءِ ڪاٺ جا ڪيترين ئي منزلن جا برج ٺاهيندا آهن، جن کي ريشمي ڪپڙا ويڙهي ڇڏيندا آهن، جن ۾ هرهڪ منزل تي ٻانهيون Slave girls هار سينگار ڪري، موجود رهنديون آهن. هرهڪ برج جي وچ ۾ هڪ چمڙي جو حوض ٺهيل هوندو آهي، جنهن ۾ ٿڌو شربت پيل هوندو آهي. هي غلام زاديون هرهڪ ماڻهوءَ، شهري توڙي پرديسي مسافر، کي انهيءَ حوض مان پاڻي پياريندڀون رهنديون آهن؛ جڏهن اهي پاڻي پي بس ڪندا آهن، تڏهن انهن کي يڪدم پان ۽ سوپاريون کائڻ لاءِ ڏينديون آهن.

شهر کان شاهي محل تائين رستي جي ٻنهي طرفن ديوارن کي ريشمي ڪپڙن سان سينگاري ڇڏيندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ رستي تي به ريشمي ڪپڙي جو فرش وڇايو ويندو آهي، جنهن تان بادشاهه جو گهوڙو هلندو آهي. بادشاهه جي اڳيان هزارين غلام هلندا آهن ۽ پٺيان فوج هلندي ايندي آهي. ڪن وقتن تي مون اهو به ڏٺو آهي ته هاٿين تي ٽي يا چار ننڍيون منجنيقون چاڙهي ڇڏيندا آهن، جن جي وسيلي دينار ۽ درهم ماڻهن ڏانهن اڇلائيندا رهندا آهن. اها دينارن ۽ درهمن جي

۾ چانديءَ جو ڪٽڻ هوندو آهي. جڏهن اهي چوٿين دروازي تائين ايندا آهن تڏهن جيڪي به ماڻهو اتي حاضر هوندا آهن سي سندن آواز ٻڌي، اتي بيهندا آهن. رڪو بادشاه ويٺو هوندو آهي. باقي ٻيا سڀ اٿندا آهن. پوءِ ڪاڏو زمين تي رکي، سڀ نقيب قطار ٻڌي، هڪ طرف بيهي ويندا آهن. بادشاه جي تعريف سندن سردار ڪندو آهي ۽ هيٺ نمي زمين چمندو آهي. اهڙيءَ طرح سڀ نقيب ۽ سڀ حاضرين نمي زمين چمندا آهن.

اهو به دستور آهي ته هن موقعي تي جيئن ئي نقيب جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، تيئن جيڪو ماڻهو هلندڙ هوندو آهي سو اتي جو اتي بيهي ويندو آهي ۽ جيڪو ويٺل هوندو آهي سو اٿي ئي ڇمي ويندو آهي. نقيب ۽ سندس نائب جي تعريف ختم ٿيڻ کان اڳ ڪو به شخص نه ئي چري پري سگهندو آهي نه وري ڪو آواز وات مان ڪڍي سگهندو آهي. پوءِ سڀ ويهي ويندا آهن ۽ سڀ بادشاه جي اڳيان نمي زمين چمندا آهن. منشي وري سڀني حاضرين جا نالا لکي ڇڏيندو آهي. نالا سڀني جا لکيا ويندا، توڙي بادشاه کي انهن ماڻهن جي هجڻ جي خبر به هجي. پوءِ بادشاه جي ڇوڪرن مان هڪ، اها نالن جي لسٽ بادشاه وٽ کڻي ويندو آهي، جنهن کي ڏسي بادشاه حڪم ڏيندو آهي ته اڄ فلاڻو امير ماني کارائي.

سندن کاڌي ۾ ڪڪڪ جون مانيون، پڪل گوشت، چانور، مرغ ۽ سنبوسا وغيره هوندا آهن، جن جو مان اڳتي تفصيل سان بيان ڪري آيو آهيان. دسترخوان جي وچ تي قاضي، خطيب، فقير، سيد ۽ مشائخ هوندا آهن. انهن کان پوءِ بادشاه جا عزيز ۽ وڏا وڏا امير حيثيت آهر ويهندا آهن. هر هڪ ماڻهوءَ جي ويهڻ جي جاءِ مقرر هوندي آهي، جيڪا کيس معلوم هوندي آهي، ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي تڪليف ڪانه ٿيندي آهي. جڏهن سڀ ماڻهو ويهي ويندا آهن تڏهن شربدار ايندا آهن، جن جي

ھٿن ۾ سون، چاندي، ٽامي ۽ شيشي جا پيالا شربت سان ڀريل ھوندا آھن. جڏھن سڀ شربت پي بس ڪندا آھن، تڏھن حاجب بسم الله چوندا آھن. ان وقت سڀ ڪاڌو شروع ڪندا آھن.

ھر ھڪ ماڻھوءَ جي اڳيان قسم قسم جا طعام ۽ ھڪ وڏي پليٽ رکيل ھوندي آھي. ھڪ پليٽ ۾ ٻه ماڻھو ڪڏھن به نه کائيندا آھن، بلڪ سڀ الڳ الڳ کائيندا آھن. ڪاڌي کان پوءِ فقاع، قلعي جي پيالن ۾، آڻيندا آھن، جنھن کي حاجب جي بسم الله چوڻ تي پيئڻ شروع ڪندا آھن. ان کان پوءِ پان ۽ سوپاريءَ جون ٿالھيون آڻيندا آھن جن مان ھر ھڪ ماڻھوءَ کي مٺ ڪڻ سوپاريون ۽ پندرھن پان ريشمي ڌاڳي سان ٻڌل ھيل ڏيندا ويندا آھن. پان وغيره جي ورھاست ختم ٿيڻ تي حاجب وري بسم الله چوندا آھن، ته يڪدم سڀ اٿي بيھي رھندا آھن. امير جيڪو ڪاڌو کارائڻ تي مقرر ڪيو ويندو آھي، سو نمي زمين چمندو آھي، ۽ پوءِ سڀ حاضرين به اھڙيءَ طرح زمين چمي، ھليا ويندا آھن. ھيءُ ڪاڌو ڏينھن ۾ ٻه دفعا ٿيندو آھي، ھڪ ظھر جي وقت کان اڳ ۽ ٻيو عصر جي وقت کان پوءِ.

—

## باب پنجون

## فصل ٻهريون

# بادشاهہ جي سخاوت ۽ نيڪي

مان هن بادشاهہ جي سخاوت جي باري ۾ صرف اهو بيان ڪندس، جو مون پاڻ ڏٺو آهي، ۽ خداوند ڪريم ٿو ڄاڻي تہ جيڪي بہ مان بيان ٿو ڪريان سو يمن، خراسان ۽ فارس جا سڀ ماڻهو ڄاڻن ٿا ۽ انهن جي شاهدي ئي منهنجي سچيءَ حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. مسافرن ۽ پرديسين تي هن جيڪي مهربانيون ڪيون، تن جي باري ۾ هنن ملڪن جي گهر گهر کي ڄاڻ آهي. هو غير ملڪين جو تمام گهڻو قدر ڪندو آهي ۽ انهن کي هندستانين تي ترجيح ڏيندو آهي، ڪين جاگيرون، انعام ۽ وڏا وڏا عهدا عطا ڪندو آهي. ازانسواءِ هن جو حڪم آهي تہ ڪنهن بہ غير ملڪيءَ کي ڌاريو نہ سمجهيو وڃي، بلڪ ان کي عزيز ڪري مخاطب ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هن جي خيال موجب غير ملڪي ماڻهوءَ کي ڌاريو سڏڻ هن جي دل شڪني ڪرڻي آهي.

### بادشاهہ جو شهاب الدين گازرونيءَ کي بخشش ڏيڻ جو قصو

گازرون٭ شيراز جي ڀرسان هڪ شهر آهي، تنهن جو هڪ وڏو واپاري پرويز نالي هوندو هو، جنهن کي ملڪ التجار بہ ڪري ڇوندا هئا. شهاب الدين هن جو گهرو دوست هوندو هو،

Marfat.com

ڏنائين تہ سفيد صندل مقاشيري (١) مان هڪ منبر تيار ڪيو وڃي، جنهن ۾ ڪوڪا ۽ ڪليون سون جا هنيا وڃن ۽ ان جي مٿان هڪ وڏو ياقوت رکيو وڃي. ازانسواءِ ناصرالدين کي هڪ خلعت عباسيه ڪاري رنگ جي، جنهن تي زري ۽ هيرا ۽ موتي لڳل هئا ۽ هڪ عمامو (پڳ) پهرڻ لاءِ ڏنائين.

انهيءَ جلسي جو انتظام هڪ قيمتي خيمي ۾ ڪيو ويو، جتي بادشاہ اچي تخت تي ويٺو ۽ سندس ساڄي ۽ کاٻي خاص خاص امير، قاضي ۽ مولوي پنهنجي جاين تي ويٺي ويا. پوءِ واعظ ترمذيءَ هڪ خطبو نهايت فصاحت ۽ بلاغت واريءَ عبارت ۾ پڙهيو ۽ ان کان پوءِ تقرير ڪيائين. جيڪا ڪا خاص نصيحت آموز ڪانہ هئي. پر تقرير نهايت سٺي ڪيائين. جڏهن واعظ (ترمذي) منبر تان لٿو، تڏهن بادشاہ هن ڏانهن وڌي آيو ۽ پاڪر پائي ڪيس ڇاتيءَ سان لڳايائين ۽ پاڻ سان گڏ هاٿيءَ تي سوار ڪرايائينس. سڀني ماڻهن کي حڪم ٿيو تہ هن جي اڳيان پنڌ هلن، جن ۾ مان پاڻ شامل هوس. پوءِ هن کي هڪ سراچہ (خيمي) ۾ وٺي آيا جيڪو خاص هن لاءِ کڙو ڪيو ويو هو ۽ بادشاہ جي خيمي جي سامهون هو. هي خيمو رنگ برنگي ريشمي ڪپڙي مان تيار ڪيل هو ۽ ان جي قنات ۽ رسيون پڻ ريشم مان تيار ڪيون ويون هيون.

خيمي جي هڪ طرف سون جا برتن رکيل هئا جيڪي بادشاہ هن کي انعام ۾ ڏنا هئا. انهن برتنن ۾ هڪ تنور، جنهن ۾ هڪ ماڻهو آسانيءَ سان ويهي سگهي، ٻہ وڏيون ديڳيون، ٿالهيون جن جو تعداد مون کي ياد نہ رهيو آهي، ڪيترائي جڳ، هڪ ڪوزو، هڪ تمسينہ ٽالي چئن پيرن سان خوانچو ۽ هڪ ڪتابن جي پيٽي وغيرہ هئا. هيءُ سڀ سامان سون جو هو. عمادالدين

---

(١) جاوا ۽ بورنيو جي وچهو هڪ پيٽ مڪاسر ٽالي آهي؛ اتي سفيد صندل پيدا ٿيندو آهي، جو تمام قيمتي ايڪيو ويندو آهي.

فارس هليو ويو.

جڏهن هو شونڪاره جي شهر ۾ پهتو (هن شهر جي امام عضد الدين جو بيان پهرئين حصي ۾ ڪري آيا آهيون)، تڏهين اتي جي چڱن ماڻهن هن وٽ اچڻ ۾ ڪجهه دير ڪئي ۽ پوءِ جڏهين آيا تڏهن هنن کان دير ڪرڻ جو سبب پڇيائين. هنن جيڪو سبب ڏنو سو هن کي پسند نه آيو ۽ يڪدم پنهنجن سپاهين کي حڪم ڏنائين ته قلج (جڪار) يعني تلوارون ڪيو. هنن تلوارون ڪيون، چڱن مڙسن جا سر لاهي ڪٽي ڦٽا ڪيا. ان وقت هن وٽ تمام گهڻو لشڪر هو.

هنئين واقعي جي خبر جڏهن اتي جي اميرن ۽ ماڻهن کي پيئي تڏهن هنن کي گهڻي ڻتيان لڳي ۽ سڀني گڏجي شمس الدين سمنانيءَ کي جيڪو وڏو فقيهه ۽ امير هو، مدد لاءِ لکيو. هو پنهنجو لشڪر وٺي اتي ڪڙو ٿيو ۽ وچي اتي جي ماڻهن سان مليو، جيڪي پنهنجن چڱن ماڻهن جي انتقام وٺڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا. هنن حاجي ڪاون جي لشڪر تي رات جو حملو ڪيو ۽ انهن کي پڄائي ڪڍيائون. پوءِ حاجي ڪاون، جيڪو شهر ۾ محل جي اندر هو، جو اچي گهيرو ڪيائون. هو وڃي بيت الطهارة (غسل خاني) ۾ لڪو. آخر هن کي پڪڙي، سندس سر وڍي، سليمان ڏانهن ڏياري موڪليائون ۽ باقي عضوا سڄي ملڪ ۾ ورهائي، پنهنجي انتقام جي باهه وسايائون.

## فصل ٻيو

# ابن الخليفہ جو بادشاہ وٽ اچڻ

امير غياث الدين محمد بن عبدالقادر بن يوسف بن عبدالعزيز بن خليفہ المستنصر باالله عباسي بغدادي، النهر ماوراء جي بادشاہ سلطان علاءُ الدين طرمشيرين وٽ آيو. سلطان کيس حضرت قثم بن عباس رضہ جي خانقاہ جو متولي ڪري رکيو جتي هو ڪيترائي سال رهيو. هڪ دفعي هن ٻڌو تہ هندستان جو بادشاہ بني عباس جو شيدائي آهي. تنهنڪري هن پنهنجي طرفان محمد بن ابي شرفي حرباوي کي، جيڪو سندس قديمي دوست هو، ۽ محمد همداني صوفيءَ کي قاصد ڪري موڪليو. هو ٻئي اچي بادشاہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ناصرالدين ترمذي، جنهن جو مٿي بيان ڪري آيا آهيون، سو بہ امير غياث الدين کي سڃاڻندو هو، چاڪاڻ تہ بغداد ۾ هن جي حسب نسب جي ڪافي جاچ ڪئي هئائين تہ اتي جي مشائخن بہ هن جي خاندان جي تصديق ڪئي هئي، تنهنڪري هن بہ بادشاہ سان اهوئي احوال ڪيو، جو قاصدن ڪيو هو.

بادشاہ قاصدن کي پنج هزار دينار عنايت ڪيا ۽ امير غياث الدين ڏانهن ٽي هزار دينار راهہ خرچ لاءِ موڪلي، هڪ خط ۾ کيس هندستان اچڻ لاءِ دعوت ڏياري موڪليائين. هن خط پهچڻ شرط غياث الدين اتي هليو. جڏهن سنڌ ۾ پهتو تڏهن اخبار نويسن بادشاہ کي خبر موڪلي ڏني. بادشاہ دستور موجب سندس استقبال لاءِ ماڻهو موڪليا. جڏهن هو سرسہ ۾ پهتو، تہ قاضي

بادشاه گهڙي ادب سان ان جو جواب ڏنو.

جڏهن هو خيمي ۾ پهتا جيڪو بادشاه جي لاءِ لڳايو ويو هو، تڏهن بادشاه غياث الدين کي ان ۾ ٽڪايو ۽ پنهنجي لاءِ وري ٻيو تنبو کوڙايو. اها رات دارالخلافه کان ٻاهر ترسيا ۽ ٻئي ڏينهن شهر ۾ داخل ٿيا. بادشاه سيريءَ وارو محل جيڪو سلطان علاءالدين خلجي ۽ سلطان قطب الدين ٺهرايو هو، سو هن جي رهائش لاءِ مقرر ڪيو، ۽ پاڻ پنهنجي امير سان گڏ وڃي ان محل ۾ سڀ سامان موجود ڪيائين. ان سامان ۾ سون ۽ چانديءَ جي برتنن کان سواءِ هڪ سون مان ٺهيل حمام غسل لاءِ پڻ موجود ڪيو ويو. پوءِ چار لک دينار انهيءَ ئي وقت سندس مٿي ڏوڏارڻ لاءِ موڪلايائين. ازانسواءِ ٻانهيون ۽ غلام ڇوڪرا به سندس خدمت لاءِ موڪليائين ۽ روزاني خرچ لاءِ ٽي سؤ دينار مقرر ڪري ڏنائينس. ان کان علاوه هر وقت پنهنجي خاص دسترخوان مان کيس کاڌو موڪليندو رهندو هو.

ان کان پوءِ سيريءَ جو سڄو شهر گهرن، باغن، زمينن ۽ گودامن سميت کيس جاگير ۾ ڏنو ويو. ان کان سواءِ سؤ ڳوٺ پيا به کيس جاگير ۾ ڏنا ويا ۽ دهليءَ جي ايرندي پاسي وارن علائقن جي حڪومت به کيس عطا ڪئي ويئي. آخر ۾ ٽيهه خچر زري لڳل زينن سان به کيس ڏنا ويا، جن جو داڻو سرڪاري گودامن مان ايندو هو. هن لاءِ بادشاه جو حڪم هو ته جڏهن شاهي محل ۾ اچي تڏهن گهوڙي تان اصل نه لهي ۽ جيستائين بادشاه جي سواري ويندي آهي، ان جاءِ تائين اهڙيءَ طرح هليو اچي. ٻيءَ صورت ۾ ڪنهن شخص کي سوار ٿي، شاهي محل ۾ داخل ٿيڻ جي اصل اجازت ڪانه هوندي هئي. ماڻهن کي بادشاه جو حڪم هو ته جهڙيءَ طرح مون کي نمي فرشي سلام ڪندا آهيو، تهڙيءَ طرح هن جي پڻ تعظيم ڪندا ڪريو.

Marfat.com

جڏهن به هو بادشاه جي خدمت ۾ ايندو هو ته بادشاه تخت (ڪرسي) تان هيٺ لهي ايندو هو ۽ جيڪڏهين تخت جي چوڪي اندر هوندو هو ته اٿي بيهندو هو. پوءِ پيئي هڪٻئي کي سلام ڪندا هئا ۽ بادشاه کيس پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريندو هو. ۽ جڏهين هو موڪلائيندو هو تڏهن وري به اٿي بيهندو هو. پوءِ بادشاه هن کي سلام ڪندو هو ۽ هو بادشاه کي. جڏهن هو مجلس مان اٿي ٻاهر ويندو هو ته ٻاهر هڪ مسند، جيڪا خاص هن لاءِ وڇائي ڇڏيندو هو، اُن تي جيترو وقت کيس وڻندو هو، وڃي ويهندو هو. اهڙيءَ طرح ڏينهن ۾ ٻه دفعا ٿيندو رهندو هو.

## حڪايت

امير غياث الدين دهليءَ ۾ مقيم هو ته بنگالي جو وزير آيو. بادشاه حڪم ڏنو ته وڏا وڏا امير سندس استقبال لاءِ وڃن. پوءِ پاڻ به سندس استقبال لاءِ نڪتو ۽ هن جي تمام گهڻي عزت ڪيائين. شهر کي به اهڙيءَ طرح سان سينگاريو ويو جيئن بادشاه جي اچڻ وقت اُن کي سينگاريندا آهن. ابن الخليفو، امير غياث الدين، قاضي، فقيه ۽ مشائخ به هن سان ملڻ لاءِ آيا. جڏهن بادشاه واپس آيو تڏهن وزير کي چيائين ته تون مخدوم زاده جي گهر وڃ. وزير اٿي ويو ۽ وڃي ٻه هزار اشرفيون ۽ ڪپڙن جا ٿان پيش ڪيائين. هن سان گڏ امير قبولو ۽ مان به گڏجي ويا هئاسين.

## حڪايت

هڪ دفعي بهرام نالي غزنيءَ جو حاڪم بادشاه وٽ آيو. ابن الخليفي ۽ هن جي وچ ۾ قديمي دشمني هوندي هئي. بادشاه جو حڪم ٿيو ته شاه غزنيءَ کي سيريءَ جي هڪ گهر ۾ رهائش ڏني وڃي ۽ هي به بادشاه جي طرفان حڪم ٿيو ته هن جي لاءِ اتي هڪ اهڙون گهر ٺهرايو وڃي. هيءَ خبر جڏهين ابن الخليفي

بادشاھ جي طرفان ھن لاءِ ٽي خلعتون ڪٽي آيو، جن مان چوغن تي ريشمي ڦندڻن جي بجاءِ ھير جيڏا وڏا وڏا موتي لڳل ھئا. ملڪ ڪبير اھي خلعتون ڪنيون دروازي تي ويٺو ھو ۽ جيئن ابن الخليفو ھيٺ لٿو تيئن ڪيس خلعت پھرايائين. بادشاھ ھن کي بي انداز مال ۽ خزانو ڏنو ھو، پر تنھن ھوندي به ھو انتھا درجي جو ڪنجوس انسان نڪتو. ۽ جيتري قدر بادشاھ سخي ھو اوتري قدر وري ھو بخيل ثابت ٿيو، جن مان ڪي ڳالھيون ھيٺ ڏجن ٿيون.

## ابن الخليفي جي ڪنجوسائيءَ جون ڪي ڳالھيون

منھنجي ۽ ابن الخليفي جي وچ ۾ تمام گھري دوستي ٿي ويئي ھئي. تنھنڪري مان ھن وٽ گھڻو ايندو ويندو ھوس. مان جڏھن سفر لاءِ نڪتس، تڏھين پنھنجي پٽ کي به ھن وٽ ڇڏي آيو ھوس، جنھن جي مون کي ھينئر تائين خبر نه آھي ته سندس الاجي ڪھڙو حال ٿيو. مون ھڪ ڏينھن کائنس پڇيو ته توھان اڪيلا ڇو ٿا کائو ۽ پنھنجن دوستن کي دسترخوان ۾ ڇو نٿا شامل ڪيو؟ تنھن تي جواب ڏنائين ته مان گھڻن ماڻھن کي پنھنجو کاڌو کائيندي ڏسي، سھي نه ٿو سگھان. اھو سبب آھي جو مان اڪيلو کائيندو آھيان.

ھو فقط پنھنجي ھڪ خاص دوست محمد بن ابي شرفيءَ کي کائڻ لاءِ ڪجھ ڏيندو ھو. باقي سڀ پاڻ کائيندو ھو. جڏھن مان سندس گھر ويندو ھوس ته ٻاھرينءَ ڏيڍيءَ ۾ اونداھ لڳي پيئي ھوندي ھئي، ڇو ته ڏيو ڪونه ٻاريو ويندو ھو. مون ڪيترائي ڀيرا ھن کي پنھنجي باغ ۾ ڪاٺيون ۽ ڪک گڏ ڪندي ڏٺو. ھن انھن ڪکن ۽ ٻين سان پنھنجا گودام ڀرائي ڇڏيا ھئا. مون ھن کان پڇيو ته جناب مخدوم زادا ھي ڇا ٿا ڪريو! تنھن تي جواب ڏنائين ته ڪاٺين جي ڪڏھن ضرورت ٿي پوي، تنھنڪري گڏ ڪندو ٿو وڃان.

## فصل ٻيون

# امير سيف الدين غرا بن هبته الله بن مهني، امير عرب الشام، تي بادشاه جي نظر عنايت

جڏهين امير سيف الدين بادشاه وٽ آيو تڏهن بادشاه سندس تمام گهڻي آجيان ڪئي ۽ کيس بيحد عزت ڏنائين. کيس سلطان جلال الدين فيروز (خلجي) وارو محل، جيڪو ڪشڪ لعل (ڳاڙهو محل) جي نالي سان مشهور آهي ۽ دهليءَ ۾ آهي، رهائش لاءِ ڏنائين. هيءُ محل تمام وڏو آهي جنهن ۾ اڱڻ تمام وڏو آهي ۽ ڏيڍي به تمام وڏي اٿس. انهيءَ ڏيڍيءَ جي مٿان هڪ برج ٺهيل آهي جنهن ۾ اندر وبهي، اندرئين ۽ ٻاهرئين اڱڻ کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو. سلطان جلال الدين هن برج ۾ ويهي، اندرئين پاسي کينهوڙءِ راند ڏسندو هو.

جڏهين امير سيف الدين کي هن محل ۾ ترسايو ويو تڏهن مان به اهو محل ڏسڻ ويس، جو سڄو نهايت قيمتي سامان سان آراسته ٿيل هو. پر سڀني شين تي مٽي چڙهي ويئي هئي، ڇو ته هندستان ۾ اهو دستور آهي ته جيڪڏهن ڪو بادشاه مري ويندو آهي ته ان جي محل کي ڇڏي، نئون بادشاه پنهنجي لاءِ هڪ ٻيو محل ٺهرائي ان ۾ رهندو آهي، ۽ اڳين بادشاه جي محل جي ڪنهن به سٺي شيءِ کي اتان هٽايو نه ويندو آهي. مون انهيءَ محل کي چڱيءَ طرح سان گهمي ڏٺو ان جي ڇت تي به ويس. هر شيءِ عجيب هئي، منهنجي ته اکين مان ڳوڙها ڪري پيا.

Marfat.com

بادشاھ ڪڏھن بہ معاف نہ ڪندو آھي ۽ ان ماڻھوءَ جي يقيني سزا موت ھوندي آھي. پر چاڪاڻ تہ ھو غير ملڪي ماڻھو ھو تنھنڪري ھن سان رعايت ڪئي ويئي. قاضي ڪمال الدين ان وقت ديوان خاني ۾ ويٺو ھو. بادشاھ ملڪ تتر کي چيو تہ ھنن ٻنھي کي قاضيءَ وٽ وٺي وڃ. ملڪ تتر حاجي ھو ۽ عربي تمام سٺي ڳالھائيندو ھو. جڏھن ٻنھي کي قاضيءَ وٽ حاضر ڪيائين، تڏھن امير غرا کي ڳالھيون ڪندي چيائين تہ تو ھن شخص کي ماريو آھي؟ جيڪڏھين نہ ماريو اٿئي تہ چئو تہ مون نہ ماريو آھي. يعني سندس مطلب ھو تہ چوي تہ نہ. پر ھو جو اصل جاھل ھو ۽ ڪجھہ مغرور بہ ٿي پيو ھو، سو زور ڀڏي بيھي رھيو تہ ھائو مون برابر ماريو اٿس.

ايتري ۾ زخميءَ جو پيءُ بہ اچي نڪتو، تنھن بہ ڪوشش ڪئي تہ ٻنھي جي وچ ۾ صلح ٿئي تہ چڱو. پر سيف الدين اصل اِٽ ھٽي بيھي رھيو. قاضيءَ فيصلو ڪيو تہ ھو سڄي رات جيل ۾ رھي. سندس زال بادشاھ جي خوف کان نہ ھن ڏانھن سمھڻ لاءِ بسترو موڪليو ۽ نہ وري ڪا خبر لڌائينس. سندس دوستن کي بہ اچي خوف ورتو، سو سيني پنھنجا مال وڃي ماڻھن وٽ امانت رکيا. مون ارادو ڪيو تہ قيد خاني ۾ وڃي ساڻس ملاقات ڪريان. ھڪ امير مون کي مليو جنھن منھنجو مطلب سمجھي چيو تہ توکي وسري ويو آھي ڇا تہ تو شيخ شھاب الدين بن شيخ احمد جام سان ملاقات جو ارادو ڪيو ھو ۽ ڪيئن بادشاھ تنھنجي قتل جو حڪم ڏنو ھو. ھن واقعي جو بيان اڳتي ڪندس.

اھو ٻڌي مان واپس موٽي آيس. ٻئي ڏينھن ظھر جي وقت امير غرا کي آزاد ڪيو ويو. ان ڪاڻ پوءِ بادشاھ ھن کان منھن موڙي ڇڏيو ۽ سندس جاگير جو حڪم بہ رد ڪري ڇڏيائين. نہ رڳو ايترو پر جلاوطن ڪرڻ جو بہ ارادو ڪيائينس.

بادشاھ جو ھڪ ڀيڻيو مغيث الدين ابن الملڪ الملوڪ

Marfat.com

ٽالي هوندو هو. بادشاه جي پيٽ هميشه ان جي شڪايت ڪندي ڪندي، آخر مري ويئي. ان وقت سندس ڀائٽين بادشاه کي ياد ڏياريو ته هوءَ ويچاري به هن جي ظلم جي سبب ڪري مُئي آهي، ۽ هو اصل خاندان ۾ ڪونه آهي. جنهن تي بادشاه پنهنجي هٿ سان حڪم لکيو ته قيط (حرامي) ۽ موش خوار کي ملڪ بدر ڪيو وڃي. حراميءَ مان سندس اشارو مغيث الدين ڏانهن هو ۽ موش خوار مان سندس مطلب امير سيف الدين هو- ڇو ته بدوي عرب يربوع ٽالي هڪ جانور کائيندا آهن، جيڪو جهنگلي ڪئي جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي. يڪدم نقيب آيا ته هن کي ملڪ مان ٻاهر ڪڍن. هن چاهيو ٿي ته پنهنجي گهر وڃي پنهنجي زال کان موڪلائي اچي، پر نقيب هر هر کيس سڏڻ لاءِ اچي رهيا هئا. تنهنڪري روئندو انهن سان هليو ويو.

مان ان وقت محل ۾ ويس ۽ سڄي رات اتي ترسي پيس. هڪ امير مون کان پڇيو ته رات هتي ڇو ترسيو آهين. مون چيو ته امير سيف الدين جي باري ۾ بادشاه کي چوڻو اٿم ته هن کي ملڪ نيڪالي نه ڏئي ۽ هن کي واپس گهرائي وٺي. هن جواب ڏنو ته ائين بلڪل ناممڪن آهي. تنهن تي مون چيو ته جيڪڏهن مون کي هڪ سو راتيون به هتي رهڻيون پيون ته به رهندس، پر پنهنجو مطلب ضرور حاصل ڪندس.

بادشاه کي جڏهن اها خبر پهتي ته تڏهن حڪم ڏنائين ته امير سيف الدين کي واپس گهرايو وڃي ۽ پوءِ حڪم ڏنائين ته هو ملڪ قبولي لاهوريءَ جي خدمت ۾ رهي. آخر چار مهينا جڏهن هن سان سوارين ۽ سفرن ۾ گڏ رهي، هو تهذيب ۽ ادب چڱيءَ طرح سکي ويو، تڏهن وري هن کي پنهنجي مرتبي تي واپس ڪيو ويو ۽ کيس ساڳيون جاگيرون ۽ لشڪر ڏنائين، سندس عزت افزائي ڪئي ويئي.

جي دعوي داخل ڪئي. قاضيءَ حڪم ڏنو ته بادشاه هڪدم سندس مال موٽائي ڏئي، ۽ بادشاه هن کي سندس مال موٽائي ڏنو.

## هڪ ٻي ڳالهه

هڪ دفعي ڪنهن بادشاه جي عهديدار جي پٽ بادشاه تي ڪيس ڪيو ته بادشاه بنان ڪنهن سبب جي هن کي مار ڏني آهي. قاضيءَ حڪم ڏنو ته بادشاه ڇوڪري کي راضي ڪري يا ان جو قصاص (١) ڏئي. مون ڏٺو ته بادشاه پنهنجي مجلس ۾ ان ڇوڪري کي گهرائي، سندس هٿ ۾ هڪ لڪڻ ڏيئي، هن کي پنهنجو قسم وجهي چيو ته پنهنجو بدلو مون کان وٺ ۽ جهڙيءَ طرح مون تو کي ماريو آهي اهڙيءَ طرح تون به مون کي مار. ڇوڪري بادشاه کان لڪڻ وٺي ايڪويهه دفعا ڪيس هنيو. ايتري قدر جو هڪ دفعي ڏڪ لڳڻ سان بادشاه جو (ڪلاهُ) ڪلاه به سندس مٿي تان ڪري پيو.

## نماز لاءِ سختي

هيءُ بادشاه نماز لاءِ تمام گهڻو تاڪيد ڪندو هو. سندس حڪم هو ته جيڪو به شخص جماعت سان نماز نه پڙهي، تنهن کي سزا ڏني وڃي. هڪ دفعي انهيءَ ڳالهه تان نو ماڻهو قتل ڪرائي ڇڏيائين، جن مان هڪ ڳائيندڙ به هو. هن ڪم لاءِ بادشاه ڪيترا ئي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا هئا، جن جو فرض هوندو هو ته جماعت جي وقت جيڪو به ماڻهو بازار ۾ ڏسندا هئا، تنهن کي پڪڙي ايندا هئا، ايتري قدر جو سئس جيڪي ديوانخاني

(١) قصاص - خون جو بدلو خون. خون جو قصاص ائين ٿيندو آهي، جو خونيءَ کي خون ٿيل جي وارثن جي حوالي ڪيو ويندو آهي، جيڪي قصاص ۾ ان کي ماري ڇڏيندا آهن؛ يا وري جي خوني انهن کي رپيا ڏيئي راضي ڪري، ته به ٿي سگهي ٿو. بادشاه نه، هندوءَ کي مال ڏيئي راضي ڪيو هو، نه ته قصاص ۾ مارجي وڃي ها. - مترجم

Marfat.com

## باب ڇھون

## فصل ٻھريون

# بادشاھ جا ظلم

ھن وقت تائين بادشاھ جي تواضع، انصاف ۽ سخاوت جون ڳالھيون جيڪي غير معمولي ھيون، پئي بيان ڪيون اٿم. الھن سڀني چڱين عادتن کان سواءِ ھو خونخوار به انتھا درجي جو ھوندو ھو. ڪڏھن ڪو اتفاق ھوندو ھو، جو سندس دروازي تي ڪنھن کي قتل نه ڪيو ويندو ھو. گھڻو ڪري دروازي تي ماڻھن جا لاش پيا ھوندا ھئا. ھڪ ڏينھن جي ڳالھه آھي ته مان محل ڏانھن ويس ته اتي ڪنھن سفيد شيء کي ڏسي منھنجي گھوڙي وٺي ڏاھ ڪاڏو. مون سان گڏ ھڪ ماڻھو ھو، جنھن ٻڌايو ته اھو ھڪ شخص جو ڌڙ آھي، جنھن مان ٽي ٽڪرا ڪيا ويا آھن.

ھي بادشاھ ننڍي خواھ وڏي ڏوھ جي ھڪجھڙي سزا ڏيندو ھو، جنھن ۾ علم وارن، شريفن يا صالحين مان به ڪنھن قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي ھئي. ديوان خاني ۾ ھر روز سوين ماڻھو ھٿڪڙين ۽ زنجير پيل حاضر ڪيا ويندا ھئا، جن مان ڪن کي قتل ڪيو ويندو ھو، ڪن کي عذاب ڏنا ويندا ھئا ته ڪن کي وري مارون ڏنيون وينديون ھيون. ھن جو دستور ھوندو ھو ته جمعي جي ڏينھن کان سواءِ ٻين ڏينھن تي سڀني قيدين کي ديوان خاني ۾ گھرائيندو ھو. جمعي جي ڏينھن ھو (قيدي) ٻاھر ڪونه ڪڍندا ھئا، ڇو ته ان ڏينھن ھو حجامت

## شيخ شهاب الدين کي عذاب ڏيئي قتل ڪرائڻ

هيءُ شيخ شهاب الدين بن شيخ احمد جام خراساني، شهر جي وڏن مشائخن، صالحن ۽ فاضلن مان هڪ هوندو هو ۽ چوڏهن ڏينهن جو روزو رکندڙ هو. هن جي زيارت لاءِ اڳين بادشاهن مان، سلطان قطب الدين ۽ تغلق شاه پڻ ويندا هئا، سندس دعا جا خواهشمند رهندا هئا ۽ کيس تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا.

جڏهن سلطان محمد شاه بادشاه ٿيو تڏهن ارادو ڪيائين ته شيخ شهاب الدين کي به پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکان. چو ته هو عادت موجب سڀني مشائخن ۽ عالمن کي نوڪريءَ ۾ رکندو ويندو هو ۽ اها حجت اٿاريندو هو ته صدر الاول رضي الله عنهم (خلفاء راشدين) اهل علم ۽ اهل صلاح کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڪا نوڪري ڪونه ڏيندا هئا. شيخ شهاب الدين هن جي آڇ تي انڪار ڪيو. جڏهن بادشاه پريءَ عام دربار ۾ عرض ڪيس تڏهن به صاف جواب ڏيئي ڇڏيائينس. بادشاه کي تنهن تي ڏاڍا خار لڳا ۽ شيخ ضياءُ الدين سمناميءَ کي حڪم ڏنائين ته شيخ شهاب الدين جي ڏاڙهي پٽ. ضياءُ الدين تنهن تي انڪار ڪندي چيو ته اهڙو ڪم مون کان نه ٿيندو. تنهن تي بادشاه حڪم ڏنو ته هنن ٻنهي جي ڏاڙهي پٽي وڃي. جڏهن ٻنهي جي ڏاڙهي پٽي ويئي، تڏهن ضياءُ الدين کي تلنڪ (تلنگانه) ڏانهن ڪڍي ڇڏيائين. جتان ڪجهه وقت کان پوءِ کيس (وزوڪل) وارنگل جو قاضي مقرر ڪري موڪليائين، جتي ٿي هو آخري دم تائين رهيو. ۽ شهاب الدين کي وري دولت آباد موڪلي ڇڏيائين، جتي هو ست سال کن رهيو، پوءِ هن کي واپس گهرايو ويو ۽ گهڻي عزت ۽ آبروءِ سان هن کي عاملن کان بقاياائن وصول ڪرڻ جي ڪم تي مقرر ڪيائين. پوءِ وري هن کي اتان به گهرائي تمام گهڻي عزت ڏيئي کيس عاملن کان بقاياائن وصول ڪرڻ وارن جي شعبي تي، ديوان مقرر ڪري، وري به کيس عزت ۽ مال ڏنائين ۽

## شيخ هود کي قتل ڪرائڻ

هن جو اصل نالو شيخ زاده هود هو ۽ الشيخ الصالح الولي رڪن الدين بن بهاءالدين بن ابي ذڪريا ملتانيءَ جو پوٽو هو. بادشاھ سندس ڏاڏي رڪن الدين ۽ ان جي ڀاءُ عمادالدين جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. عمادالدين شڪل ۾ هوبهو بادشاھ جي شڪل جهڙو هوندو هو، تنهنڪري هن کي ڪشلو خان واريءَ لڙائيءَ جي ڏينهن دشمن خود بادشاھ سمجهي ماري ڇڏيو هو. ان جي بدلي ۾ بادشاھ شيخ رڪن الدين کي هڪ سو ڳوٺ جاگير ۾ ڏنا هئا ته انهن جي آمدنيءَ مان خانقاھ جي لنگر جو خرچ هلائيندو رهي.

شيخ رڪن الدين جي وفات کان پوءِ شيخ هود پنهنجي ڏاڏي جي وصيت موجب انهيءَ خانقاھ جو سجاده نشين ٿيو، پر شيخ رڪن الدين جو هڪ ڀائٽيو هو جنهن پنهنجي چاچي جي ورثي لاءِ حقدار هجڻ جي دعوي ڪئي. ٻئي ڄڻا نبيري لاءِ بادشاھ وٽ دولت آباد آيا. دولت آباد ملتان کان اسي منزلون پري آهي. بادشاھ شيخ رڪن الدين جي وصيت موجب شيخ هود کي سجاده نشين مقرر ڪيو. شيخ هود عمر ۾ وڏو ۽ شيخ رڪن الدين جو ڀائٽيو اڃا نوجوان هو. بادشاھ حڪم ڏنو ته شيخ هود جي گهڻي عزت ۽ آبرو ڪئي وڃي ۽ جنهن به منزل تي لهي ته اتي بادشاھ جي طرفان سندس دعوت جو انتظام ڪيو وڃي. تنهن کان سواءِ شهر جي سڀني عملدارن کي حڪم ٿيو ته هن جي استقبال ڪرڻ لاءِ وڃن. تنهنڪري هو جڏهن دارالخلافه ۾ پهتو تڏهن شهر جا سڀ فقيھ، قاضي ۽ مشائخ سندس استقبال لاءِ ٻاهر آيا، جن ۾ مان پڻ شامل هوس.

شيخ هڪ پالڪيءَ ۾ ويٺو هو، جنهن کي ماڻهو ڪلهي تي کڻي هلي رهيا هئا ۽ سندس گهوڙا ڊڪي هلي رهيا هئا. اسان هن کي

ظاهري سلام ڪيو پر امان ڪي سندس پالڪيءَ ۾ سواري ڪرڻ
باڪل ڪانه وڻي. مون ڪنهن شخص سان ڳالهه ٻڌي ڪئي ته
هن ڪي گهوڙي تي سوار ڏٺي، قاضي ۽ مشائخ وغيره جيڪي
سندس استقبال لاءِ آيا آهن، تن سان گڏ هلڻ گهرجي. هن ڪي
به ڪنهن اها ڳالهه وڃي ٻڌائي، تنهن تي هو گهوڙي تي سوار
ٿي هلڻ لڳو، ۽ پالڪيءَ جي سواري ڪرڻ جو سبب ٻڌي ڏنائين
ته ڪنهن سور (درد) جي ڪري گهوڙي تي چڙهي نٿي سگهيو.

جڏهن هو دارالخلافه ۾ پهتو، تڏهن بادشاهه جي خرچ سان
هڪ دعوت جو انتظام ڪيو ويو جنهن ۾ قاضي، فقيهه ۽ غير
ملڪي ماڻهن کي به شامل ڪيو ويو. ڪاڏي کان پوءِ هرهڪ
کي سندس درجي، آهر انعام ۽ اڪرام ڏنا ويا. جيئن ته قاضي القضاة
کي پنج سو دينار مليا ۽ مون کي اڍائي سو دينار وغيره. هي
هن ملڪ جو رواج آهي ته هرهڪ شاهي دعوت جي موقعي تي
هن قسم جا انعام ۽ اڪرام ڏنا ويندا آهن. هن کان پوءِ شيخ
هود پنهنجي شهر ڏانهن روانو ٿيو. بادشاهه هن سان گڏ شيخ
نورالدين شيرازيءَ کي به موڪليو ته هو اتي وڃي کيس پنهنجي
ڏاڏي جو سجاده نشين بڻائي. اتي پڻ بادشاهه جي خرچ سان هڪ
وڏي دعوت ڪئي ويئي هئي.

شيخ هود ڪيترن ئي سالن تائين سجاده نشين رهيو. هڪ
دفعي سنڌ جي حاڪم عمادالملڪ بادشاهه کي لکي موڪليو ته شيخ
هود ۽ سندس عزيز دولت ۽ مال گڏ ڪندا ٿا وڃن ۽ اجاين
ڪمن تي خرچ ڪندا ٿا رهن. باقي خانقاه ۾ ڪنهن کي به ماني
نٿا کارائين. جنهن تي بادشاهه حڪم ڏنو ته سندس مال ضبط ڪيو
وڃي. عمادالملڪ هنن سڀني کي گهرايو ۽ ڪن کي ته جيل ۾
وجهي ڇڏيائين ۽ ڪن کي مار موچڙو ڪري، هنن کان ويهه هزار
دينار روزانا وصول ڪندو رهيو. ايتري قدر، جو هنن وٽ آخر
ڪجهه نه رهيو. هنن جي گهرن مان تمام گهڻي دولت ۽ قيمتي

Marfat.com

جا نالا پڌائي ڇڏيا. جڏهن بادشاه انهن ڏنل نالن جي فهرست ڏني تڏهن (غصي ۾ ڀرجي) چيائين ته هيءُ شخص سڄي شهر کي برباد ڪرڻ ٿو گهري، تنهنڪري هن جو سر ڪپيو وڃي. پوءِ ان جو به سر لاٿو ويو. خدا هن تي رحمت ڪري.

## شيخ علي حيدريءَ کي قتل ڪرائڻ

شيخ علي حيدريءَ نالي هڪ بزرگ شخص ڪنبايت جي شهر ۾، جيڪو هندستان جو هڪ بندرگاهه آهي، رهندو هو. هو هڪ وڏو مشهور ۽ معروف درويش ڪري مڃيو ويندو هو. ايتري قدر جو سمنڊ ۾ ڏکين وقتن تي، سوداگر هن جي نالي جون باسون باسيندا هئا ۽ جڏهن (صحيح سلامت) هن بزرگ جي سلام لاءِ ايندا هئا تڏهن هيءُ ڪشف جي زور تي ڪين سندن سڀ احوال پڌائي ڇڏيندو هو. ڪنهن وقت جيڪڏهن ڪو سوداگر وڏي باس باسيندو هو ۽ نيت ڦيرائي ڇڏيندو هو ته شيخ وٽ اچڻ وقت، شيخ کيس چوندو هو ته تو هيتري باس باسي هئي، تنهنڪري هاڻي پنهنجي ڳالهه پوري ڪر. ڪيترا ئي دفعا جو اهڙا اتفاق ٿيا، سو شيخ پاڻ اڳي کان به وڌيڪ مشهور ٿيڻ لڳو.

جڏهن قاضي جلال الدين افغانيءَ ۽ ان جي قبيلي هن ملڪ ۾ بغاوت ڪئي، تڏهن بادشاهه کي معلوم ٿيو ته شيخ حيدريءَ قاضي جلال الدين لاءِ دعا گهري آهي ۽ پنهنجي مٿي جي ٽوپي پڻ هن کي ڏني اٿس، نه رڳو ايترو پر هن جي هٿ تي بيعت به ڪري ڇڏي اٿس. جڏهن بادشاهه پاڻ پنهنجي سر ان بغاوت کي بند ڪرڻ لاءِ آيو ۽ قاضي جلال الدين کي شڪست نصيب ٿي، تڏهن شرف الملڪ امير بخت کي ڪنبايت ۾ ڇڏي، پاڻ واپس موٽي ويو ۽ هن کي حڪم ڏيئي ويو ته باغين کي ڳولي هٿ ڪري، کين مناسب سزائون ڏيئي ڇڏي. هن سان گڏ بادشاهه کي

فقيهہ به چڏي ويو، جن لاءِ ڪيس حڪم ڏنو هئائين ته هنن جي صلاح موجب هلندو رهي. شرف الملڪ، شيخ علي حيدريءَ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ جڏهن اهو ثابت ٿيو ته هن قاضي جلال الدين کي پنهنجي ٽوپي ڏني هئي ۽ هن جي لاءِ دعا به گهري هئائين، تڏهن فقيهن (يڪراءِ) هن جي قتل جو حڪم ڏنو. پر جڏهن جلاد هن تي تلوار هلائي، تڏهن تلوار پنهنجو ڪم ڪري نه سگهي. ان تي ماڻهن کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ سمجهيائون ته هاڻي هن کي معاف ڪيو ويندو. پر شرف الملڪ وري هڪ ٻئي جلاد کي حڪم ڪيو، جنهن هن جو سر لاهي ڇڏيو. خدا شال هن تي رحمت ڪري.

## طوغان ۽ ان جي ڀاءُ کي قتل ڪرائڻ

طوغان فرغاني ۽ ان جو ڀاءُ، فرغانه جي وڏن ماڻهن مان ليکيا ويندا هئا. هو جڏهن بادشاه وٽ لنگهي آيا هئا، تڏهن هنن جي تمام شاندار سرحبا ڪئي ويئي هئي ۽ گهڻو ڪجهه ڪين عطا ڪيو ويو هو. پوءِ هو ڪيترو وقت بادشاه وٽ رهيا ۽ جڏهن ڪين ڪافي عرصو گذري ويو، تڏهن هنن پنهنجي ملڪ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو. هنن ڀڄڻ جو سڄو انتظام ڪري ڇڏيو هو. پر سندن ڪنهن دوست وڃي بادشاه کي سڄي حقيقت ٻڌائي، جنهن تي بادشاه حڪم ڏنو ته (هنن کي پڪڙي) ڪين وچان ودي، اڌو اڌ ڪيو وڃي. پوءِ هنن جو سمورو مال انهيءَ ماڻهوءَ جي حوالي ڪيو ويو، جنهن سندن خلاف بادشاه کي خبر ڏني هئي. هن ملڪ ۾ اهو رواج آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي خبر پهچائي ۽ اها سچ هجي ته ان ماڻهوءَ کي قتل ڪري سندس سمورو مال خبر ڏيندڙ کي ڏنو ويندو آهي.

## ملڪ التجار جي پٽ کي قتل ڪرائڻ

ملڪ التجار جو هڪ پٽ، جيڪو اڃا ننڍڙو جوان هو ۽ ڊڄڻ جي ساوڪ ۾ ڪاڻ لٿي هئس، سو عين الملڪ جي بغاوت وقت، (جنهن جو سڄو احوال اڳتي ايندو،) ساڻس شامل هو. جڏهن عين الملڪ کي شڪست آئي، تڏهن هن کي ۽ هن جي ٻين همراهن کي پڪڙي وٺي آيا، جن ۾ ملڪ التجار جو پٽ ۽ سندس پيٽيوٽي قطب الملڪ جو پٽ به هئا. بادشاه هنن ٻنهي لاءِ حڪم ڏنو ته سندن هٿ ڪاٺ جي ٿنڀي سان ٻڌي کين مٿي ٽنگيو وڃي ۽ ان بعد اميرن جي پٽن کي حڪم ڏنو ويو ته انهن تي تيرن جا 'نشان' چٽين. اهڙيءَ طرح ٻنهي کي قتل ڪيو ويو.

جڏهن هو ٻئي مري ويا، تڏهن خواجه امير علي تبريزيءَ نالي هڪ حاجب، قاضيءَ ڪمال الدين کي چيو ته هن ننڍڙي جوان تي قتل واجبي نه هو. بادشاه کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن کيس گهرائي چيائين ته هنن جي مرڻ کان اڳ ۾ تو اها ڳالهه ڇو نه ٿي ڪئي، ۽ حڪم ڏنائين ته هن کي ٻه سو دُرا هنيا وڃن. ان کان پوءِ کيس قيد ۾ رکيو ويو ۽ سندس سمورو مال جلادن جي سردار کي ڏنو ويو. ٻئي ڏينهن مون ان (جلاد) کي ڏٺو ته هو امير علي تبريزيءَ جا ڪپڙا ۽ پڳ پهريو، هن جي گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو، ۽ پري کان مون ڀانئيو ته امير علي تبريزي آهي.

ان بعد امير علي تبريزي ڪيترائي مهينا جيل ۾ رهيو ۽ ڪجهه عرصي گذرڻ بعد هن کي آزاد ڪري وري کيس ساڳيو عهدو موٽائي ڏنو ويو. ان کان پوءِ وري ٻئي دفعي بادشاه هن تي ڪاوڙجي، هن کي خراسان جي طرف ڪڍي ڇڏيو. تنهنڪري هو وڃي هرات ۾ رهيو. اتان هن بادشاه ڏانهن هڪ درخواست لکي موڪلي، جنهن ۾ رحم ۽ نظر عنايت جي تمام گهڻي عاجزيءَ

مان گهڻ ڪيائين. بادشاه سندس انهيءَ ٿي درخواست جي ٻنهان لکي موڪليس ته "اگر بار آمدي بار (آ)" يعني جيڪڏهن توبهه تو ڪرين ته ٻيلي موٽي اچ، جنهن تي هو موٽي آيو.

## خطيب الخطباء کي موت جي مار ڏيارڻ

هڪ دفعي سفر ۾ دهليءَ جي خطيب الخطباء کي بادشاه حڪم ڏنو ته "جواهرات واري خزاني جي تون سنڀال ڪر." اتفاق سان هڪ رات کي هندو ڌاڙو آيا ۽ اچي خزاني کي ڌاڙو هڻي، ان مان ڪجهه مال کڻي ويندا رهيا. (ٻئي صبح جو) بادشاه (غصي مان) حڪم ڏنو ته خطيب کي ڏاڍي مار ڏني وڃي، جنهن تي هن کي ايترو ماريو ويو، جو آخر هو مري ويو. خدا هن تي رحمت ڪري.

## دهليءَ جي شهر کي برباد ڪرڻ ۽ انڌي ۽ منڊي کي مارائڻ جو عجيب واقعو

بادشاه سڀ کان وڏي ڳالهه اها ڪئي هئي، جنهن لاءِ اڪثر کيس ذميدار ٺهرايو ويندو آهي، ته هن دهليءَ جي سڀني رهواسين کي شهر نيڪالي ڏيئي شهر کي برباد ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ جو خاص سبب هيءُ هو، جو ڪي ماڻهو بادشاه جي لاءِ خط لکي، سيل مهر ڪري، مٿان لکندا هئا ته "بادشاه جي سر جو قسم، هيءُ خط خود بادشاه کان سواءِ ٻيو ڪوبه شخص نه کولي." پوءِ هو اهي خط رات جو وجهي، ديوان خاني ۾ رکي ايندا هئا. بادشاه وري جڏهن اهي خط کولي پڙهندو هو تڏهن انهن ۾ سواءِ گارين جي ٻيو ڪجهه به لکيل ڪين هوندو هو.

تنهن تي بادشاه غصي ۾ ڀرجي دهليءَ جي سڄي شهر کي برباد ڪرڻ جو ارادو ڪيو. تنهنڪري ڇا ڪيائين جو اتي جي

Marfat.com

رکيو ڪٿي ڪنهن گهر ۾ ڪي ماڻهو پئي رهيا. باقي پوءِ جا واقعا ۽ حادثا جيڪي انهيءَ وقت ۾ ٿيا هئا، (جن جو تعلق بادشاه سان آهي،) تن جو بيان اڳتي هلي ڪنداسين.

## غياث الدين بهادر (ڀوري) جو قتل

جڏهن هيءُ بادشاه (محمد شاه تغلق) پنهنجي پيءُ جي موت کان پوءِ تخت تي ويٺو ۽ ماڻهن سندس بيعت ڪئي، تڏهن غياث الدين بهادر * (ڀوري) کي سندس اڳيان حاضر ڪيو ويو. سلطان تغلق هن کي ان وقت تائين قيد ۾ رکيو هو. بادشاه هن تي احسان ڪري، قيد مان ڪڍي، کيس هاٿي، گهوڙا ۽ ٻيو سامان ڏيئي، پنهنجي ملڪ ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏني. هن سان گڏ بادشاه پنهنجي ڀائٽي ابراهيم خان کي به موڪليو ۽ کانئس انجام ورتائين ته ٻئي گڏجي حڪومت ڪندا، ٻنهي جا نالا سڪن تي لڳارايا ويندا ۽ ٻنهي جي نالي جو خطبو پڙهايو ويندو. ازانسواءِ بادشاه، غياث الدين کان اهو به وعدو ورتو ته هو پنهنجو پٽ محمد، جيڪو برباط جي نالي سان مشهور هوندو هو، بادشاه ڏانهن ضمانت طور موڪلي ڏيندو.

غياث الدين پنهنجي ملڪ ۾ پهچي، ٻيا سڀ شرط پورا ڪيا، باقي پنهنجي پٽ کي بادشاه ڏانهن ڪين موڪليائين ۽ بهانو ڪيائين ته هو منهنجو چيو ڪونه مڃي ۽ ڳالهائڻ ۾ به گستاخيءَ

* هيءُ اهو ئي غياث الدين آهي، جنهن جي باري ۾ ابن بطوطه اڳ ۾ سلطان تغلق شاه واري دور حڪومت ۾ لکي آيو آهي ته، ڪيئن هو پنهنجي هڪ ڀاءُ کي ماري، پاڻ تخت تي ويٺو هو، ۽ سندس ٻيا ڀائر ڪيئن سلطان تغلق شاه وٽ مدد لاءِ پهچي آيا هئا، ۽ ان بعد ڪيئن سلطان تغلق شاه لکنوتيءَ تي ڪاهي ويو هو ۽ هن کي قيد ڪري پاڻ سان وٺي اچي دهليءَ جي قيد خاني ۾ رکيو هئائين. — مترجم

Marfat.com

سان ٽو پيش اچي. بادشاه يڪدم ابراهيم خان ڏانهن داجلي ٽتريءَ جي سرداريءَ هيٺ هڪ لشڪر ڏياري موڪليو، جنهن وڃي غياث الدين جو مقابلو ڪيو ۽ ان کي قتل ڪري، سندس (لاش جي) ڪل لهرائي، ان ۾ ٻُهه ڀرائي، ساري ملڪ گهمارايو.

کيس سزا ڏيڻ جو آهي. ان بعد بادشاهه جي خلاف کُلي عـام
بغاوت جـو جهنڊو بلند ڪري، گهڻا رپيا خـرچ ڪري، وڏو
لشڪر گڏ ڪيائين. نه رڳو ايترو پر تـرڪن، افغانن ۽ خراسان
جي رهاڪن کان پڻ مدد ورتائين. جڏهن کيس انهن جي مـدد
پهتي تڏهن سندس لشڪر بادشاهه جي لشڪر جيترو بلڪ اجا به
وڌيڪ ٿي ويو.

بادشاهه خود هن لڙائيءَ لاءِ ويو ۽ ابوهر جي صحرا ۾
ملتان کان ٻه منزلـون اوري، ٻنهي جـو مقابلو ٿيو. ان ڏينهن
بادشاهه هڪ چالاڪي ڪئي جا ڪيائين جو شاهي ڇٽ جـي
هيٺان، پنهنجي ڀدران شيخ عماد الدين کي، جيڪو شيخ رڪن الدين
ملتانيءَ جو ڀاءُ هو ۽ بادشاهه جي شڪل جهڙو هو، ڪٽي ويهاريائين،
۽ جاهن لڙائي زور شور سان هلي رهي هئي، تڏهن پاڻ پنهنجا
چار هزار ماڻهو وٺي، هڪ پاسي هليو ويو. هوڏانهن ڪشلو خان
جي لشڪر شاهي ڇٽ تائين پهچي، عماد الدين کي قتل ڪري
ڇڏيو. پوءِ سڄي لشڪر ۾ مشهور ٿي ويو ته بادشاهه مارجـي
ويو. هيءَ ٻڌي ڪشلو خان جو لشڪر وڃي لٽ مار ۽ مـال
گڏ ڪرڻ کي لڳو ۽ ڪشلو خان وٽ تمام ٿورا ماڻهو وڃي
رهيا. بادشاهه هن موقعي جو فائدو وٺي يڪدم پنهنجن ماڻهن
سان اچي هـن تـي ڪڙڪيو ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيـائين.
ڪشلو خان جي لشڪر هيءَ خبر ٻڌي وٺي ڀاڄ ڪاڍي.

پوءِ بادشاهه ملتان جي شهر ۾ ويو، اتي جي قاضـي
ڪريم الدين کي پڪڙائي، سندس کل لهرائي، ۽ ڪشلو خان جو
سر وڍائي شهر جي دروازي تي ٽنگائي ڇڏيو، جو مان جڏهـن
ملتان ۾ پهتس تڏهن هن جو سر اتي لٽڪيل ڏٺو هوم. بادشاهه
پوءِ عماد الدين جي ڀاءُ شيخ رڪن الديـن ۽ سندس پٽ شيخ
صدرالدين کي هڪ سؤ ڳوٺ انعام طور جاگير ۾ ڏنا ته پنهنجو گذران
ڪندا رهن ۽ پنهنجي ڏاڏي شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي
خانقاه جو خرچ هلائيندا رهن. ان بعد بادشاهه پنهنجي وزير خواجه

Marfat.com

ڪريو، ۽ اهڙيءَ طرح سان ڪيترائي ماڻهو انهن مري ويا ۽ ٻيا وري انهن جي هٿان گرفتار ٿيا. آخر سڄو خزانو، هٿيار ۽ گهوڙا انهن جي هٿ لڳا ۽ سڄي لشڪر مان فقط ٽي ماڻهو وڃي بچيا، جن مان هڪ هو ملڪ نڪبي، ٻيو هو بدرالدين ملڪ دولت شاه، باقي ٽئين جو نالو هينئر ياد نه اٿم.

هن واقعي جو شاهي لشڪر تي تمام گهڻو اثر پيو ۽ اهو تمام گهڻو ڪمزور ٿي ويو. آخر بادشاه انهن جبلن جي اڙانگائي خيال ۾ آڻي، اتي جي ماڻهن کان ڪجهه ڏنڊ طور وٺي، ساڻن صلح ڪري، اتان ٽريو ۽ هنن ماڻهن به ان کي غنيمت ڄاتو، ڇو ته سندن زمينون وغيره به جبل جي هيٺان هيون، جن کي هو بادشاه جي اجازت کان سواءِ آباد ڪري نٿي سگهيا.

## شريف جلال الدين جي معبر جي ملڪ ۾ بغاوت ۽ وزير جو پنهنجي پاڙيچي کي جيڪو انهيءَ سان شامل هو، قتل ڪرڻ جو بيان

هڪ دفعي بادشاه معبر جي ملڪ تي جيڪو دهليءَ کان ڇهن مهينن جي پنڌ تي آهي، شريف جلال الدين احسن شاه کي حاڪم ڪري موڪليو. هو اتي وڃي، بادشاه کان باغي ٿي، بادشاه جي نائب ۽ ٻين عملدارن کي قتل ڪري خودمختار حاڪم ٿي ويٺو ۽ هن پنهنجا سڪا ۽ درهم جاري ڪيا، جن جي هڪ پاسي "سلالة طه و ياسر ابوالفقراءِ والمساڪين جلال الدين والدين،" ۽ ٻئي طرف "الواثق بتائيد الرحمان احسن شاه السلطان" ڇپارايو. بادشاه هن بغاوت جي خبر ٻڌي، هن جي قتل جو ارادو ڪري، پاڻ هن تي چڙهي ويو ۽ هڪ جاءِ تي جنهن جو نالو هو ڪوشڪ زر يعني سون جو محل، اتي ڏينهن ڏائين سامان ۽ ٻين ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ ترسي پيو. انهن ڏينهن وزير خواجه جهان جي پاڙيچي ۽ ٻين ڇهن پائن اميرن کي گرفتار ڪري، بادشاه جي سامهون آندو ويو.

ڏانهن موٽي ويو. هن کان پوءِ سڄي ملڪ ۾ بغاوت ۽ بدانتظامي پکڙجي ويئي، ايتري قدر جو جيڪڏهن بادشاهه جي قسمت چڱي نه هجي ها ته هوند حڪومت سندس هٿان هميشه لاءِ هلي وڃي ها.

## بادشاهه جي موت جو افواهه ۽ ملڪ هوشنج (هوشنگ) جو ڀڄي وڃڻ

بادشاهه جڏهن دولت آباد واپس اچي رهيو هو تڏهن رستي تي بيمار ٿي پيو ۽ ماڻهن وٽي افواهه اڏريو ته بادشاهه مري ويو. هيءَ خبر سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويئي ۽ هر هنڌ فتنو، فساد شروع ٿي ويو. ان وقت ملڪ ڪمال الدين ڪرلڪ (گرگ) جو پٽ ملڪ هوشنگ دولت آباد ۾ هو. هن کان بادشاهه انجام وٺي ڇڏيو هو ته بادشاهه جي زندگيءَ ۾ يا موت کان پوءِ، ٻنهي صورتن ۾، هو ڪنهن جي بيعت نه ڪندو. هن، جو بادشاهه جي موت جي خبر ٻڌي، سو هڪ بربرڌ نالي هندو بادشاهه وٽ جبلان ۾ ڀڄي ويو. هن هندو بادشاهه جو ملڪ، دولت آباد ۽ ڪوڪن ٿاڻه (ڪوڪن ٿاڻي) جي وچ ۾ هو.

بادشاهه ملڪ هوشنگ جي ڀڄي وڃڻ جي خبر ٻڌي، انهيءَ خيال کان ته ڪٿي فتنو وڌي نه وڃي، تڪڙو تڪڙو هلي اچي دولت آباد پهتو، جتان يڪدم ملڪ هوشنگ جي پٺيان ويو ۽ وڃي ان هنڌ راجا جي شهر کي گهيرو ڪيائين ۽ ان کي چوائي موڪليائين ته ملڪ هوشنگ کي منهنجي حوالي ڪيو وڃي. هن جواب ڏنو ته ”مان پنهنجي پناهه ۾ آيل ماڻهوءَ کي هرگز تنهنجي حوالي نه ڪندس، چاهي مون کي ٻه راءِ ڪنبيلم وانگر ڪرڻو پوي. هنن ڳالهين هلندي، ملڪ هوشنگ کي جو اچي خوف ڪنيو سو بادشاهه سان خط و ڪتابت شروع ڪري ڏنائين، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته بادشاهه دولت آباد ڏانهن هليو وڃي ۽ پٺيان

ابراهيم کي پٽو پئجي ويو ته منهنجي پيءُ جي بغاوت جي عيوض بادشاه مون کي قتل ڪرائڻ ٿو گهري. تنهنڪري ڪوبه حيلو بهانو ڪرڻ بيڪار آهي ۽ ناحق عذاب ۽ سختيون سهڻيون پونديون.

پوءِ هن موت کي عذاب جي سختين کان آسان سمجهي ڪٽي پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو. بادشاه پوءِ هن کي ٻه اڌ ڪري مارڻ جو حڪم ڏنو. هن ملڪ ۾ اهو رواج آهي ته جنهن ماڻهوءَ کي بادشاه قتل ڪرائيندو آهي، ان جو لاش ٽن ڏينهن تائين انهيءَ جاءِ تي پيو هوندو آهي ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪافر جيڪي انهي ڪم تي مقرر ٿيل هوندا آهن، سي انهيءَ لاش کي کڻي وڃي شهر جي ٻاهر خندق ۾ ڦٽو ڪندا آهن. اهي ماڻهو رات جو خندق جي نگهباني ڪندا رهندا آهن، جيئن مقتولن جا وارث انهن جا لاش کڻي نه وڃن. پوءِ مقتولن جا وارث ڇا ڪندا آهن، جو انهن ماڻهن کي ڪجهه رقم ڏيئي اهي لاش ميڄائي کڻي ويندا آهن ۽ وڃي دفن ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح مان شريف ابراهيم جو لاش به حاصل ڪيو ويو ۽ ان کي دفن ڪيو ويو. خدا شل هن تي رحمت ڪري.

## تلنگانا ۾ بادشاه جي نائب جي بغاوت

جنهن وقت بادشاه تلنگانا کان واپس ٿي آيو ته پٺيان تاج الملڪ نصرت خان ترڪ کي، جيڪو سندس ديرينو خاص دوست به هو، پنهنجو نائب مقرر ڪندو آيو. اچا هو وات تي هو ته سندس موت جو افواه اڏاريو ويو. نصرت خان کي جڏهن هيءَ خبر پهتي تڏهن هن رسم موجب بادشاه جو پٽڙ ڪيو ۽ پوءِ بادشاهت جي دعوي ڪيائين. ماڻهن اتي جي (تلنگانا جي) دارالخلافه بدر ڪوٽ (بيدر جي قلعي) ۾ هن جي بيعت ڪئي. بادشاه کي جڏهن هيءَ خبر پهتي تڏهن هن پنهنجي استاد قطلو خان کي هڪ وڏو لشڪر ڏيئي هن تي چاڙهي موڪليو.

Marfat.com

قطلو خان سخت لڙائيءَ کان پوءِ (جنھن ۾ ڪيترائي ماڻھو مارجي ويا) اچي بدر ڪوٽ جو گھيرو ڪيو. ھي تمام مضبوط قلعو ھوندو ھو، تنھنڪري وچي آن جي ھيٺان سرنگ کوٽائڻ شروع ڪيائين. ھيءُ حال ڏسي نصرت خان اچي امان گھريو، جنھن تي قطلو خان کيس امان ڏنو. پوءِ ھن کي بادشاھ وٽ موڪليو ويو. اھڙيءَ طرح سيئي شھرواسي ۽ لشڪر جا ماڻھو بچي ويا.

## باب ٽيون

# بادشاھ جو گنگا نديءَ جي ڪناري تي شهر پڌائڻ ۽ عين الملڪ جي بغاوت

جڏهن ملڪ ۾ اڃ جي ڏڪار پيو ته ڏهڻ بادشاهه پنهنجو لشڪر وٺي گنگا نديءَ جي ڪناري ڏانهن هليو ويو. هن نديءَ کي هندو تمام پاڪ (پوتر) ڪري سمجهندا آهن ۽ هر سال اتي حج (ياترا) ڪرڻ لاءِ ويندا آهن. هيءَ جڳهه، جتي بادشاهه وڃي رهيو هو، سا دهليءَ کان ڏهن منزلن تي هئي. بادشاهه ماڻهن کي حڪم ڏنو ته اتي اچي پنهنجا گهر ٺاهين. تنهنڪري ڀريائين هو گاهه ۽ ڪاٺ جون ڀنگيون اڏي انهن ۾ رهڻ لڳا، جن ۾ گهڻو ڪري باهيون پيون لڳنديون هيون. ماڻهن باهين کان بچڻ لاءِ چارو ڪيو، جو زمين جي اندران تهه خانا به ٺاهي ڇڏيائون. پوءِ جڏهين باهه لڳندي هين ته سمورو سامان انهن تهه خانن ۾ وجهي، مٿان مٽيءَ سان ان جو منهن بند ڪري ڇڏيندا هئا.

مان به انهن ڏينهن بادشاهه جي ڪئمپ ۾ آيل هوس. گنگا نديءَ جي الهندي ڪناري سخت ڏڪار هو، پر اڀرندي پاسي بلڪل سڪار هو ۽ اتي بادشاهه جي طرفان عوض (اوڌ)، ظفرآباد ۽ لکنو وغيره شهرن تي امير عين الملڪ حاڪم مقرر ٿيل هو. هيءَ امير بادشاهه جي ڪئمپ ۾ پنجاهه هزار مڻ ڪڻڪ، چانور ۽ چڻا چوپائي مال جي لاءِ موڪليندو رهندو هو. پوءِ بادشاهه حڪم ڏنو ته هاٿي، گهوڙا ۽ خچر وغيره اڀرندي ڪناري ڏانهن

آيو آهي، هيءُ ٻڌي بادشاهه کي ڪجهه خوف پيدا ٿيو ته هو متان درياءَ پار ٻين رهيل اميرن سان مدد لاءِ لکپڙهه نه ڪري آيو هجي. پوءِ بادشاهه حڪم ڏنو ته منهنجي سڀني دوستن ۾ ڀلا گهوڙا ورهايا وڃن. ان ڪري مون ڏانهن به ڪجهه گهوڙا موڪليا ويا. منهنجو هڪ ساٿي امير اميران ڪرماني نالي هوندو هو، جو وڏو پهلوان ۽ بهادر سمجهيو ويندو هو. ان کي مون هڪ ڪميت (شهه الاول) گهوڙو ڏنو. هو ان تي اڃا سوار مس ٿيو ته گهوڙو وٺي ڀڳو. هن گهڻي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهوڙو هن کان روڪيو نه ٿيو ۽ آخر هن کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيائين. جنهنڪري هو اتي جو اتي مري ويو.

بادشاهه انهيءَ ڏينهن ڏاڍو تڪڙو اڳتي وڌيو ۽ عصر جي وقت کان پوءِ اچي قنوج جي شهر ۾ پهتو. بادشاهه کي ڏاڍو ڏپ هو ته متان هن جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي عين الملڪ هن شهر تي قبضو ڪري وڃي. ان رات بادشاهه خود لشڪر کي ٺاهي رکيو ۽ اسان وٽ اچي بيٺو. ان وقت اسان لشڪر جي اڳين حصي ۾ هئاسين ۽ اسان سان گڏ بادشاهه جو سوٽ ملڪ فيروز جو ساٿي، امير غرا بن مزا، سيد ناصرالدين ۽ ڪي خراسان جا امير به هئا، ۽ اسان کي چيائين ته توهان منهنجي خاص ساٿين مان آهيو تنهنڪري توهان مون سان گڏ رهو.

انهيءَ ۾ به ڪا ڀلائي هئي، جو رات جي پوئين پهر عين الملڪ لشڪر جي اڳين حصي تي حملو ڪيو هو. وزير خواجه جهان به لشڪر جي انهيءَ حصي ۾ هو. ڏاڍو هل هنگامو برپا ٿيو. بادشاهه حڪم ڏنو ته ڪو به پنهنجي جاءِ تان نه چري ۽ صرف تلوارن سان لڙائي ڪئي وڃي. سڄي لشڪر پنهنجون تلوارون سنڀاليون ۽ دشمن ڏانهن وڌيا. ڏاڍي زور شور سان لڙائي هلي. ان رات بادشاهه پنهنجي سڃاڻپ جي نشاني 'دهلي' ۽ 'غزني' مقرر ڪئي. يعني جڏهن اسان جي لشڪر مان ڪو ڪنهن سان

Marfat.com

ڪيو. هن عهديدار جو ڪم اهو هوندو هو ته هو گوشت ٽڪرا ٽڪرا ڪري، دسترخواني تي رکندو ويندو هو ۽ ڪاٽو ڪٽي بادشاه وٽ حاضر ٿيندو هو.

پوءِ بادشاه هن تي تمام گهڻو مهربان ٿيو ۽ سندس مرتبو ايترو ته وڌائي ڇڏيائين جو جڏهن هو بيمار ٿيندو هو ته بادشاه خود سندس مزاج پرسيءَ لاءِ هن وٽ ويندو هو، ۽ هن کي سون ۾ توري اهو سون به هن کي عنايت ڪيو هئائين. اها سموري ڳالهه مان پهرئين سفر ۾ ڪري آيو آهيان. پوءِ ڪيس پنهنجي پيٽ سان شادي ڪرائي، چنديريءَ جو حاڪم مقرر ڪري موڪليائين. هيءَ اها ڄاءِ هئي جتي هو پهريائين امير نظام الدين جي نوڪري ڪندو هو ۽ ڏيگي تي سواري ڪندو هو. خدا جا شان آهن، هو دلين جو مالڪ آهي جيئن وڻيس تيئن ڪري.

## شاه افغان جي سنڌ ۾ بغاوت

شاه افغان سنڌ جي ملڪ، ملتان، ۾ بغاوت ڪئي ۽ اتي جي امير بهزاد کي قتل ڪري بادشاهت جي دعويٰ ڪيائين. بادشاه هن کي مارائڻ جو ارادو ڪيو، پر هو پنهنجي قوم جي پٺاڻن جيڪي ڏکين جبلن ۾ رهندا هئا، ڏانهن ڀڄي ويو. بادشاه کي ڏاڍو غصو آيو ۽ پنهنجي نائبن کي لکي موڪليائين ته جنهن هنڌ به ڪو پٺاڻ موجود هجي ان کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي. ۽ اهو ئي قاضي جلال الدين جي بغاوت جو سبب بڻيو.

## قاضي جلال جي بغاوت

قاضي جلال ۽ پٺاڻن جي هڪ قوم شهر ڪنبات ۽ بلوڏره جي پرسان رهندي هئي. جڏهن بادشاه پنهنجي نائبن کي پٺاڻن جي پڪڙڻ جو حڪم ڏنو تڏهن ملڪ مقبل کي، جو انهيءَ وقت وزير جي طرفان الجزرات (گجرات) ۽ نهرواله ۾ نائب هو، هي

۾ جيڪي فسادي ۽ جرائم پيشي ماڻهو هئا سي به اچي قاضي جلال سان مليا، جنهن ڪري هن بادشاهيءَ جي دعويٰ ڪري، پنهنجن ساٿين کان بيعت وٺي ڇڏي. بادشاه هن ڏانهن ڪيترائي لشڪر موڪليا پر سڀني کي شڪست نصيب ٿي. انهن ڏينهن دولت آباد ۾ هڪ پٺاڻن جو گروه رهندو هو، جن به بغاوت ڪئي.

## ابن ملڪ مل جي بغاوت

دولت آباد ۾ جيڪا پٺاڻن جي جماعت رهندي هئي ان ۾ ابن ملڪ مل به رهندو هو. بادشاه پنهنجي نائب نظام الدين کي، جيڪو سندس استاد قطلو خان جو ڀاءُ هو، موڪليو ته انهن پٺاڻن کي گرفتار ڪري ۽ گڏوگڏ هٿڪڙيون، زنجيرون ۽ سياري جون خلعتون به موڪلي ڏنائينس. هندستان ۾ اهو رواج آهي ته هرهڪ شهر جي حاڪم ڏانهن ۽ فوج جي عملدارن ڏانهن سال ۾ ٻه ڀيرا خلعتون موڪليندا آهن، يعني هڪ خلعت اونهاري جي ۽ ٻي سياري جي. جڏهن خلعتون آنديون وينديون آهن، تڏهن اهو حاڪم ۽ سڄو لشڪر انهن جي استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر ايندو آهي. ۽ جڏهن خلعت آڻيندڙ جي ڀرسان پهچندا آهن، تڏهن پنهنجي سوارين تان لهي پوندا آهن. پوءِ انهن مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي خلعت وٺي، ڪلهي تي رکي، بادشاه جي طرف منهن ڪري، دستوري سلام ڪندو آهي.

بادشاه نظام الدين کي لکي موڪليو هو ته جڏهن اهي پٺاڻ شهر کان ٻاهر اچن ۽ خلعتون وٺڻ لاءِ گهوڙن تان لهن تڏهن انهن کي گرفتار ڪري وٺي. خلعت آڻيندڙن مان هڪ سوار اها خبر پٺاڻن کي اڳواٽ موڪلي ڏني، جنهن ڪري نظام الدين جي ڪوشش ناڪام ٿي پيئي. جڏهن هو (نظام الدين) ۽ پٺاڻ سوار ٿي شهر کان ٻاهر آيا ۽ خلعت آڻيندڙ جي ڀرسان پهتا، تڏهن نظام الدين پنهنجي گهوڙي تان لهي پيو. پڪڊ [illegible] ڪري

سيني کي ڦُري شهر ۾ داخل ٿيو. بادشاه اتي ڪيترائي ڏينهن ترسي پيو. پوءِ اتان اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي نائي شرف الملڪ امير بخت کي، جنهن جو اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، پٺيان ڇڏي ويو ۽ هن کي حڪم ڏنائين ته جن ماڻهن قاضي جلال جي بيعت ڪئي هئي، انهن کي ڳولي هٿ ڪري. ان کان سواءِ ڪيترائي فقيه، به هن وٽ ڇڏي ويو ته انهن جي فيصلي جي مطابق عمل ڪندو رهي. شيخ علي حيدري جو قتل به، جنهن جو بيان اڳ ۾ ڪري آيا آهيون، هن موقعي تي ڪرايو ويو هو.

قاضي جلال هتان سڌو ملڪ مل جي پٽ ناصرالدين وٽ دولت آباد ۾ پهچي آيو ۽ ان جي ساٿين ۾ اچي شامل ٿيو. بادشاه خود انهن سان مقابلي لاءِ آيو. باغين جو لشڪر ڪل چاليهه هزار کن گڏ ٿي ويو هو، جنهن ۾ افغان، ترڪ، هندو ۽ غلام به شامل هئا. انهن سڀني قسم کنيو هو ته ڪنهن به لڙائيءَ جي ميدان مان ڪونه ڀڄندا سين ۽ بادشاه سان مقابلو ڪندا سين. جڏهن بادشاه هنن سان مقابلي لاءِ آيو تڏهن شاهي ڇٽ ڪونه لڳارايائين. هنن سمجهيو ته بادشاه لڙائيءَ ۾ موجود ڪونهي. جڏهن لڙائي زور شور سان جاري ٿي، تڏهن اوچتو ئي اوچتو شاهي ڇٽ کڙو ڪيو ويو. دشمن جا ماڻهو ڇٽ ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ بدحواسيءَ ۾ ڀڄي ويا.

ابن ملڪ مل، قاضي جلال ۽ انهن چئن سون خاص ماڻهن (ڏويتر) ديوگير جي قلعي ۾ وڃي پناه ورتي. هيءُ قلعو سڄيءَ دنيا ۾ نهايت مضبوط ڪري ليکيو ويندو آهي. پوءِ بادشاه دولت آباد جي شهر ۾ ترسي پيو. ديوگير ان شهر جو قلعو آهي. بادشاه هنن کي قلعي تان لهي اچڻ لاءِ چوائي موڪليو. پر هنن جواب ڏنو ته جيستائين امان نه ڏنو ويندو، تيستائين نه لهندا سين. پر بادشاه امان ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهن جي دل وٺڻ لاءِ کين کاڌو ڏياري موڪليائين، ايستائين منهنجو اکين ڏٺو احوال آهي، اڳتي الاجي ڇا ٿيو.

## ملڪ مقبل ۽ ابن الڪوميءَ جي لڙائي

هيءَ لڙائي قاضي جلال الدين جي خروج ۽ بغاوت کان اڳ ۾ لڳي هئي. تاج الدين ابن الڪومي هڪ وڏو سوداگر هوندو هو. هن بادشاه جي لاءِ تمام قيمتي تحفا، جن ۾ غلام، اٺ، ڪپڙا ۽ هٿيار وغيره به هئا، ترڪستان مان ڪٺي آيو هو. بادشاه هن تي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ انهن تحفن جي عيوض ڪيس ٻارهن لک رپيا ڏنائين. چون ٿا ته انهن تحفن جي قيمت هڪ لک رپين کان زياده ڪانه هئي. پوءِ بادشاه هن کي ڪنبايت جو حاڪم مقرر ڪري موڪليو. اهو علائقو وزير جي نائب مقبل جي هٿ هيٺ هوندو هو.

ابن الڪومي ڪنبايت پهچي اتان ملبار ۽ سيلان جي ٻيٽن ڏانهن جهاز موڪلڻ شروع ڪيا، جتان ڪيس قسم قسم جا تحفا ۽ هديا ايندا رهندا هئا. جنهنڪري هو تمام وڏو شاهوڪار ٿي ويو. جڏهن هن دارالخلافه ڏانهن پنهنجي ملڪ جو سرڪاري مال ڪونه موڪليو، تڏهن ملڪ مقبل هن کي چوائي موڪليو ته دستور موجب تحفا ۽ سرڪاري مال دارالخلافه ڏانهن موڪلي ڏي، جنهن تي ابن الڪوميءَ جواب ۾ چوائي موڪليس ته مان پاڻهي سڀ ڪجهه اوڏانهن ڪٺي ويندس يا نوڪرن جي هٿان ڏياري موڪليندس. ۽ ايترو به چيائينس ته مان ڪو نائب وزير يا وزير جو زيردست نه آهيان. اصل هو بادشاه جي مهربانيءَ جي ڪري ڪجهه مغرور ٿي ويو هو. نائب وزير سڄي حقيقت وزير کي لکي موڪلي، جنهن سندس خط جي پٺيان لکي موڪليس ته جيڪڏهن منهنجي علائقي جو انتظام تون نٿو ڪري سگهين ته هڪدم واپس هليو اچ.

هن جواب پهچڻ شرط هن لڙائيءَ جو سامان تيار ڪيو ۽ پنهنجا غلام ۽ لشڪر گڏ ڪري وڃي ابن الڪوميءَ سان مقابلو ڪيائين. ابن الڪوميءَ کي شڪست آئي، ۽ ٻنهي طرف ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. پوءِ هن ابن الڪوميءَ جي لشڪر جي سيني

Marfat.com

اميرن کي مارائي ڇڏيو ۽ ڪيس چوائي موڪليائين ته جيڪڏهن بادشاه جو مال ۽ تحفا وغيره موڪلين ته توکي امان ڏيان. هي شرط ابن الڪوميءَ منظور ڪيو. پوءِ ملڪ مقبل هن کان سڀ مال وٺي بادشاه ڏانهن موڪلي ڏنو ۽ انهيءَ سان گڏ بادشاه ڏانهن ابن الڪوميءَ جي شڪايت به لکي موڪليائين.

هوڏانهن ابن الڪوميءَ به بادشاه ڏانهن هن جي شڪايت جو خط ڏياري موڪليو، جنهن تي بادشاه ملڪ الحڪما کي پنهي جي جهيڙي جي فيصلي ڪرڻ لاءِ موڪليو. انهيءَ کان سگهو ئي پوءِ قاضي جلال بغاوت ڪئي، جنهن ۾ ابن الڪوميءَ جو مال ڦرجي ويو ۽ هو جان بچائي پنهنجي ملڪ ڏانهن ڀڄي ويو، جتان بادشاه وٽ هليو ويو.

Marfat.com

## باب ستون

## فصل ٻھريون

# هندستان ۾ ڏڪار پوڻ

جڏهن بادشاه دارالخلافه کان معبر ڏانهن هليو ويو، تڏهن هندستان ۾ اچي سخت ڏڪار پيو ۽ اگهه ايترا تہ چڙهي ويا، جو اناج جو اگهه وڌي وڃي ڇهه درهم في مڻ ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ وڌيڪ اگهه چڙهي ويا ۽ مهانگائيءَ سبب ماڻهن جا حال ڏاڍا خراب ٿي ويا. هڪ دفعي سان وزير سان ملڻ لاءِ وڃي رهيو هوس، رستي تي ٽي عورتون هڪ مئل گهوڙي جي کل لاهي ان کي کائي رهيون هيون، ۽ هيءُ گهوڙو ڪن مهينن کان اتي مئو پيو هو. ماڻهو تہ جانورن جا چمڙا لاهي، ان کي رڌي، بازار ۾ وڪڻندا هئا.

ڪن خراساني طالب علمن مون سان ڳالهه ڪئي تہ هو (اڪروهه) اگروه جي شهر ۾، جيڪو هانسي ۽ سرستي جي وچ ۾ آهي، ويا تہ ڏٺائون تہ سڄو شهر سڃو لڳو پيو هو. پوءِ هو هڪ گهر ۾ رات بسر ڪرڻ لاءِ گهڙي ويا. گهر جي هڪ پاسي ۾ هنن هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺو، جنهن جي اڳيان باهه ٻري ۽ هو هڪ انساني ٽنگ پچائي کائي رهيو هو. جڏهن ماڻهن کي ڏاڍي تڪليف پهتي، تڏهن بادشاه حڪم ڪيو تہ دهليءَ جي سڀني رهواسين کي ڇهن مهينن جو راشن ڏنو وڃي. پوءِ قاضي، منشي ۽ امير شهر جي هر هڪ گهٽيءَ ۽ محلي ۾ گهمندا،

ماڻهن جا نالا لکندا پئي ويا ۽ انهن مان هر هڪ کي ڇهن مهينن جو راشن، ڏيڍ رطل روزاني جي حساب سان، ڏيندا پئي ويا. مون به ان وقت ۾ سلطان قطب الدين جي مقبري جي لنگر مان ماڻهن ۾ کاڌو پئي ورهايو. پوءِ آهستي آهستي ماڻهن جي حالت درست ٿيندي ويئي. خداوند ڪريم مون کي به منهنجي انهيءَ خدمت لاءِ جزاي خير ڏيندو.

هن وقت تائين مون رڳو بادشاه جي زماني جي واقعن جو بيان پئي ڪيو، پر هاڻي مان صرف پنهنجي بابت بيان ڪندس. جنهن ۾ اسان جو دارالخلافه ۾ پهچڻ جو احوال، بادشاه جي نوڪري ڪرڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ، پوءِ بادشاه جي طرفان چين جو سفير ٿي وڃڻ ۽ آخر چين کان واپس پنهنجي ملڪ موٽڻ وغيره جو بيان هوندو. انشاءالله تعاليٰ.

## اسان جو بادشاه جي غير حاضريءَ ۾ شاهي محل ڏانهن وڃڻ

جڏهن اسين دارالخلافه دهليءَ ۾ پهتاسين، تڏهن سڌو شاهي محل ڏانهن هليا وياسين. اسين اتي پهچي پهرئين دروازي مان لنگهياسين، پوءِ ٻئي دروازي مان، ٽئين دروازي تي نقيب موجود هئا، جن جو اڳي ئي تفصيل سان بيان ڪري آيو آهيان. جڏهن اسان نقيبن وٽ پهتاسين، تڏهن انهن مان هڪ نقيب اسان کي هڪ ڪشادي اڱڻ ۾ وٺي آيو، جتي وزير خواجه جهان، اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. اسان مان سڀني کان اڳيان خداوند زادو ضياءُ الدين هو. ان جي پٺيان سندس ڀاءُ قوام الدين، ان کان پوءِ انهن جو ڀاءُ عماد الدين، پوءِ مان ۽ منهنجي پٺيان هن جو ڀاءُ برهان الدين، پوءِ امير مبارڪ سمرقندي، ان جي پٺيان ارن بغا ترڪي، پوءِ خداوند زادي جو ڀائيجو ملڪ زادو ۽ ان جي پٺيان بدر الدين فصال.

قبر تي رکندا آهن. پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ ميوا نه هوندا آهن ته ڊاڳي سان انهن ميون جا داڻا مڃي، اڪائي ڇڏيندا آهن؛ ۽ پاڻ سان گڏ ڪلام الله ڪٽي اچي اتي پڙهندا آهن. ختمو پورو ڪري، پوءِ ماڻهن کي گلاب آڻي پيارينداآهن ۽ پيو گلاب انهن جي مٿان ڇنڪاريندا آهن، پان ۽ سوپاريون ورهائيندا آهن، تنهن کان پوءِ سڀڪو هليو ويندو آهي.

جڏهن ٽئين ڏينهن جو صبح ٿيو تڏهن دستور موجب مان قبر تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ جيڪي ڪجهه مون وٽ موجود هو سو به کنيم، پر اتي وڃي ڏٺم ته وزير اڳيئي موجود هو، جنهن سڀڪجهه تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ هڪ تنبو لڳائڻ جو به حڪم ڏنائين، جيڪو انهيءَ قبر تي لڳايو ويو. اتي حاجب شمس الدين فوشنجي، جيڪو اسان کي سنڌ ۾ مليو هو، قاضي نظام الدين ڪرواني ۽ ٻيا شهر جا وڏا وڏا ماڻهو به آيا. هي سڀ ماڻهو منهنجي اچڻ کان اڳ اتي آيل هئا ۽ انهن جي سامهون حاجب ويٺو هو. هو سڀ قرآن شريف پڙهي رهيا هئا.

مان به پنهنجن سائين سميت اچي قبر تي ويٺس. جڏهن ختمو پورو ڪيائون تڏهن قارين نهايت مٺي آواز ۾ ڪلام الله پڙهڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ قاضي اٿي منهنجي ڌيءَ لاءِ مرثيو پڙهيو ۽ بادشاهه جي ثنا ڪيائين. جڏهن بادشاهه جو نالو ورتائين تڏهن سڀ اٿي بيٺا ۽ آداب بجا آندائون. پوءِ سڀ حاضرين ويهي رهيا ۽ قاضيءَ دعا گهري. ان کان پوءِ حاجب ۽ سندس مددگارن گلاب جو پاڻي ماڻهن تي ڇنڪارڻ، نباتن جو شربت پيارڻ ۽ ان کان پوءِ پان ورهائڻ شروع ڪيا.

جڏهن هي سڀ ختم ٿيو تڏهن مون کي ۽ منهنجي سائين کي يارهن خلعتون ڏنيون ويون. پوءِ حاجب سوار ٿي بادشاهه جي محل ڏانهن روانو ٿيو ۽ اسان به ان سان گڏ وياسين. شاهي تخت وٽ پهچي، دستوري آداب بجا آڻي، مان پنهنجي گهر هليو آيس. اتي اچي معلوم ٿيو ته انهيءَ ڏينهن جو کاڌو بادشاهه جي والده،

تڏهن خطيب نماز پڙهائي خطبو پڙهيو. ان کان پوءِ سڀڪو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو، پر اسان شاهي محل ڏانهن وياسين، جتي سڀني اميرن ۽ غير ملڪين گڏجي کاڌو تناول ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي گهر هليا وياسين.

## اسان جو بادشاهه جي استقبال لاءِ ٻاهر وڃڻ

شوال جي چوٿين تاريخ بادشاهه، دارالخلافه کان ست ميل دور، تلپت نالي محل ۾ اچي لٿو. وزير اسان کي حڪم ڏنو هو ته بادشاهه جي استقبال لاءِ اوڏانهن وڃو. تنهنڪري اسان شهر کان ٻاهر نڪتاسين ۽ اسان سان هر هڪ کي تحفي طور پيش ڪرڻ لاءِ گهوڙا، اٺ، خراساني ميوا، مصري، تلوارون، غلام ۽ ترڪستان جي ملڪ جا دنبا هئا. جڏهن اسان انهيءَ محل جي دروازي تي پهتاسين، تڏهن اچڻ وارن ماڻهن جي سخت پيڙ لڳي ويئي. پوءِ سڀڪو پنهنجي مرتبي آهر اندر داخل ٿيندو ويو، جتي هر هڪ کي نفيس ڪپڙي جي زريدار خلعت پئي ملي.

جڏهن منهنجي اندر وڃڻ جو وارو آيو، تڏهن مون اندر وڃي ڏٺو ته بادشاهه هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. پهرياڻين مون سمجهيو ته ڪو حاجب آهي، پر جڏهن هن جي پرسان ملڪ الندما ناصر الدين ڪافي هرويءَ کي بيٺل ڏٺم، جنهن کي مان چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس، تڏهن پڪ ٿيم ته اهو ئي بادشاهه آهي. حاجب نمي سلام ڪيو. ۽ مون به اهڙيءَ طرح سلام ڪيو. تنهن تي امير حاجب جيڪو بادشاهه جو سوٽ فيروز هو، سو اٿي منهنجي استقبال لاءِ آيو. مون وري ٻيو دفعو نمي سلام ڪيو. پوءِ ملڪ الندما چيو ته بسم الله مولانا بدر الدين. مون کي هندستان ۾ بدر الدين چوندا هئا ۽ اتي هر هڪ عالم عرب کي مولانا چوندا آهن.

مان بادشاهه جي ويجهو ٿيس ته بادشاهه يڪدم مون سان

Marfat.com

هٿ ملايو ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، تمام نرميءَ سان
فارسي زبان ۾ مون کي چوڻ لڳو ته ”تون ڀلي ڪري آئين! يقين
ڄاڻ ته مان توتي تمام گهڻي نوازش ڪندس. توکي ايترو ته انعام
ڏيندس، جو تنهنجا وطني اهو ٻڌي مون وٽ اچڻ شروع ڪندا.“
تنهن کان پوءِ مون کان پڇيائين ته ”تنهنجو ملڪ ڪهڙو آهي؟“
مون جواب ڏنو ته ”مغرب“، تنهن تي چيائين ته ”اميرالمؤمنين
جو ملڪ!“ مون چيو ته ”هائو“.

هو ڪا به ڳالهه ڪري بس ٿيو ڪري، ته مان سندس هٿ
پيو چمان، ايتري قدر جو گفتگو جي دوران ۾ مون سندس ست
دفعا هٿ چميو. آخر خلعت ملڻ کان پوءِ مان واپس ورئس.
جڏهن سڀ نوان ملاقاتي اچي گڏ ٿيا، تڏهن انهن جي لاءِ دستر
خوان وڇايو ويو، جنهن جي مٿان قاضي القضاة صدر جهان
ناصر الدين خوارزمي، جيڪو هڪ وڏو فقيه هو، قاضي القضاة
صدر جهان ڪمال الدين غزنوي، عماد الملڪ عرض الممالڪ (آزاد)
جلال الدين ڪبجي ۽ ٻيا ڪيترائي حاجب ۽ امير ويٺا هئا.

ان دسترخوان تي خداوند زادو غياث الدين به موجود هو،
جيڪو خداوند زادي قوام الدين ترمذ جي قاضيءَ جو سوٽ هو،
جنهن جي بادشاه تمام گهڻي عزت ڪندو هو ۽ کيس ڀاءُ ڪري
سڏيندو هو، ۽ هو پنهنجي ملڪ مان ڪيترائي دفعا بادشاه وٽ
آيو ۽ ويو هو. ان ڏينهن مسافرن مان هيٺين مصاحبن کي خلعتون
مليون. خداوند زادي قوام الدين ۽ ان جي ڀائرن، ضياءُ الدين،
عماد الدين ۽ برهان الدين کي، ۽ انهن جي ڀائيجي امير بخت بن
سيد تاج الدين کي، جنهن جو ڏاڏو وجيهه الدين خراسان ۾
وزير هو ۽ سندس مامون علاءُ الدين هندستان ۾ امير وزير هو، ۽
امير هبة الله ابن الفلڪي تبريزيءَ کي، جنهن جو پيءُ عراق ۾
نائب وزير هو، جنهن تبريز ۾ مدرسه فلڪيه ٺهرايو هو، ۽ ملڪ
ڪسريٰ کي، جيڪو بهرام جور (چوبين) صاحب ڪسريٰ جي اولاد

ماڻ هو ۽ بدخشان جي جبل جو رهاڪو هو، جتان ياقوت بلخش (لعل بدخشاني) ۽ لازورد (لاجورو) آڻيندا آهن، ۽ امير مبارڪ شاه سمرقنديءَ ڪي، جيڪو هڪ سوداگر هو ۽ تبريز ماڻ بادشاه جي لاءِ تحفو ڪٺي آيو هو، پر رستي تي ڦرجي ويو هو.

---

Marfat.com

### فصل ٻيو الف

# بادشاه جو دارالخلافه ۾ اچڻ ۽ اسان کي سواريءَ لاءِ پنهنجي گهوڙن مان گهوڙا عطا ڪرڻ

ٻئي ڏينهن اسان مان هر هڪ کي بادشاه پنهنجي خاص گهوڙن مان هڪ هڪ گهوڙو عطا ڪيو ۽ انهيءَ سان گڏ زين ۽ لغام به ڏنائين، جن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل هو. دارالخلافه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ بادشاه سوار ٿي هليو ۽ اسان به اڳيان اڳيان صدر جهان سان گڏ گهوڙن تي سوار ٿي هلياسين. اڳيان هاٿي هئا، جن مان سورنهن هاٿين کي تمام گهڻو سينگاريو ويو هو ۽ انهن جي مٿان جهنڊا چاڙهيا ويا هئا. هر هڪ هاٿيءَ تي هڪ ڇٽ لڳل هو انهن ڇٽن مان ڪي هيرن ۽ جواهرن سان مرصع هئا ته ڪن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل هو. انهن مان هڪ ڇٽ بادشاه جي مٿان جهليو ويو هو.

ڪن هاٿين تي وري ننڍيون ننڍيون رعادات (منجنيقون) رکيون ويون هيون. جڏهن بادشاه شهر ۾ قدم رکيو، تڏهن انهن منجنيقن وسيلي دينار ۽ درهم ملائي، اڇلائيندا پئي ويا، ۽ بادشاه جي اڳيان جيڪي هزارها پيادا، سپاهي ۽ عام ماڻهو هئا، تن اهي پئي چونڊيا. محل ۾ پهچڻ تائين اهي درهم ۽ دينار وسائيندا پئي هليا. رستي ۾ ڇپي ڇپي تي ڪاٺ جا برج ٺاهيا ويا هئا، جن تي ريشمي ڪپڙا لڳل هئا، ۽ انهن ۾ وري ڳائڻ

عيوضو وڌيڪ توهان کي ڏيئي نه ٿو سگهان. باقي توهان مان جيڪو وڏيءَ عمر وارو ماڻهو آهي، سو منهنجي پيءُ جي برابر آهي، منهنجي هم عمر منهنجو ڀاءُ آهي ۽ مون کان ننڍو مون کي پنهنجي اولاد وانگر آهي. منهنجي سڄي ملڪ ۾ هن شهر کان ٻيو ڪوبه وڏو شهر ڪونه آهي ۽ اهو شهر توهان جي ملڪيت آهي." اهو ٻڌي اسان سندس شڪرانا بجا آندا ۽ سندس حق ۾ دعا گهري.

ان کان پوءِ اسان جون پگهارون ۽ عهدا مقرر ڪيا ويا. ٽي ڳوٺ اڳي ئي مون کي جاگير ۾ ڏنا ويا هئا ۽ هينئر منهنجي پگهار ٻارهن هزار دينار ساليانو مقرر ڪئي وئي، ۽ ٻه ڳوٺ وڌيڪ جاگير طور ڏنا ويا، جن مان هڪ ڳوٺ جو نالو جوره ۽ ٻئي جو ملڪپور هو.

هڪ ڏينهن بادشاهه اسان ڏانهن خداوندزادي غياث الدين ۽ سنڌ جي حاڪم قطب الملڪ کي موڪليو، جن اچي چيو ته آخوند عالم جن فرمائين ٿا ته وزارت يا منشگيري يا اميري يا قضا يا تدريس يا مشيخة جي عهدي مان جيڪو عهدو توهان پنهنجي لاءِ پسند ڪريو، سو توهان کي ڏنو وڃي. هي ٻڌي سڀ في الحال خاموش رهيا، ڇو ته اسان سڀني جو خيال هو ته جيڪي ڪجهه اسان کي انعام ملندو سو وٺي پنهنجي وطن هليا وينداسين. پر آخر امير بخت بن تاج الدين، جنهن جو بيان مان اڳ ڪري آيو آهيان، چيو ته منهنجا وڏا وزير ٿي رهيا هئا ۽ مان پاڻ ڪاتب آهيان ۽ انهن ٻن ڪمن کان سواءِ ٻيو ڪم مان ڪري ڪونه سگهندس.

پوءِ هبة الله فلڪي به ڪجهه اهڙيءَ طرح چيو. آخر ۾ خداوندزادي مون کي عربي زبان ۾ چيو ته "سيدنا! توهان جو ڇا ارادو آهي؟" هن ملڪ جا ماڻهو عربن کي سيد ڪري سڏيندا آهن، ڇو ته بادشاهه ڪين عزت ڏيڻ جي خاطر ڪين هن لفظ سان

Marfat.com

مخاطب ڪندو آهي. مون جواب ڏنو ته ”وزارت يا ڪتابت نه منهنجو ڌنڌو ڪونهي، باقي قضا ۽ مشيخت منهنجو ڌنڌو آهي، ۽ اهو ئي منهنجي ابن ڏاڏن جو ڌنڌو هو. ازانسواءِ فوج جي آفيسريءَ بابت توهان خود چاڙهو ٿا ته عربن جي تلوار جي ئي زور سان سڄو عجم مسلمان ٿيو آهي. مطلب ته سپهگري ۽ تلوار بازي اسان جو آبائي ڌنڌو آهي.“

بادشاه جڏهن منهنجو هي جواب ٻڌو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. ان وقت بادشاهه، هزار سطون ۾ ڪاڌو نوش فرمائي رهيو هو، جتي اسان سڀني کي گهرائي ورتائين. پوءِ اسان بادشاه سان گڏجي ڪاڌو. ان بعد اسان هزار سطون مان ٻاهر نڪري آياسين، ۽ منهنجا سڀ ساٿي اڃا اتي ويٺا رهيا، ڇو ته مون کي هڪ ڦرڙي نڪري پيئي هئي، جنهن سبب جي ڪري ويهي نٿي سگهيس، تنهنڪري پنهنجي گهر هليو آيس. هوڏانهن بادشاه وري به سڀني کي سڏايو. پيا سڀ ويا پر منهنجي باري ۾ معذرت ڪيائون. پر مان عصر جي نماز کان پوءِ اوڏانهن هليو ويس، ۽ ديوانخاني ۾ وڃي، مغرب ۽ عشا جون نمازون پڙهيم، ته حاجب ٻاهر آيو ۽ اچي چيائين ته توهان سڀني کي بادشاه ياد فرمايو آهي.

پهريائين خداوند زادو ضياء الدين، جيڪو سڀني پاڙن ۾ وڏو هو، سو اندر ويو. بادشاه کيس ميرداد مقرر ڪيو. هن عهدي تي تمام وڏي ماڻهوءَ کي مقرر ڪيو ويندو آهي، جنهن جو ڪم هوندو آهي: قاضيءَ سان گڏ ويهڻ، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن امير يا وڏي ماڻهوءَ تي فرياد داخل ڪري ته هن کي قاضيءَ جي روبرو آڻي حاضر ڪرڻ. هن جي پگهار پنجاه هزار دينار ساليانو مقرر ڪئي ويئي، جنهن لاءِ هن کي اها جاگير ڏني ويئي، جنهن جو فائدو ايتريءَ آمدنيءَ جي برابر هو، ۽ پنجاه هزار پيشگي ڏيڻ جو به حڪم ڪيو ويو. ازانسواءِ کيس زريدار ريشمي خلعت پهرائي ويئي، جنهن کي شير صورت ڪري سڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ

Marfat.com

ڳالھہ سمجھائي، سڀائي اچي مون وٽ حاضر ٿجانءِ ۽ مون کي ٻڌائجانءِ تہ ھو ڇا ٿو چوي."

اسان اتان واپس آياسين تہ ٽيون حصو رات گذري چڪي ھئي، نوبت وڄي چڪي ھئي. نوبت وڄڻ کان پوءِ ڪوبہ شخص ٻاھر نہ نڪرندو ھو، انھيءَ ڪري اسان وزيرن جي اچڻ تائين ترسي پياسين ۽ ھنن سان گڏجي ٻاھر آياسين. شھر جا دروازا بند ٿي چڪا ھئا، تنھنڪري اسان اھا رات سيدابوالحسن عباديءَ جي گھر سمھي پياسين. ھيءُ شخص بادشاھ جي طرفان واپار ڪندو ھو ۽ عراق ۽ خراسان مان بادشاھ جي لاءِ ھٿيار ۽ ٻيو سامان خريد ڪري ايندو ھو.

ٻئي ڏينھن اسان کي گھرائي، روڪ پئسا، گھوڙا ۽ خلعتون ڏنيون ويون. اسان مان ھرھڪ، ھن ملڪ جي دستور موجب، خلعت ڪلھي تي رکي، بادشاھ جي سامھون وڃي آداب بجا آندا. اسان گھوڙن کي، جن تي ڪپڙا وڌا ويا ھئا، لغام کان جھلي، خود شاھي محل جي دروازي تائين وٺي وياسين، جتان انھن تي سوار ٿي پنھنجي گھر ھليا وياسين. بادشاھ منھنجي ساٿين کي ٻہ ھزار دينار ۽ ڏھہ خلعتون ڏنيون. باقي ٻئي ڪنھن جي ٻہ ساٿين کي ڪجھہ بہ ڪين ڏنو ويو، ڇاڪاڻ تہ منھنجا ساٿي اڇا اجرا ۽ ڏيک ويک وارا ھئا، جن کي ڏسي بادشاھ خوش ٿيو ھو. ھو بہ بادشاھ جي اڳيان جھڪي نياز ۽ نئڙت سان پيش آيا، جنھن تي بادشاھ شڪريو بہ ادا ڪيو.

## بادشاھ جو ٻيو عطيو ۽ ان ۾ دير ٿيڻ

قاضي مقرر ٿيڻ کان ڪيترا ڏينھن پوءِ ھڪ ڏينھن مان ديوانخاني جي ٻاھران ھڪ وڻ جي ھيٺان ويٺو ھوس ۽ منھنجي پرسان مولانا ناصرالدين ترمذي عالم ۽ واعظ ويٺو ھو تہ ھڪ حاجب آيو ۽ مولانا ناصرالدين کي سڏي وٺي ويو. جڏھن ھو

ڏنا وڃن، ان ڪري انهيءَ وقت ادائگي ڪئي ويندي آهي، ۽ جنهن جي لاءِ حڪم هوندو آهي ته ڪجهه دير ٿئي نه پرواهه نه آهي، ان ڪري ادائگي دير سان ٿيندي آهي؛ پر ٿيندي ضرور آهي، پوءِ ڪٿي ڪيترا به ڏينهن لڳي وڃن! اهڙيءَ طرح اهو انعام مون کي ڇهن مهينن کان پوءِ ٻئي انعام سان گڏ مليو، جنهن جو اڳتي هلي بيان ڪندس. هندستان ۾ اهو رواج آهي ته ڪيتري به انعام جو حڪم ملي ته، ان جو ڏهون حصو ڪاٽجي ملندو آهي، يعني جيڪڏهن هڪ لک جو انعام ملي ته نوي هزار ملندا آهن ۽ جيڪڏهن ڏهن هزارن جو انعام ملي ته ۹ هزار ملندا آهن.

## لهڻيدارن جو مون کي تنگ ڪرڻ، منهنجو بادشاهه جي مداح ۾ قصيدو لکڻ، بادشاهه جو قرضن جي ادائگيءَ لاءِ حڪم ڏيڻ، ۽ دير پوڻ

مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان ته رستي ۾ ايندي، جيڪو منهنجو خرچ ٿيندو رهيو، بادشاهه جي نذر ۽ تحفن تي خرچ ڪيم، ۽ ان سواءِ ان کان پوءِ به جيڪي ڪجهه خرچ ڪيم، سو سڀ مون سوداگرن کان قرض ڪٺي ڪيو هو. جڏهن اهي سوداگر پنهنجي وطن ورڻ لڳا ته هن اچي قرض جي ادائگيءَ لاءِ مون کي سوڙهو ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري مون بادشاهه جي تعريف ۾ هڪ قصيدو* لکيو، جنهن جو مطلعو ۽ متن هو:

١- اليڪ اميرالمومنين المبجلا اتينا نجدالسير نحوڪ في الفلا

٢- فجئت محلا منڪ علاڪ زائرا و مغناڪ ڪهف للزيارة اهلا

---

* ١- اي عزت وارا اميرالمومنين، مان جهنگل سان تو ڏانهن هلي آيس.
٢- پوءِ توهان جي محل ۾ ان جي زيارت ڪرڻ آيس جيڪو زيارت ڪرڻ جي لائق آهي.

قصيدو پورو ڪري ونيٖ. پوءِ مون سڄو قصيدو پورو ڪري وري به آداب بجا آندا. ماڻهن مون کي مبارڪون پئي ڏنيون. پر ڪيترو وقت گذري ويو، ڪابه خبر پئجي ڪانه سگهي (ته انعام جو ڇا ٿيو).

آخر مون هڪ درخواست لکي سنڌ جي حاڪم قطب الملڪ کي ڏني، جيڪا ان وجي بادشاه جي اڳيان پيش ڪئي. بادشاه هن کي چيو ته خواجه جهان وٽ وڃ ۽ وڃي چئينس ته هن جو قرض ادا ڪري ڇڏي. قطب الملڪ وڃي هن کي چيو، پر تڏهن به ڪو نتيجو ڪونه نڪتو، ڇاڪاڻ ته انهن ئي ڏينهن بادشاه دولت آباد ڏانهن سفر جو حڪم ڏنو هو. ڪجهه ڏينهن لاءِ وري شڪار لاءِ ٻاهر هليو ويو هو، ته وزير به هن سان گڏ ويو هو. اهوئي سبب هو، جو انعام مون کي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ مليو، ۽ دير جو سبب مان هيٺ تفصيل سان بيان ٿو ڪريان.

جڏهن منهنجن قرض خواهن سفر تي وڃڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن مون انهن کي چيو ته ”مان جڏهن بادشاه جي دروازي تي پهچان، تڏهن توهان هن ملڪ جي رواج موجب اچي اٿي ڏرٿو هڻي ويهجو، ته بادشاه کي اها خبر پوي ۽ قرض جي ادائگي ڪري ڇڏي.“ هن ملڪ ۾ اهو رواج هوندو آهي ته جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو قرض ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي هوندو آهي ۽ هو ادا ڪري نه سگهندو آهي ته ان جا قرض خواهه وڃي بادشاه جي دروازي تي ويهي رهندا آهن. پوءِ جڏهن اهو مقروض شخص شاهي محل ۾ وڃڻ لاءِ دروازي مان لنگهندو آهي، ته اهي وٺي زور زور سان ڪيس قرض جي ادائگيءَ لاءِ وڏي سڏ چوندا آهن ۽ بادشاه جي سر جو قسم وجهي چوندا اٿس ته جيستائين اسان جو قرض ادا نه ڪندين توستائين اندر نه ويندين. ان وقت مقروض شخص لاءِ پنهنجي قرض ادا ڪرڻ

کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هوندو آهي يا هنن کان منٿ ميڙ ڪري ڪجهہ وقت لاءِ هو مهلت وٺندو آهي.

هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو، جو بادشاہ پنهنجي پيءُ جي قبر جي زيارت لاءِ ويل هو ۽ اتي هڪ محل ۾ ترسيل هو. مون ٻہ پنهنجي قرض خواهن کي چيو تہ ”هي وقت موقعو اٿو.“ سو جڏهن مان محل ۾ اندر وڃڻ لڳس تہ انهن اچي ڏرڙو هنيو ۽ بادشاہ جو قسم وڌائون تہ اسان جي قرض ادا ڪرڻ کان سواءِ اندر نہ وڃ. متصدين اها خبر يڪدم وڃي بادشاہ تائين پهچائي، جنهن تي شمس الدين حاجب، جيڪو هڪ وڏو فقيهہ هو، ٻاهر ڪڍيو ۽ اچي انهن ماڻهن کان پڇيائين تہ ”توهان ڇو اچي ڏرڙو هنيو آهي.“ هنن جواب ڏنو تہ هن شخص تي اسان جو قرض آهي. اهو ٻڌي هو اندر هليو ويو ۽ وڃي بادشاہ کي خبر ڏنائين. بادشاہ پڇائي موڪليو تہ ڪيترو قرض آهي، جنهن تي هنن ٻڌايو تہ پنجويهہ هزار دينار. فقيهہ اهو سڀ ڪجهہ وڃي بادشاہ کي ٻڌايو ۽ پوءِ ٻاهر اچي هنن کي چيائين تہ بادشاہ سلامت فرمائي ٿو تہ اسان قرض جا ذميدار آهيون، ۽ اسان جي طرفان اهو قرض ادا ڪيو ويندو ۽ هن ماڻهوءَ کان قرض جي گهر نہ ڪريو.

پوءِ بادشاہ عماد الدين سمناني ۽ خداوند زادي غياث الدين کي حڪم ڏنو تہ هزار سطون ۾ ويهي، هنن قرض خواهن جا دستاويز ۽ رسيدون وغيره جانچي ڏسو ۽ تحقيقات ڪريو تہ اهي درست آهن يا نہ. هو ٻيئي حڪم موجب وڃي اچي ويٺا، جتي قرض خواهن مان هرهڪ پنهنجا دستاويز آڻي، هنن کي ڏيکاريندو ٿي ويو. آخر هنن وڃي بادشاہ کي عرض ڪيو تہ رسيدون وغيره بلڪل صحيح آهن. اهو ٻڌي بادشاہ کلي ڏنو ۽ کلندي چيائين تہ مان ڄاڻان ٿو تہ هو قاضي آهي ۽ پنهنجي ڪم کان چڱيءَ طرح سان واقف آهي. پوءِ خداوند زادي کي حڪم ڏنائين تہ هن جو قرض ادا ڪري ڇڏ. پر هن رشوت جي لالچ ڪئي ۽ ”خط خورد“.

Marfat.com

لڳڻ ۾ دير ڪيائين. مون هن ڏانهن ٻه سؤ تنڪا موڪليا پر هن وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽ سندس هڪ نوڪر اچي مون کي ٻڌايو ته ٥٠٠ تنڪا ٿو گهري، جي مون ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

اها ڳالهه مون عمادالدين سمنانيءَ جي پٽ عبدالملڪ سان ڪئي، جنهن وڃي پيءُ کي ٻڌايو؛ هن وري وڃي وزير کي ٻڌايو. وزير ۽ خداوندزادي جي وچ ۾ ڪجهه اڻبڻت هئي، تنهنڪري هن وڃي بادشاه کي اها ڳالهه ٻڌائي ۽ تنهن سان گڏ ٻيون به سندس ڪيتريون شڪايتون ڪيون، جنهنڪري بادشاه خداوندزادي تي ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ هن کي شهر ۾ نظربند ڪري رکيائين. پوءِ بادشاه چيو ته فلاڻو شخص هن کي رشوت ڇو پيو ڏئي؟ ۽ حڪم ڏنائين ته هن ڳالهه جي تحقيقات ڪئي وڃي ته هن رشوت ٿي ڏني ۽ خداوندزادي نه ورتي يا خداوندزادي رشوت پئي گهري ۽ هن ڏيڻ کان انڪار ٿي ڪيو بس، اهوئي سبب هو، جو منهنجي قرض جي ادائگيءَ ۾ دير ٿي ويئي.

—

Marfat.com

تنهنڪري حضور جن قرض خواهن کي حڪم ڏين ته وزير جي اچڻ تائين هن سان سختي نه ڪن يا ساڻس جن سندس قرض ادا ڪري ڇڏين.

ان وقت ملڪ دولت شاه به موجود هو، جنهن کي بادشاه چاچا ڪري سڏيندو هو، جنهن چيو ته ”آخوند عالم! هي شخص هر روز عربيءَ ۾ مون کي ڪجهه چوندو آهي، پر مان سمجهي ڪونه سگهندو آهيان، شايد سيد ناصرالدين هن کي سمجهندو هوندو ته ڇا ٿو چوي“. اصل ۾ هن جي ان چوڻ جو مطلب هو ته سيد ناصرالدين وري به منهنجي قرض جي ادائگيءَ جو ذڪر ڇيڙي. تنهن تي سيد ناصرالدين چيو ته ”هو انهي قرض جي باري ۾ چوندو رهندو آهي“. بادشاه هي ٻڌي فرمايو ته ”چاچا، اسين جڏهن دارالخلافه ڏانهن واپس هلون تڏهن توهان هن کي خزاني ۾ وٺي اهي پئسا ڏياري ڇڏجو.“ اتي خداوند زادو به حاضر هو، تنهن چيو ته آخوند عالم! هي شخص ڏاڍو خرچائو آهي، سندس اهو ئي حال ماوراالنهر جي سلطان طرمشيرين جي دربار ۾ به هو، جتي منهنجي ساڻس ملاقات ٿي هئي.

اهي ڳالهيون ختم ٿيون ته بادشاه مون کي دسترخوان تي سڏايو. مون کي خبر ڪانه هئي ته منهنجي باري ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هليون آهن. جڏهن ٻاهر آياسين تڏهن سيد ناصرالدين مون کي چيو ته ”ملڪ دولت شاه جا ٿورا مڃ.“ ۽ ملڪ دولت شاه وري چيو ته ”خداوند زادي جا ٿورا مڃ!“ انهيءَ ئي ڏينهن اسان شڪار تي بادشاه سان گڏ هئاسين ۽ بادشاه ڪئمپ مان سوار ٿي پئي لنگهيو، ته سندس گذر منهنجي تنبوءَ وٽان ٿيو. مان به سندس ساڄي طرف ساڻس گڏ هوس. منهنجا ساٿي تنبوءَ ۾ هئا. جڏهن بادشاه اتان اچي لنگهيو ته هنن اٿي ٻيهي سلام ڪيو. بادشاه عمادالملڪ ۽ ملڪ دولت شاه کي موڪليو ته انهن ماڻهن کان پڇن ته اهو ڪنهن جو تنبو آهي. هنن موٽي اچي جواب

طرح جنهن ۾ غير ملڪيءَ کي ترسڻ جو حڪم مليو هو، تنهن کي انعام ڏنو ويو. پر اُني جي ماڻهن کي ڪجهه به ڪونه ڏنو ويو. بادشاه مون کي اهو به حڪم ڏنو ته ”تو کي سلطان قطب الدين جي مقبري جو متولي مقرر ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اُن جو سڄو بندوبست تنهنجي ذمي آهي.“ بادشاه اُن مقبري جي، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، تمام گهڻي تعظيم ڪندو هو، ڇو ته ڪنهن زماني ۾ هو سلطان قطب الدين جي نوڪريءَ ۾ رهي چڪو هو. مون ڪيترائي ڀيرا ڏٺو هو ته بادشاه اُن مقبري ۾ اچي سلطان قطب الدين جا جوتا کڻي، چمي، پنهنجي مٿي تي رکندو هو. هن ملڪ ۾ اهو به رواج آهي ته ميت جا جوتا سندس قبر جي ڀرسان هڪ مٿاهينءَ جاءِ تي رکندا آهن.

بادشاه جڏهين به مقبري ۾ ايندو هو تڏهين اهڙيءَ طرح سان نمي سلام ڪندو هو، جهڙيءَ طرح هو بادشاه جي زندگيءَ ۾ ڪندو هو. هن جي بيوه زال جي به ڏاڍي عزت ڪندو هو، کيس ڀيڻ ڪري سڏيندو هو ۽ هن کي پنهنجي حرم ۾ رهڻ لاءِ هڪ خاص جڳهه ڏني هئائين، پوءِ هن جو نڪاح ابن قاضي مصر سان ڪري ڇڏيو هئائين، جنهن سبب ڪري هن کي به گهڻو نوازيندو رهندو هو ۽ هر جمعي تي بادشاه هن عورت سان ملڻ ويندو هو.

جڏهن بادشاه رواني ٿيڻ وقت اسان کان موڪلائڻ لاءِ اسان کي گهرايو، تڏهن ابن قاضي مصر اٿي بيهي عرض ڪيو ته ”مان حضور جن کان جدا رهڻ نٿو چاهيان.“ تنهن تي بادشاه چيس ته ”چڱو ڀلا تون وڃي پنهنجي سفر جو سامان تيار ڪر.“ اهو هن جي لاءِ ڏاڍو مٺو ٿيو. هن کان پوءِ مان اڳتي وڌيس ۽ شهر ۾ رهڻ ٿي چاهيم، سو وري منهنجي لاءِ مصيبت جو باعث ٿيو.

بادشاه مون کان پڇيو ته ”تو کي ڪجهه عرض ڪرڻو

آهي؟" مون يڪدم پنهنجي يادداشت وارو ڪاغذ ڪڍيو، پر بادشاهه فرمايو ته "پنهنجي زبان سان چئو." مون عرض ڪيو ته، "آخوند عالم! توهان مون کي قاضي مقرر ڪيو آهي، پر سان اچا پنهنجي عهدي تي قائم نه ٿيو آهيان. حالانڪ منهنجو مطلب انهي عهدي جي بزرگي قائم رکڻ به آهي. تنهن تي بادشاهه منهنجي مقرري ۽ به نائب مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. وري پڇيائين ته "ٻيو ڪجهه؟" مون عرض ڪيو ته "سلطان قطب الدين جي مقبري جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ مون چار سؤ سٺ ماڻهو مقرر ڪيا آهن، پر ان جي موقوفي وقفن جي آمدني انهن جي کاڌي ۽ خرچ لاءِ پوري ڪانه پوندي." جنهن تي بادشاهه وزير ڏانهن منهن ڪري چيو ته "آمدني پنجاهه هزار آهي". ۽ حڪم ڏنائينس ته "لڪ من غله بده" يعني هڪ لک مڻ اناج ڏينس، ۽ مون کي چيائين ته "جيستائين مقبري جو اناج اچي نه، تيستائين اهو اناج هلاءِ." غله جو مطلب ڪڻڪ ۽ چانور آهي.

هن ملڪ جو مڻ مغربي ويهن رطلن جي برابر ٿيندو آهي. تنهن کان پوءِ بادشاهه پڇيو ته "ٻيو ڇا عرض ڪرڻو اٿيئي؟" مون عرض ڪيو ته، "منهنجا ڪي ساٿي هن ڪري قيد ڪيا ويا آهن ته هنن انهن ڳوٺن، جن جي عيوض مون کي ٻيا ڳوٺ مليا آهن، جي ڪجهه وصولي ڪئي آهي. هاڻي ديوان وارا ٿا چون ته توکي اُنان جيڪا به آمدني ٿي آهي، سا خزاني ۾ جمع ڪراءِ يا بادشاهه جو حڪم آڻ ته اها تقاضا معاف ڪئي وڃي." بادشاهه پڇيو ته اتان توکي ڪيتري آمدني ٿي آهي؟ مون عرض ڪيو ته "پنج هزار دينار". تنهن تي بادشاهه فرمايو ته "چڱو اها رقم اسان توکي انعام طور ڏني". پوءِ مون ٻيو عرض ڪيو ته "جيڪو گهر بادشاهه سلامت مون کي رهڻ لاءِ ڏنو آهي، سو بالڪل جهونو ٿي ويو آهي ۽ مرمت جوڳو آهي". تنهن تي وزير کي حڪم ڪيائين ته "عمارت ڪنيد" يعني جڳهه ٺهرائي وڃي. پوءِ مون کي

چيائين ته "پيو به ڪجهه باقي رهيو اٿيئي ڇا." مان عرض ڪرڻ ني هوس ته يڪدم چيائين ته "وصيت ديگر است...." يعني مان توکي وصيت ٿو ڪريان ته تون قرض نه ڪڍندو ڪر، ممڪن آهي ته توکي قرضخواه ڪا تڪليف ڏين ۽ اسان کي خبر ئي نه پئجي سگهي؛ باقي مان جيڪي ڪجهه توکي ڏيان ٿو ان کان وڌيڪ خرچ نه ڪر، ڇو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "فلاتجعل يدك مغلولة ولا تبسطها كل البسط و كلوا و اشربوا ولا تسرفوا و الذين اذا انفقوا لم يسرفوا و كان بين ذالك قواما." هي پڙهي مون ارادو ڪيو ته بادشاه جا پير چمان، سو جيئن ئي هيٺ نميس ته بادشاه ڪٺي مون کي مٿي کان جهليو ۽ ائين ڪرڻ کان منع ڪيائين.

پوءِ بادشاه جا هٿ ڪٺي، چمي، مان ٻاهر نڪتس ۽ شهر ۾ اچي مون پنهنجي جاءِ ٺهرائڻ شروع ڪئي، جنهن تي منهنجا چار هزار دينار خرچ ٿيا، جن مان ڇهه سو دينار مون کي خزاني مان مليا، باقي پيا مون پنهنجي هٿان خرچ ڪيا هئا. مون پنهنجي گهر جي سامهون هڪ مسجد به ٺهرائي ڇڏي. ان کان پوءِ سلطان قطب الدين جي مقبري جي انتظام ۾ لڳي ويس. بادشاه حڪم ڏنو هو ته ان تي هڪ سو گز ڊگهو قبو ٺهرايو وڃي، يعني عراق جي بادشاه قاران جي ٺهيل قبي کان ويهه گز زياده اوچو، ۽ اهو به حڪم ڏنائين ته ويهه ڳوٺ خريد ڪري مقبري لاءِ وقف ڪيا وڃن ۽ خريد ڪرڻ جو حڪم به مون کي ڏنو ويو، جيئن عشر (ڏهون حصو) جو واڌو به دستور موجب مون کي ملي.

## مقبري جو انتظام

هندستانين جو اهو به دستور آهي ته مردن جي قبرن تي سڀ شيون جيڪي انهن جي زندگيءَ ۾ ضروري هونديون آهن،

## فصل ٻيون

# هزار امروهه ڏانهن سفر

بادشاه جي حڪم موجب وزير مون کي فقط ڏهه هزار مڻ اناج ڏنو ۽ باقيءَ لاءِ حڪم نامو لکي ڏنائين (۱) ته هزار امروهه مان ڏنو وڃي. ان وقت اتي جو والي عزيز خمار هو ۽ اتي جو امير شمس الدين بدخشاني هو. مون پنهنجا ماڻهو اوڏانهن موڪليا، جن وڃي ان مذڪور اناج مان ڪجهه وصول ڪيو ۽ موٽي اچي عزيز خمار جي سخت رويي جي شڪايت ڪيائون. پوءِ رهيل اناج وٺڻ لاءِ مان خود اوڏانهن روانو ٿيس. هي علائقو دهليءَ کان ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي. برسات جي موسم هئي، مان ٽيهه ماڻهو پاڻ مان وٺي ويو هوس، ۽ ٻه تمام سٺا ڳائيندڙ، جيڪي ڀيڻ ڀائر هئا، به ساڻ کنيا هئم.

اسان جڏهن بجنور (۲) ۾ پهتاسين، تڏهن اتان مون ٽي ڳائڻا ٻيا به پاڻ سان کنيا، هو به ٽيئي ڀائر هئا. مان ڪڏهن ڀڻ ڀائرن جو راڳ ٻڌندو هوس ته ڪڏهن هنن ٽن ڀائرن جو. آخر اچي امروهه ۾ پهتاسين. هي هڪ ننڍڙو مگر خوبصورت شهر آهي. اتي جا رهواسي اسان جي استقبال لاءِ شهر کان ٻاهر آيا، انهن ۾ شهر جو قاضي شريف علي ۽ خانقاهه جو شيخ به هئا،

---

۱- هندستان ۾ هيءُ شهر مراد آباد جي ضلعي ۾ آهي ۽ مراد آباد کان ۳۳ ميل ڏکڻ اولهه طرف آهي. — مترجم

۲- بجنور پڻ هندستان ۾ هڪ قديم شهر آهي. — مترجم

هئي تنهنڪري شمس الدين هن سان لڙائي ڪرڻ آيو، پر عزيز خمار گهر ۾ لڪي ويهي رهيو. پوءِ ٻنهي ڌرين هڪٻئي جي شڪايت وزير ڏانهن لکي موڪلي، جنهن مون کي، ملڪ شاهه امير المماليڪ، جنهن جي هٿ هيٺ چار هزار شاهي غلام هئا، ۽ شهاب الدين روميءَ کي چوائي موڪليو ته هنن جي جهڳڙي جو فيصلو ڪري، جيڪو ڏوهي هجي، تنهن کي ٻڌي، دارالخلافه ڏانهن موڪليو وڃي.

سڀ اچي منهنجي گهر ۾ گڏ ٿيا؛ عزيز خمار، شمس الدين تي گهڻيون ئي دعوائون ڪيون جن مان هڪ هيءَ هئي ته شمس الدين جو هڪ ملازم رضي ملتاني نالي، سندس (عزيز خمار جي) خزانچيءَ جي گهر اچي لٿو ۽ شراب پي خزانچيءَ جي مال مان پنج هزار دينار چورايائين. مون رضيءَ کان پڇيو ته جواب ڏنائين ته "مون کي اٺ سال ٿيا آهن، جڏهن ملتان کان آيو آهيان، شراب ڪونه پيتو آهيم". مون پڇيومانس ته "ڀلا ملتان ۾ تو شراب پيتو هو؟" ته چيائين ته "هائو." مون يڪدم هن کي اسي درا هڻايا ۽ عزيز خمار جي مقدمي ۾ هن کي جيل ۾ وجهايم.

مان امروهه ۾ ٻه مهينا رهي واپس موٽيس ۽ هر روز پنهنجن ماڻهن لاءِ هڪ ڳئون ذبح ڪرائيندو هوس. مان پنهنجي ساٿين کي پوئتي ڇڏي آيو هوس ته عزيز خمار کان اناج وٺي اچن. هن ڳوٺ وارن کي لکي موڪليو ته ويهه هزار مڻ اناج ٽن هزارن ڏاندن تي ڍوئي پهچائي ڏين. هندستان جا ماڻهو ڏاندن تي بار ڍوئيندا آهن ۽ سفر جو سامان به انهن تي ئي لڏيندا آهن. گڏه تي سواري ڪرڻ عيب سمجهندا آهن. هن ملڪ ۾ گڏه ننڍي قد جا ٿيندا آهن. ڪنهن به ماڻهوءَ کي جيڪڏهن خوار خراب ڪرڻو هوندو اٿن ته ان کي سوچڙا هڻي گڏه تي چاڙهي گهمائيندا آهن.

## ڪن دوستن جي مون سان مهرباني ڪرڻ

سيد ناصرالدين اوهري جڏهن سفر تي ويو هو تڏهن مون

Marfat.com

وٽ ٻه سو مَٽ ننڍڪا امانت طور ڇڏي ويو هو، جيڪي مون خرچ ڪري ڇڏيا هئا. مان جڏهن اروهه ڪان واپس آيس تڏهن خبر پيم ته ناصرالدين ان رقم وٺڻ لاءِ خداوند زادي قوام الدين کي چٺي ڇڏيو آهي، جيڪو وزير جو نائب ٿي آيو هو. مون کي ائين چوندي شرم ٿي آيو ته مون اها رقم خرچ ڪري ڇڏي آهي. تنهنڪري ان رقم جو ٽيون حصو ته مون هن کي ڏيئي ڇڏيو ۽ ڪجهه ڏينهن گهر ڪان ٻاهر ڪونه نڪتس، ۽ جلد ئي مشهور ٿي ويو ته مان بيمار ٿي پيو آهيان.

ناصر الدين خوارزمي صدر جهان مون سان ملاقات لاءِ آيو ۽ مون کي ڏسي چيائين ته "تون بيمار ته ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچين". مون جواب ڏنس ته "باطني بيماري اٿم". پڇيائين ته "ڪهڙي؟" تنهن تي مون چيومانس ته "پنهنجي نائب شيخ الاسلام کي مون ڏانهن موڪلجو ته ان کي ٻڌائيندس". جڏهن هو مون وٽ آيو تڏهن مون کيس سچو حال کولي ٻڌايو. پوءِ هن (صدر جهان) مون ڏانهن هڪ هزار دينار موڪلي ڏنا. هن جا هڪ هزار دينار اڳ ۾ به مون تي قرض هئا. جڏهن خداوند زادي مون کان باقي رقم جي گهر ڪئي، تڏهن سوچيم ته صدر جهان شاهوڪار ماڻهو آهي، اهوئي هن موقعي تي منهنجي مدد ڪري سگهندو، سو مون هن ڏانهن زين سوڌو گهوڙو، جنهن جي قيمت سورنهن سؤ دينار هئي، ٻه خچر جن جي قيمت ٻارنهن سؤ دينار هئي، هڪ چانديءَ جو ترڪش ۽ ٻه تلوارون جن جي مياڻن تي چاندي چڙهيل هئي، موڪلي ڏنا ۽ چوائي موڪليومانس ته هنن جي قيمت ڪٿي، جيڪا رقم ٿئي سا موڪلي ڏئي. هن ڇا ڪيو جو ڪل ٽي هزار دينار قيمت ٺهرائي، پنهنجا مون تي جيڪي ٻه هزار دينار قرض هئس سي ڪاٽي، باقي هڪ هزار دينار موڪلي ڏنائين.

هي (ونگ) ڏسي، مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ انهيءَ ڪري ئي سبب مون کي بخار چڙهي ويو ۽ دل ۾ چيم ته جيڪڏهن وزير

نوهان جي پيءُ سان ڪير ڪير سلوڪ ايندا هئا، ته هنن پڻ سان گڏ منهنجو ناتو به ڪيو. بادشاه يڪدم حڪم ڏنو ته منهنجي ديوان خاني تي چئن غلامن جو پهرو لڳايو وڃي. جڏهن به ائين ٿيندو آهي، تڏهن ان ماڻهوءَ جو، جنهن تي پهرو لڳايو ويندو آهي، بچڻ مشڪل ٿيندو آهي. مون ٽي جمعي جي ڏينهن کان پهرو بيهي ويو. مون "حسبنا الله و نعم الوڪيل" پڙهڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن مون ٽيهه هزار ڀيرا اهو پڙهيو. رات جو به ديوان خاني ۾ ئي رهندو هوس ۽ پنجن ڏينهن جو هڪ روزو رکيم ۽ هر روز ڪلام الله پورو ڪندو هوس. انهي مان پاڻيءَ سان روزو کوليندو هوس ۽ پنجن ڏينهن کان پوءِ روزو کولي وري چئن ڏينهن جو روزو رکيم. آخر شيخ جي قتل کان پوءِ مون کي آزادي ملي. والحمد الله تعاليٰ.

## منهنجو نوڪري ڇڏي تارڪ الدنيا ٿيڻ

پوءِ منهنجي دل نوڪريءَ مان ڪني ٿي پيئي، تنهنڪري وڃي شيخ امام عالم عابد زاهد خاشع فريد الدهر و جيدالعصر شيخ ڪمال الدين عبدالله غازيءَ جي خدمت ۾ رهيس. هيءُ بزرگ وڏو ولي الله شخص هو، جنهن جون ڪرامتون مشهور هيون، جن جو مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان. مان دنيا ترڪ ڪري، پنهنجو سڀ مال فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڏيئي، شيخ وٽ هليو ويس. شيخ ڏهن ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ ڪڏهن ته ويهن ڏينهن جا روزا به رکندو هو. منهنجي دل به چاهيو ته مان به ائين ڪريان، پر شيخ منع ڪندو هو ۽ چوندو هو ته عبادت ۾ پنهنجي نفس تي سختي نه ڪر ۽ دل سان توبهه تائب ٿيڻ واري لاءِ سفر ڪرڻ وقت پيادي هلڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. مون وٽ اڃا به ڪجهه مال هو، جنهنڪري منهنجي دل ۾ اڃا به ڪنڊڪو رهندو هو، تنهنڪري جيڪي به مون وٽ

Marfat.com

پوءِ مون اهي ڪپڙا پهريا. مون وٽ هڪ سوٽي نيري رنگ جو استر پيل جبو هو، جيڪو مان عبادت جي وقت پهريندو هوس؛ سو لاهي جڏهن شاهي ڪپڙا ڏٺم تڏهن پاڻ کي سجائي ڏٺم ته پيو سگهان ۽ جڏهن هن جبي ڏانهن پيو ڏسان ته پنهنجي اندر ۾ نور پيو ڏسان.

اهو جبو مون وٽ ان وقت تائين رهيو، جنهن وقت سمنڊ ۾ هندن اسان کي ڦريو ۽ ڪپڙا به لاهي هليا ويا. جڏهن مان بادشاه وٽ پهتس تڏهن هن منهنجي اڳيان کان به وڌيڪ عزت افزائي ڪئي ۽ فرمايائين ته مان توکي چين جي بادشاه وٽ پنهنجو سفير ڪري ٿو موڪليان، ڇو ته مون کي خبر آهي ته توکي سفر ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جو تمام گهڻو شوق آهي. پوءِ بادشاه منهنجي سفر جو سامان تيار ڪرايو ۽ مون سان گڏ هلڻ لاءِ ماڻهو مقرر ڪيائين، جن جو مان پوءِ بيان ڪندس.

## چين جي بادشاه ڏانهن تحفا موڪلڻ

چين جي بادشاه، هڪ سؤ غلام ۽ ٻانهيون، پنج سؤ ٿان ڪمخواب جا، جن مان هڪ سؤ ٿان زيتون جي شهر جا ٺهيل ۽ هڪ سؤ ٿان خنسان جي شهر جا هئا، پنج مڻ مشڪ، پنج وڳا ڪپڙن جا جن تي جواهر لڳل هئا، پنج طلاڪار ترڪش، ۽ پنج تلوارون بادشاه ڏانهن موڪليون هيون، ۽ اهو به لکي موڪليو هئائين ته ڪيس قراجيل جبل ۾ هڪ جڳهه تي، جنهن کي سمهل ڪري چوندا هئا، بتخاني ٺهرائڻ جي وري اجازت ڏني وڃي. اتي چين جا ماڻهو ياترا لاءِ ايندا آهن ۽ جڏهن اتي اسلامي لشڪر حملو ڪيو هو، تڏهن ان شهر جي بتخاني کي ڀڃي ڀوري تباه ڪري ڇڏيو هئائون.

هيٺر، جو بادشاه چين اجازت لاءِ لکيو، تنهن جي جواب ۾ بادشاه جواب موڪليس ته اسلامي ملڪ ۾ سواءِ ان ماڻهوءَ جي

هڪ هزار سوارن سان موڪليائين. ازانسواءِ بادشاهه چين جي سفارت جا پندرهن ماڻهو هئا ۽ سندس وڏي عملدار (سفير) جو نالو "ترسي" هو ۽ هن سان گڏ هڪ سو نوڪر هئا. انهن سڀني جي هلڻ جي ڪري اسان سان گڏ هڪ وڏي جماعت ٿي پيئي. بادشاهه جو حڪم هو ته سفر ۾ سڄي رستي تي اسان جي ضيافت جو انتظام ملڪ جي طرفان ڪيو وڃي.

اسان سنه ٧٤٣ هه ۾ صفر مهيني جي سترهين تاريخ روانا ٿياسين. هن ملڪ ۾ گهڻو ڪري مهيني جي ٻي، ستين، ٻارهين، سترهين، ٻاويهين يا ستاويهين تاريخ تي سفر ڪندا آهن. اسان پهريائين هڪ جاءِ تلپت (١) نالي تي منزل ڪئي. هي شهر دارالخلافه دهليءَ کان ٻه يا ٽي فرسخ پري آهي. اتان هلي وري شهر آؤ (٢) ۾ منزل ڪئيسين.

هتان هلي شهر هيلو (٣) ۾ منزل ڪري، اتان روانا ٿي،

---

(١) تلپت:- هي مٿرا واري رستي سان لڳ، دهليءَ جي پرسان هڪ پراڻي ڳوٺ جو نالو آهي. هت هڪ سرڪاري اسڪول به آهي. تاريخن ۾ هن ڳوٺ جو نالو ٿو اچي، جو ته دهليءَ ڏانهن ايندي، هر مسافر کي هتان ضرور لنگهڻو پوندو هو. هي شايد مها ڀارت واري زماني جي پنجن پٽن اِندر پٽ، تلپت، سوني پٽ، ٻاغپٽ ۽ پاني پٽ، مان شايد هڪ آهي، تنهنڪري تمام قديم شهر آهي. — مترجم

(٢) آؤ:- هي هڪ پراڻو ڳوٺ مٿرا جي رستي تي آهي، جنهن جو ذڪر "آئين اڪبري" ۾ به آيل آهي. — مترجم

(٣) هيلو:- هن جو پتو نٿو پوي ته ڪٿي آهي. پر ڪنهن زماني ۾ ضرور هوندو، ۽ مٿرا جي رستي تي ٿي هوندو. — مترجم

اچي بيانا (١) ۾ منزل انداز ٿياسين. هي شهر (بيانا) تمام وڏو ۽ سهڻو شهر آهي، هن جي بازار ڏاڍي رونق واري آهي ۽ جامع مسجد بہ بي مثال ٺهيل اٿس، جنهن جون ديواريون ۽ ڇتيون پٿر جون ٺهيل آهن.

هتي جو حاڪم بادشاه جي دائي جو پٽ مظفر نالي آهي. هن کان اڳي هتي جو حاڪم ملڪ مجيد ابن ابي الرجاء هو، جيڪو وڏن اميرن مان هڪ هوندو هو، جنهن جو بيان اڳ ۾ ڪري آيو آهيان تہ هو پاڻ کي قريشي سڏائيندو هو، پر اول درجي جو بي رحم ۽ ظالم هوندو هو. هن شهر جي ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو ۽ گهڻن ئي ماڻهن جا هٿ پير ڪپائي ڇڏيا هئائين.

مون هن شهر ۾ هڪ ماڻهو ڏٺو جيڪو ڏاڍو سهڻو ٿي لڳو ۽ پنهنجي گهر جي ڏيڍيءَ ۾ ويٺو هو. پر سندس هٿ ۽ پير ڪپيل هئا. هڪ دفعي بادشاه هن شهر وٽان اچي لنگهيو هو تہ هتي جي باشندن ملڪ مجيد جي اچي شڪايت ڪئي. بادشاه يڪدم هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو ۽ هن جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهائي ڇڏيائين. پوءِ هو ديوان (ڪورٽ) ۾ قاضيءَ جي سامهون اچي ويٺو، ۽ شهر جا ماڻهو اچي سندس ظلم ۽ جبر، جيڪي هن ماڻهن مان ڪيا هئا، سي هڪ هڪ ڪري لکائيندا ويا. بادشاه تنهن تي حڪم ڪيس تہ انهن سڀني کي راضي ڪر. جڏهن هن پنهنجو سمورو مال ڏيئي، ماڻهن کي راضي ڪيو، تڏهن بادشاه کيس قتل ڪرائي ڇڏيو.

شهر جي وڏن عالمن مان هڪ عالم امام غزالدين زبيري

---

(١) بيانا:- هي شهر دهليءَ کان ١٠٠ ميل پري ڏکڻ طرف آهي، ۽ پرتاپور جي ڏکڻ اولهہ طرف آهي. تمام قديمي شهر آهي. موجوده حالت ۾ بہ چڱو آباد آهي، ۽ ڪافي آدمشماري اٿس. هن وقت اهو شهر آگري ۽ بمبئي واري رستي تي پرتاپور جي رياست ۾ آهي. — مترجم

Marfat.com

هو ۽ زبير بن العوام رضہ صحابيءَ جي اولاد مان هو. هن مان منهنجي ملاقات گواليار ۾ ملڪ عزالدين بنتاني عرف باعظم ملڪ وٽ ٿي هئي.

پوءِ اسان بياناَ مان ڪوچ ڪري اچي شهر ڪول ۾ لٿاسين. هيءُ هڪ سهڻو شهر آهي ۽ منجهس باغ تمام گهڻا آهن. جن ۾ انبن جا وڻ زياده آهن. اسان ٻاهر هڪ ميدان تي اچي ترسياسين، جتي مون شيخ صالح عابد شمس الدين، جو تاج العارفين جي لقب سان مشهور هو، سان ملاقات ڪئي. هو نابينا هو ۽ عمر ۾ به تمام وڏو هو. ان کان پوءِ بادشاهه هن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو، جتي هن وفات ڪئي هئي. اهو سڄو قصو مان اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان.

## ڪول جي پرسان اسان جي ڪافرن سان لڙائي

جڏهن اسين ڪول (١) جي شهر ۾ پهتاسين، تڏهن خبر آئي ته هندن جلالي (٢) جي شهر کي اچي گهيرو ڪيو آهي. هي شهر ڪول کان ستن ميلن جي مفاصلي تي هو. پوءِ اسان اوڏانهن وڃڻ لاءِ ارادو ڪيو. ان شهر جا باشندا هندن سان لڙي رهيا هئا. ۽ هندو هنن کي قتل ڪري انهن جي شهر کي ڦري برباد ڪري ڇڏيندا هئا. پر هنن کي اسان جي اچڻ جي خبر نه هئي. اسان هنن تي وڃي حملو ڪيو. هو ڪل هڪ هزار سوار ۽ ٽي هزار پيادا هئا. جي سڀ اسان جي هٿان مارجي ويا ۽ اسان هنن جي گهرن ۽ هٿيارن تي وڃي قبضو ڪيو. اسان جا

---

(١) (٢) شهر ڪول ۽ جلالي:- جنهن صورت ۾ ابن بطوطه بياناَ کان پوءِ ڪول جو بيان ڪيو آهي. تنهن مان شڪ ٿو پوي ته اهو شهر ضرور بياناَ ۽ گواليار جي وچ تي هوندو. پر ان ۾ به ڪجهه شڪ ڪونهي ته ڪول جو مطلب اها ئي ڪوئل آهي، جنهن کي هن وقت علي ڳڙهه سڏبو ٿو وڃي، جو ته جلالي نالي هڪ قديمي شهر جا نشان به علي ڳڙهه جي اڀرندي طرف تمام ويجهو موجود آهي. --- مترجم

ٽيهه سوار ۽ پنجاهه پيادا مارجي ويا، ۽ ڪافور ساقي يعني شربدار، جنهن جي نگرانيءَ هيٺ چين جا تحفا هئا، سو به هن لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. اسان هن جي شهادت جي خبر بادشاهه کي ڏياري موڪلي ۽ جواب جي انتظار ۾ انهيءَ شهر ۾ ترسي پياسين. هندو جبلن مان نڪري اچي جلالي شهر تي حملا ڪندا هئا. تنهنڪري اسان جو امير هر روز اسان کي انهن جي مقابلي لاءِ وٺي ويندو هو.

Marfat.com

### فصل ٽيون

# منهنجو مصيبت ۾ پوڻ ۽ هڪ ولي الله جي مدد سان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ

هڪ ڏينهن مان پنهنجي هڪ جماعت سان سوار ٿي ٻاهر ويس. اسان هڪ باغ ۾ لنگهي وياسين. گرميءَ جي موسم هئي. اسان اتي گوڙ ۽ شور جو آواز ٻڌي، ان جي ڏوهه ۾، سوار ٿي، هڪ ڳوٺ ڏانهن وياسين، جنهن تي هندو ڪاهي آيا هئا. اسان اچي انهن جي پٺيان پياسين. هو ڌڙي پکڙي ويا. تنهنڪري منهنجا ساٿي انهن جي پٺ وٺندي، جدا جدا طرفن ڏانهن هليا ويا. ۽ مون وٽ وڃي باقي پنج ماڻهو بچيا. اوچتو هڪ جهنگ مان، ڪجهه سوار ۽ پيادا نڪري ظاهر ٿيا، ۽ اچي اسان تي حملو ڪيائون. اسان تعداد ۾ هنن کان ٿورا هئاسين، تنهنڪري وڃي ڦاٿاسين.

انهن مان ڏهه ڄڻا اسان جي پٺيان آيا، اسان باقي وڃي ٽي ماڻهو بچيا هئاسين. زمين هئي ٿريلي، تنهنڪري ڪوبه چارو نظر نٿي آيو. منهنجي گهوڙي جا اڳيان پير پٿرن ۾ ڦاسي پيا هئا، تنهنڪري هيٺ لٿي، مون هن جا پير ڇڏايا ۽ وري ان تي سوار ٿيس. ان ملڪ ۾ ٻه تلوارون رکندا آهن، جن مان هڪ زين ۾ لٽڪندي رهندي آهي، جنهن کي رڪابي ڪري چوندا آهن، ٻي ترڪش ۾ پيل هوندي آهي. منهنجي رڪابي تلوار ميان مان نڪري هيٺ ڪري پيئي. ان جو مٺيو سونو هو. مان ان کي کڻڻ لاءِ وري گهوڙي تان لٿس ۽ ان کي

Marfat.com

۾ گهڙي ويس. اتي هندن جو هڪ مجموعو ڏٺم جن ۾ هڪ انهن جو سردار به هو. هن مون کان پڇيو ته تون ڪير آهين؟ مون ڪوبه جواب ڪونه ڏنومانس ۽ هيٺ پٽ تي ويهي رهيس. انهن مان هڪ تلوار ڪڍي مون ڏانهن وريو، هن مون کي مارڻ لاءِ تلوار ڪڍي هئي، پر مون هن ڏانهن ڏٺو به ڪين، جو ته مان ڏاڍو ٿڪل هوس.

پوءِ هن منهنجي تلاشي ورتي ۽ جڏهن مون وٽان ڪجهه به نه مليس، تڏهن مون هن کي پنهنجي اها قميص لاهي ڏني، جنهن جون ٻانهون مان هن پير مرد کي ڏيئي آيو هوس. ٻيو ڏينهن ٿيو ته مون کي اڃ ستايو، پر مون کي پاڻي نه ملي سگهيو. پوءِ هڪ ويران ڳوٺ ڏانهن ويس، پر اتي ڪوبه پاڻي جو تلاءُ ڪونه هو. هن ملڪ ۾ مينهن جو پاڻي، تلائن ۾ گڏ ڪري، اتان پيئندا رهندا آهن.

پوءِ مان رستو وٺي، اٿي هليس، ته ٿورو اڳيان هڪ ڪچو کوهه ڏٺم، جنهن تي هڪ ڪجيءَ جي رسي پيئي هئي، پر ڏول ڪونه هوس. مون ان رسيءَ ۾ پنهنجو پٽڪو اٽڪائي، کوهه ۾ اندر ڪيو ۽ جيڪو پاڻي ان ۾ لڳو، سو چوسڻ لڳس، پر تنهن هوندي به منهنجي اُڃ ڪانه لٿي. پوءِ پنهنجو موزو لاهي، رسيءَ ۾ ٻڌي، ٻيو دفعو کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيم، پر رسي ڇڄي پيئي ۽ موزو وڃي کوهه ۾ ڪريو. پوءِ مون ٻيو موزو ٻڌي، پاڻي ڪڍيو ۽ خوب پيٽ ڀري، پاڻي پيتم. ان کان پوءِ انهيءَ موزي کي ڪپي، ان جو مٿيون حصو انهيءَ رسيءَ ۽ هڪڙي ليڙ جي وسيلي، پير تي ٻڌي ڇڏيم. مان اهو پير تي ٻڌي رهيو هوس ته هڪ ماڻهو نظر آيم. مون ان ڏانهن غور سان ڏٺو ته اهو ماڻهو ڪاري رنگ جو هو. هن جي هٿ ۾ هڪ لٺ ۽ لوٽو هو ۽ ڪلهي تي جهولي هيس.

هن اچڻ سان مون کي السلام عليڪم چيو، مون ان جو

Marfat.com

جواب وعليڪم السلام و رحمت الله و برڪاته ڏنوماڻس. پوءِ هن مون کان پارسيءَ ۾ پڇيو ”چه ڪسي“ يعني ڪير آهين؟ مون جواب ڏنو ته مان رستو ڀلجي آيو آهيان. پوءِ هن لوٽو، رسيءَ ۾، جيڪا هن وٽ هئي، ٻڌو ۽ پاڻي ڪڍيائين. مون ارادو ڪيو ته پاڻي پيئان پر هن چيو ته ٿورو ترس ۽ پنهنجي جهوليءَ مان ڀڳڙا ۽ ڀڳل چانور ڪڍي، مون کي ڏنائين، جي مون کائي پاڻي پيتو. هن وضو ڪري ٻه رڪعت نماز پڙهي. مون به وضو ڪري نماز پڙهي.

پوءِ هن مون کان منهنجو نالو پڇيو، مون چيو ته منهنجو نالو محمد آهي. پوءِ وري مون هن جو نالو پڇيو، جنهن تي هن پنهنجو نالو ”قلب فارح“ ٻڌايو. مون چيو ته فال ته نيڪ ٿي ڏسجي، ۽ اٿي پنڌ لاءِ سنبريس. هن مون کي چيو ته مون سان گڏجي هل. مون چيو ته چڱو. اڃا هن سان ٿوروئي اڳيرو ويس ته منهنجا عضوا جواب ڏيڻ لڳا ۽ ٻيهڻ جي به همت نه رهيم، تنهنڪري ويٺي رهيس. هن پڇيو ته ڪهڙو حال اٿئي؟ مون جواب ڏنو ته تنهنجي ملڻ کان اڳ مان هلي ٿي سگهيس، پر هاڻي هليو نٿو ٿئيم. هن چيو ته سبحان الله! اچي منهنجي ڪلهي تي چڙهي ويهه! مون چيومانس ته تون خود ضعيف ماڻهو آهين ۽ مون کي ڪيئن تون کڻي سگهين! پر هن چيو ته توکي ضرور چڙهڻو پوندو ۽ خدا پاڻهي مون کي طاقت بخشيندو.

پوءِ مان هن جي ڪلهي تي چڙهي ويٺس. هن مون کي چيو ته حسبنا الله و نعم الوڪيل پڙهندو هل. مون اهو ذڪر شروع ڪيو ته مون کي ننڊ اچي وئي ۽ ان وقت اک کلي، جڏهن هن مون کي زمين تي لاٿو. مان جاڳيس ته هن ماڻهوءَ جو پتوئي نه پيو ته الاجي ڪيڏانهن ويو! ۽ مون پاڻ کي هڪ آباد ڳوٺ جي پاسي ۾ ڏٺو. مان ان ڳوٺ ۾ لنگهي ويس، جنهن ۾ هندو رهندا هئا، پر اهي سڀ بادشاه جي رعيت هئا ۽ انهن

جو حاڪم مسلمان هو. ماڻهن وچ ان کي خبر ڪئي، ته يڪدم هو مون ڏانهن هليو آيو. مون هن کان پڇيو ته هن ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟ هن چيو ته تاج پور، ۽ ڪول هتان ٻه فرسخ پري آهي.

پوءِ اهو حاڪم مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ مون کي وهنجاري، گرم گرم کاڌو کارايائين ۽ چيائين ته مون وٽ هڪ گهوڙو، ڪپڙا ۽ هڪ پٽڪو آهي، جيڪو هڪ مصري ماڻهو، مون وٽ ڪول واري ڪئمپ مان اچي، رکي ويو آهي. مون چيومانس ته ڪٿي اچ ته ڪئمپ ۾ پهچڻ تائين اهي پهريان. جڏهن هو ڪٿي آيو تڏهن معلوم ٿيو ته اهي منهنجا ئي ڪپڙا هئا، جيڪي جڏهن مان ڪئمپ ۾ هوس، تڏهن ان مصري ماڻهوءَ کي ڏنا هئم.

مون کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ اتي سوچڻ لڳس ته اهو ماڻهو، جيڪو مون کي ڪلهي تي چاڙهي آيو هو، سو ڪير هو؟ مون کي ڪجهه ياد آيو ته ولي الله ابو عبدالله مرشديءَ، جنهن جو پهرين سفر ۾ بيان ڪري آيو آهيان، مون کي هن کان اڳ ۾ ٻڌايو هو ته تون هندستان ويندين، ته اتي ڏو کي منهنجو ڀاءُ ملندو، جيڪو تو کي هڪ مصيبت مان ڇڏائيندو. هينئر مون کي ياد آيو ته مون هن جو نالو به پڇيو هو ته هن (ولي الله) سندس نالو "دلشاد" ٻڌايو هو ۽ "قلب فارح" جي به اهائي معنيٰ آهي. هاڻي مون کي پڪ ٿي ته هي اهو شخص هو جنهن جي باري ۾ هن (ابو عبدالله مرشدي) مون کي ٻڌايو هو ۽ هو ضرور ولي الله هو. مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو ته مون کي سندس صحبت ڪرڻ جو وڌيڪ وقت نصيب ٿي نه سگهيو.

مان ان ئي رات دوستن وٽ هلي آيس ۽ اچي انهن کي پنهنجي سلامتيءَ ۽ مان موٽڻ جي خبر ٻڌايم. هو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ منهنجو گهوڙو ۽ ڪپڙا آنداءون. ان عرصي ۾ بادشاه جو جواب

Marfat.com

ڪولائي، اچي هندن جي لشڪر تي پيو ۽ هنن جي پندرهن هزار ماڻهن جي لشڪر کي شڪست ڏنائين. پيٺي راجا مارجي ويا. پوءِ سندن سر لاهي، بادشاهه ڏانهن دهليءَ موڪليا ويا. ڪافرن جي لشڪر مان، فقط اهي ماڻهو بچي سگهيا، جيڪي ڀڄي ويا.

## علاپور جي حاڪم جي شهادت

علاپور(١) جو حاڪم، بدر حبشي هوندو هو، جيڪو بادشاهه جي غلامن مان هو ۽ بهادريءَ ۾ بي مثال هوندو هو. هو هميشه اڪيلي سر وڃي، هندن جي علائقن تي پوندو هو ۽ وڃي انهن کي تاخت و تاراج ڪري، سندن ڪيترائي ماڻهو ماري ۽ قيد ڪري ايندو هو. ايتري قدر ته سندس نالو مشهور ٿي ويو، جو هندو هن جي نالي کان ڀيا ڇرڪندا هئا. هو قد جو ڊگهو ۽ ٿلهو متارو هوندو هو ۽ هڪ هنڌ ويهي سڄي ٻڪري کائي ائي ڪڙو ڏيندو هو. ائين به چوندا هئا ته هو حبشين جي رواج موجب ڏيڍ رطل (ٽي پاءُ) گيهه پي ويندو هو. هن جو پٽ به اهڙو ئي بهادر هوندو هو.

هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو، جو هن هندن جي هڪ ڳوٺ تي وڃي حملو ڪيو. هن جا غلام به هن سان گڏ هئا. اوچتو سندس گهوڙي جو پير هڪ کڏ ۾ ڦاسي پيو، ته مٿان اچي اهي ڳوٺاڻا پيس. انهن مان هڪ هن تي قتارة (ڪٽاري) سان حملو ڪري، کيس ماري وڌو. پوءِ هن جي غلامن، ڳوٺاڻن سان ڏاڍي لڙائي ڪئي ۽ هنن کي قتل ڪري، سندن زالن کي قيد ڪري، سندس گهوڙي کي صحيح سلامت، سندس پٽ وٽ وٺي آيا. ان کان پوءِ هڪ عجيب اتفاق ٿيو، جو هن جو پٽ به انهيءَ ئي گهوڙي تي سوار ٿي، دهليءَ ڏانهن ٿي ويو، ته رستي ۾ ڪافرن هن تي حملو ڪيو ۽ هو هنن سان مقابلو ڪندي،

---

(١) علاپور: هي شهر گواليار جي ويجهو ئي ڪٿي آباد هو. — مترجم

سارجي ويو ۽ سندس گهوڙو موٽي وري به پنهنجي ماڻهن وٽ آيو هو. هن کي وري گهر وٺي آيا، ۽ پوءِ هن (بدر حبشيءَ) جو ناٺي به انهيءَ ساڳي گهوڙي تي سوار هو ته ڪافرن جي هٿان قتل ٿي ويو.

پوءِ اسان گالپور (گواليار) ڏانهن روانا ٿياسين. هن کي گياليرُ به ڪري چوندا آهن. هي هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جو قلعو هڪ ٽڪريءَ جي مٿان نهايت مضبوط ٺهيل آهي. ان جي دروازي تي هاٿي ۽ ان تي فيلبان جا پٿر جا بت رکيل آهن. سلطان قطب الدين واري بيان ۾ ان جو اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان. هن شهر جو حاڪم احمد بن شير خان فاضل آهي. هن سفر کان اڳ مان ان وٽ اچي ترسيو هوس ۽ منهنجي ڏاڍي خاطر ڪئي هئائين. هڪ ڏينهن مان هن وٽ ويس ته هن هڪ مجرم هندو کي ٻه ٽڪر ڪري مارائڻ ٿي چاهيو؛ مون هن کي خدا جو قسم وجهي چيو ته ائين نه ڪر، ڇو ته مون اڄ تائين پنهنجي سامهون ڪوبه ماڻهو قتل ٿيندي ڪونه ڏٺو آهي.

پوءِ هن ان کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهيءَ سبب (پوءِ) هن کي ڇڏيو ويو. ان کان پوءِ اسان گواليار مان ڪوچ ڪري برون (١) جي شهر ڏانهن روانا ٿياسين. هي هڪ مسلمانن جو ننڍڙو شهر آهي، جو هندن جي ملڪن جي وچ ۾ آهي ۽ هتي جو حاڪم محمد بن بيرم ترڪي الاصل آهي. هن شهر ۾ وحشي جانور تمام گهڻا ٿيندا آهن. هتي جي هڪ رهاڪوءَ مون کي ٻڌايو ته رات جو دروازن بند ٿيڻ کان پوءِ به هڪ وحشي جانور شهر ۾ گهڙي ايندو هو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي ماري هليو ويندو هو ۽ ڪنهن کي به پتو پئجي نه سگهندو هو ته

---

(١) برون — هن نالي سان هن وقت ڪوبه شهر هندستان ۾ مشهور ڪونهي، پر گواليار جي قريب ڪنهن رستي تي ضرور ڪو ڳوٺ هوندو، جنهن جو نالو به مٽجي ويو هوندو. — مترجم

۽ هو اهڙيءَ حالت ۾ ڪيترو وقت رهيو هوندو.

ماڻهو چون ٿا ته هي جوڳي هڪ قسم جون گوليون تيار ٿا ڪن، جن مان هڪ گولي روز کائي ٿا ڇڏين، ته هنن کي کاڌي پيتي جي ڪابه ضرورت محسوس نٿي ٿئي. هي ماڻهو غيب جون ڳالهيون به ٻڌائيندا آهن. بادشاه هنن جي گهڻي عزت ڪندو آهي ۽ کين پنهنجي صحبت ۾ رکندو آهي. انهن مان ڪي پاڇيون کائيندا آهن ۽ ڪي گوشت، پر هنن مان گهڻا گوشت نه کائيندا آهن. انهيءَ جو به ظاهري مطلب اهو هوندو آهي ته رياضت ڪري، هو پنهنجي نفس کي انهن ڳالهين جو عادي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ دنيا جي زيب ۽ زينت سان هنن جو ڪوبه واسطو نه رهندو آهي.

انهن مان ڪي اهڙا به هوندا آهن، جي رڳو ڪنهن ماڻهوءَ تي نظر وجهن ته يڪدم اهو ماڻهو مري ويندو آهي. عام ماڻهن جي راءِ آهي ته جڏهين ڪو ماڻهو نظر سان مري ٿو وڃي، ته جيڪڏهين ان جي سيني کي چاڪ ڪري ڏٺو وڃي ته ان جي اندر سندس دل ڪانه هوندي آهي، چاڪاڻ ته نظر هڻندڙ ماڻهو، هن جي دل کائي ڇڏيندو آهي. هي ڪم گهڻو ڪري عورتون ڪنديون آهن - ۽ اهڙي قسم جي عورتن کي ڪفتار ڪري چوندا آهن.

## ڳالهه

جڏهين هندستان ۾ وڏو ڏڪار پيو هو تڏهين بادشاه تلنگاڻا ۾ هو ۽ سندس حڪم ٿيو هو ته دهليءَ جي هر هڪ باشندي کي ڏيڍ رتل روزانا جي حساب سان کاڌي لاءِ ڏنو وڃي. وزيرن ماڻهن جي آدمشماري ڪري، اميرن ۽ قاضين کي ماڻهن جي هڪ هڪ جماعت سپرد ڪئي ته انهن ۾ کاڌو ورهائين. منهنجي حوالي پنج سؤ ماڻهن جي جماعت هئي، جن جي لاءِ

هنن ملڪن جو اميرالامراء، عزالدين بنتاني (ملتاني)، جيڪو اعظم ملڪ جي لقب سان مشهور آهي، پڻ هن شهر ۾ رهندو آهي. هو ڏاڍو نيڪ ۽ فاضل شخص آهي ۽ عالمن سان صحبت ڪندڙ آهي. فقيه عزالدين زبيري، وجيه الدين بيانوي جيڪو بيانا جو آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان، فقيه قاضي جيڪو قاضي خاصه ڪري سڏبو آهي، ۽ امام شمس الدين هن جي مجلس جا خاص رڪن آهن. هن جو نائب خزانه قمرالدين نالي آهي ۽ سندس نائب فوج سعادت تلنگي آهي، جيڪو هڪ وڏو مشهور بهادر آهي. اهو ئي لشڪر جي ڪمن ڪارين جي خبر لهندو آهي. ملڪ اعظم رڳو جمعي جي ڏينهن ٻاهر نڪرندو آهي يا ڪنهن ڏينهن اتفاقاً ظاهر ٿيندو آهي.

پوءِ اسان چنديريءَ مان هلي اچي ظهار (ڌار) جي شهر ۾ پهتاسين. هيءُ شهر مالوه جو سڀ کان وڏو شهر آهي. هن ملڪ ۾ زراعت جام ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪڻڪ جي پيداوار گهڻي ٿيندي آهي. هتان دهليءَ، جيڪا چوويهه منزلون پري آهي، تائين پٿر جا ٿنڀ بيٺل آهن، جن تي مفاصلو به لکيل آهي، جيئن ڪو مسافر اهو معلوم ڪري سگهي ته هو اڄ ڪيترو پنڌ ڪري آيو آهي يا منزل تائين ڪيترو پنڌ باقي آهي يا جنهن شهر ڏانهن وڃي رهيو آهي سو ڪيترو پري آهي.

هي شهر شيخ ابراهيم (زيتاالهه جي رهاڪو) سالديپي جي جاگير ۾ آهي. هي شيخ ابراهيم پهريائين شهر جي ٻاهران اچي ويٺو هو ۽ اتي گدراپور جي غير آباد زمين کي آباد ڪيو هئائين. هن جا گدرا تمام مٺا ٿيندا هئا، پر هن جي آسپاس پيا ماڻهو جيڪي گدرا پوکيندا هئا سي اهڙا مٺا ڪين ٿيندا هئا. ۽ هو فقيرن ۽ غريبن کي کاڌو به کارائيندو هو. جڏهن بادشاه معبر ڏانهن ٿي ويو ته هن هڪ گدرو اچي بادشاه جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو، جيڪو بادشاه کائي ڏاڍو خوش ٿيو هو. هي

Marfat.com

پوءِ اسان اچڻ مان هلي اچي، دولت آباد ۾ پهتاسين، جو تمام وڏو شهر آهي ۽ دهليءَ جو مقابلو ٿو ڪري. هن جا ٽي حصا آهن: هڪ حصي کي دولت آباد ٿا چون، جنهن ۾ بادشاه ۽ ان جو لشڪر موجود آهي، ٻئي حصي کي ڪٽڪه چوندا آهن، ۽ ٽئين حصي کي، جيڪو هڪ قلعو آهي، ديوگير چوندا آهن. هي قلعو تمام مضبوط آهي، ايتري قدر جو سندس جهڙو ٻيو مضبوط قلعو سڄي ملڪ ۾ ڪونه آهي. بادشاه جو استاد خان اعظم قتلو خان به هن ئي قلعي ۾ رهندو آهي. ساگر ۽ تلنگانا به هن جي ماتحت آهن ۽ سندس علائقو ٽن مهينن جي پنڌ تائين پکڙيل آهي. هن جي طرفان هر جڳهه نائب ۽ حاڪم رهندا آهن. ديوگير جو قلعو، زمين جي سطح کان مٿي هڪ ٽڪر تي ٺهيل آهي، جنهن جي کوٽائي ڪرائي، ان جي چوٽيءَ تي هي قلعو ٺهرايو ويو آهي.

هن قلعي تي چمڙي جي ڏاڪڻ جي ذريعي چڙهي ويندا آهن ۽ رات جو اهي ڏاڪڻيون مٿي ڇڪي وٺندا آهن. هن قلعي جا محافظ پنهنجي اهل اولاد سميت ان ۾ رهندا آهن. هن قلعي ۾ هڪڙا غار ٺهيل آهن، جن ۾ وڏن ڏوهارين کي قيد ڪندا آهن. هنن غارن ۾ وري ايڏا ته وڏا ڪوئا رهندا آهن، جن کان ٻلي به ڊڄندي آهي ۽ اٽڪل ۽ چالاڪيءَ کان سواءِ انهن کي ڦاسائي نه سگهندي آهي.

'ملڪ خطاب' افغان مون کي ٻڌايو ته هڪ دفعي هن قلعي جي هڪ غار ۾ هو قيد ڪيو ويو هو، جنهن کي ڪوئن جو غار ڪري چوندا آهن: "پوءِ رات جو اهي ڪوئا گڏجي، اچي مون تي حملو ڪندا هئا ۽ مان سڄي رات انهن سان لڙائي ڪندي گذاريندو هوس. هڪ رات مان سمهيو پيو هوس ته ڪنهن خواب ۾ مون کي چيو ته سورت اخلاص هڪ لک دفعا پڙهه ته الله تعاليٰ توکي هتان ڇڏائيندو. پوءِ مون ايترا ڀيرا سورة اخلاص پڙهي، ته منهنجي آزاديءَ جو حڪم اچي پهتو. منهنجي

Marfat.com

آزاديءَ جو سبب هي هو، جو سندس ڀر واري غار ۾ ملڪ سل قيد هو، ته سندس آڱريون ۽ اکيون اهي ڪٽا ڪاٽي ويا هئا، جنهنڪري هو مري ويو هو. بادشاه کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن چيائين خطاب کي ته وڃي ڪيو ستان هن کي به ڪٽا ڪاٽي وڃن!"

هن ئي قلعي ۾ ناصرالدين بن ملڪ سل ۽ قاضي جلال الدين، جڏهن بادشاه کين شڪست ڏني هئي، اچي پناهه ورتي هئي. دولت آباد جا اصل باشندا مرهٽا آهن، جن جون عورتون تمام سهڻيون ٿينديون آهن ۽ سندن نڪ ۽ ڀرون خاص طرح سان بي مثال ٿيندا آهن. اهي محبت ڪندڙ ۽ جماع ۾ لذت ڏيندڙ به مشهور آهن. هن شهر ۾ گهڻو ڪري هندو واپار ڪندا آهن ۽ جواهرات جي سوداگري به ڪندا آهن، تنهنڪري ڏاڍا مالدار آهن. انهن کي شاهه (ساهوڪار) ڪري چوندا آهن، جيئن مصر ۾ واپارين کي "مڪارم" چوندا آهن. دولت آباد ۾ انب ۽ انار جام ٿيندا آهن ۽ سال ۾ ٻه دفعا ڦر جهليندا آهن. هن ملڪ جي آمدني به سندس آباديءَ ۽ ڪشادگيءَ سبب ٻين علائقن کان وڌيڪ آهي. هڪ هندوءَ مون کي ٻڌايو ته هن سڄي علائقي جو ٺيڪو هڪ هندو واپاريءَ تيرهن ڪروڙ دينارن ۾ ڪنيو هو، پر هو اهو پورو ڪري نه سگهيو ۽ ان ڏانهن بقاياڻون رهجي ويون، تنهنڪري هن جو سڄو مال ضبط ڪيو ويو ۽ سندس کل لهرائي ويئي.

## ڳائي ٻجائي جي بازار

دولت آباد ۾ ڳائڻ ۽ وڄائڻ وارن جي هڪ بازار آهي، جنهن کي طرب آباد ڪري سڏيندا آهن. هيءَ بازار تمام ڪشادي ۽ خوبصورت آهي، جنهن ۾ ڪيترائي دڪان آهن. هر هڪ دڪان جو هڪ دروازو سندس مالڪ جي گهر ڏانهن کلندو آهي، ۽ ٻئي طرف، انهيءَ دروازي کان سواء، انهيءَ گهر کي

پيو به دروازو ٺهندو آهي. دڪانن ۾ ڏاڍا عمدا فرش هوندا آهن، ۽ ٽيڪ وچ تي هڪ هندوري جهڙي پينگهه ٽنگيل هوندي آهي، جنهن ۾ گاني واري عورت ويٺل يا ليٽيل هوندي آهي، ۽ سندس ٻانهيون انهيءَ پينگهه کي پيون لوڏينديون آهن: اهي پينگهون به تمام سينگاريل هونديون آهن.

بازار جي وچ ۾ هڪ وڏو گنبذ ٺهيل آهي، جيڪو فرش فروش سان تمام گهڻو سينگاريل رهندو آهي، ۽ ان ۾ هنن ڳائيندڙن جو چوڌري هر خميس جي ڏينهن عصر جي نماز کان پوءِ اچي وهندو آهي. هن جا غلام ۽ خادم به اتي حاضر هوندا آهن. پوءِ هر هڪ گاني واري هن جي سامهون اچي، واري واري سان ڳائيندي وڄائيندي آهي. اها محفل مغرب تائين هلندي آهي، جنهن کان پوءِ هو اٿي، پنهنجي گهر هليو ويندو آهي. هن بازار ۾ مسجدون به آهن ۽ اتي رمضان شريف ۾ تراويح جي جماعت به ٿيندي آهي. گهڻو ڪري هندو راجا، جيڪي هيءَ بازار گهمڻ ايندا آهن، سي ان گنبذ ۾ اچي ترسندا آهن، ۽ گاني واريون اچي، انهن جي سامهون ڳائينديون آهن. ڪي مسلمان بادشاه به ائين ڪندا آهن.

پوءِ اسان دولت آباد جي شهر مان ڪوچ ڪري اچي نذر بار (١) پهتاسين. هي هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهن ۾ گهڻو

---

(١) نذربار- هن وقت هن شهر کي نندو بار ڪري سڏيندا آهن، ۽ خانديش جي پرسان تاپتي نديءَ جي پرسان ڏاکڻي ڪناري تي آهي. 'تاريخ فرشته' موجب جڏهن ملڪ ڪافور ديول ديويءَ جي ونڻ لاءِ ويو هو، ته ان وقت هن سلطان پور ۽ نذربار ٻه شهر آباد ڪيا هئا. موجوده وقت ۾ هيءُ ڪو اهڙو وڏو شهر ڪونهي، پر ڪنهن زماني ۾ ضرور هي هڪ وڏو شهر ۽ تجارت گاهه هوندو هو. سنه ١٦٦٦ع ۾ هت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن هڪ ڪوٺي کولي هئي، جيڪا پوءِ احمد آباد ۾ ڪٺي ويا. باجي راءِ جي وقت ۾ ئي هيءُ شهر غير آباد ٿي ويو. هن ۾ اڃا تائين به ڪي جهونيون مسجدون ۽ عمارتون موجود آهن. — مترجم

ڪوٽائڻ شروع ڪئي هئائون، جو هت شهر پناه ڪانه هئي. جڏهن ناڪامياب ٿيا ۽ بادشاه جو لشڪر اچي شهر ۾ داخل ٿيو، تڏهن ٽيئي ڄڻا وڃي هڪ گهر ۾ لڪا ۽ گرفتاريءَ جي ڊپ کان ارادو ڪيائون ته هڪٻئي کي ڪٽار سان پورو ڪري ڇڏين ۽ اهڙيءَ طرح سان انهن مان ٻه ڄڻا ته مري ويا، پر ملڪ الحڪماءُ ڪونه مئو.

هن ئي شهر ۾ نجم الدين جيلاني هڪ وڏو واپاري هوندو هو، جيڪو شڪل ۾ سوچارو ۽ وڏو مالدار هو. هن به هڪ وڏو گهر ۽ مسجد ٺهرائي هئي. بادشاه هن کي پاڻ وٽ گهرائي، ڪيس ڪنپات جو حاڪم مقرر ڪري، طبل ۽ علم به بخشيو هو، ۽ اهو ئي سبب هو، جو ملڪ الحڪماءُ باغي ٿيو هو ۽ آخر پنهنجي جان ۽ مال تان هٿ ڌوئڻا پيس. جڏهن اسان ڪنپات ۾ پهتاسين، تڏهن اتي جو حاڪم مقبل تلنگي هو. بادشاه هن جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. شيخ زادو اصفهاني هن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ هن جي طرفان ملڪ جا معاملا شيخ جي سپرد هوندا هئا. هي شيخ امور سلطنت مان تمام گهڻو واقف هوندو هو، تنهنڪري هو ڏاڍو مالدار ٿي ويو هو ۽ پنهنجي دولت آهستي آهستي پنهنجي ملڪ ڏانهن موڪليندو رهندو هو. آخر هو ڀڄي وڃڻ لاءِ ڪا ترڪيب سوچڻ لڳو، ته بادشاه کي خبر پئجي وئي.

ڪنهن وڃي بادشاه کي ٻڌايو ته هو ڀڄي وڃڻ ٿو چاهي، تنهنڪري بادشاه مقبل کي لکيو ته هن کي ٽپال (١) جي ذريعي دارالخلافه ڏانهن موڪلي ڏيو. مقبل هن کي موڪلي ڏنو. جڏهن

---

(١) شيخ کي 'ٽپال' ۾ موڪلڻ:- هن کان اڳ هندستان ۾ ٽپال جي عنوان ۾ ابن بطوطه لکي آيو آهي ته رستي تي اهڙيون چونڪيون ٺهيل هونديون هيون، جتي ٽپال پهچائيندڙ ماڻهو، تيار بيٺا هوندا هئا. ان ۾ جلد گهربل ماڻهوءَ کي به کٽ تي کڻي، ڀڄندا ويندا هئا، وغيره.

— مترجم

پنهنجو محل اسان لاءِ خالي ڪري ڇڏيو هو، جنهن ۾ اسان وڃي لٿاسين. پوءِ وڏا وڏا مسلمان امير هن جي طرفان اسان جي استقبال لاءِ آيا، جن ۾ خواجه بهره جا ٻه پٽ ۽ ناخدا ابراهيم به هو، هن شخص جا ڇهه جهاز خاص سندس ملڪيت آهن. پوءِ اسان هن شهر مان سمنڊ ۾ سفر شروع ڪيو.

Marfat.com

## باب اٺون

## فصل پهريون

# اسان جي سمنڊ رستي سفر جو بيان

اسان ناخدا ابراهيم جي جهاز "جاگير" (۱) نالي تي چڙهياسين ۽ تحفي جي گهوڙن مان ستر گهوڙا به اسان ان تي چاڙهيا. تحفي جا ٻيا رهيل گهوڙا ۽ نوڪر چاڪر، ابراهيم جي ڀاءُ جي جهاز تي، جنهن جو نالو "منورت" هو، سوار ٿيا. راءِ جالينسي اسان کي هڪ ٻيو جهاز ڏنو، جنهن ۾ ظهيرالدين جا گهوڙا، سنبل ۽ ان جا نوڪر چاڪر چڙهيا. جالينسي اسان جي لاءِ پاڻي، زاد راهه ۽ گهوڙن جي چاري جو پڻ بندوبست ڪيو ۽ پنهنجي پٽ کي "عڪيري" نالي جهاز ۾ چاڙهي اسان سان گڏ موڪليائين. اهو جهاز غوراب جي شڪل جهڙو هو، پر ان کان گهڻو ڪشادو هو. ان ۾ مضبوط ٿنڀا هئا. لڙائيءَ جي وقت ان تي چت چاڙهي ڇڏيندا هئا ته انهيءَ ٿنڀائينءَ چت کي تير يا پٿر لڳي نه سگهندا هئا.

جهاز جاگير جنهن ۾ اسان چڙهيا هئاسين، تنهن ۾ پنجاهه تير انداز ۽ پنجاهه جنگي حبشي هئا، جيڪي هن سمنڊ جا امير ليکيا ويندا آهن، ۽ جيڪڏهين انهن مان ڪو هڪ به ڪنهن جهاز تي سوار هوندو آهي، ته هندو چور ۽ باغي ان کي ڪجهه

(۱) هت اصل متن ۾ جاڪر لکيل آهي، اصل هنديءَ ۾ جاگير صحيح آهي.

هئي، وچـي مغرب جـي نماز پڙهيم. ان مسجد ۾ مون حيدري فقيرن جي هڪ جماعت ڏٺي، جن جـو شيخ بہ، هنن سان گـڏ هو. پوءِ مان جهاز ڏانهن واپس هليو آيس.

## هنيءَ جو راجا

هنيءَ جي راجا جو نالو دنڪول آهي، ۽ رکو نالـي ۾ بادشاه جو مطيع آهي، پر حقيقت ۾ هو نافرمان آهي. پوءِ اسان هن شهر مان هلي، ٽن ڏينهن کان پوءِ اچي سنداپور (١) جي ٻيٽ ۾ پهتاسين. هن ٻيٽ ۾ ڇٽيهه ڳوٺ آهن. هن جي اردگرد سمنڊ جي هڪ ڪاري آهي، جنهن ۾ پاڻيءَ جي لاهه وقت تہ پاڻي مٺو هوندو آهي، پر چاڙهہ وقت لوڻ جهڙو کارو هوندو آهي. هن ٻيٽ جي وچ ۾ ٻہ شهر آهن، جن مان هڪ تمام پراڻو هندن جو آباد ڪيل آهي، ۽ ٻيو مسلمانن انهيءَ وقت آباد ڪيو هو، جڏهن هنن هن ٻيٽ کي پهريون دفعو فتح ڪيو هو. ان ۾ هڪ جامع مسجد، بغداد جي مسجدن جي نموني تي، ٺهيل آهي، جيڪا ناخدا حسن سلطان جمال الدين محمد هنوريءَ جي والد ٺهرائي هئي. هن ٻيٽ کي ٻئي دفعي فتح ڪرڻ جي موقعي تي مان بہ موجود هوس، جنهن جو اڳتي بيان ڪندس. هن ٻيٽ مان هلي، اسان هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي اچي لٿاسين، جيڪو خشڪيءَ جي بلڪل ويجهو هو. ان ۾ هڪ مندر، هڪ باغ ۽ هڪ حوض هو، اتي مون هڪ جوڳي ڏٺو هو.

## ان جوڳيءَ جي ڳالهہ

جڏهن اسان هيٺ ٻيٽ تي اچي لٿاسين، تڏهن اسان هڪ جوڳيءَ کي ڏٺو، جيڪو هڪ بتخاني ۾ ٻن بتن جـي وچ ۾ پنهنجي آسڻ تي ويٺو هو. ان جي منهن مان معلوم پئي ٿيو تہ

(١) سنداپور- هن کي هاڻي گوا ڪري ٿا سڏين. — مترجم

۽ ان وقت ٻڌايومان ته اهو شخص (جوڳي) مسلمان آهي ڇوته جڏهن هن آسمان ڏانهن آڱر کڻي، تنهن مان سندس مطلب هو ته مان خدا تعاليٰ تي ايمان رکان ٿو ۽ جڏهن قبلي ڏانهن اشارو ڪيائين ته ان مان سندس پيغمبر تي ايمان رکڻ جو مطلب هو. ازانسواءِ هن جو مون کان تسبيح وٺڻ هن ڳالهه جي تصديق آهي. جڏهن مون هنن کي اهو ٻڌايو، تڏهن هو ٻيهي واپس موٽي ويا ته انهي جوڳيءَ کي ڪوٺي ڏنائون.

پوءِ اسان انهيءَ وقت اتان روانا ٿياسين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اچي هنور (۱) ۾ پهتاسين. هيءُ شهر سمنڊ جي هڪ وڏيءَ ڪاريءَ تي، جنهن ۾ جهاز وڃي سگهن ٿا، ٻڌل آهي، ۽ سمنڊ کان اڌ ميل جي مفاصلي تي آهي. برسات جي موسم ۾ سمنڊ ڏاڍو چڙهندو آهي، ۽ ان ۾ طوفان ايندو آهي. ان وقت ڇهن مهينن تائين مڇيءَ جي شڪار ڪندڙن کان سواءِ ٻيو ڪوبه شخص سمنڊ ڏانهن ڪونه ويندو آهي.

جڏهن اسان هنور ۾ پهتاسين، تڏهن هڪ جوڳي اسان وٽ آيو ۽ اچي مون کي ڇهه دينار ڏيئي چيائين ته "جنهن برهمڻ کي تو تسبيح ڏني هئي، تنهن هي ڇهه دينار موڪليا اٿئي." مون هن کان اهي دينار ورتا ۽ انهن مان هن کي هڪ دينار ڏيڻ لڳس، پر هن وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ هليو ويو. مون پنهنجي ساٿين سان اها ڳالهه ڪئي ۽ چيومان ته جي چاهيو ته

---

(۱) هنور:- هي شهر بمبئي جي ڏکڻ طرف سمنڊ ۾ ۲ ميل اندر هڪ ڪاريءَ تي ٻڌل آهي، ۽ چڱو بندر آهي. سورهين صديءَ جي شروع ۾ پورچوگيزن هت هڪ قلعو ٺهرايو هو. پر بيجانگر جي راجا سان لڙائيءَ وقت ان کي ساڙي ڇڏيو هئائون. ان کان پوءِ هن تي بيدنور جي راجا قبضو ڪيو، جنهن کان حيدر عليءَ جي قبضي ۾ آيو ۽ ٽيپو سلطان جي آخري شڪست کان پوءِ، هي شهر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قبضي ۾ آيو.

— مترجم

هن ملڪ جي ڪنهن ٻئي هنڌ ملي نٿو سگهي. هن شهر ۾ ڪيترائي مسلمان موجود آهن، جن مان سڀني کان وڏو حسين سلاط ليکيو ويندو آهي، جنهن هتي هڪ جامع مسجد به ٺهرائي آهي. هت قاضي ۽ خطيب به رهندا آهن.

## هتي جي راجا جو بيان

هن شهر جي هندو راجا جو نالو باسديو آهي، جنهن وٽ ٽيهه جنگي جهاز آهن ۽ انهن سڀني جو وڏو عملدار ٻولا نالي هڪ مسلمان آهي. هو ٻهريائين سامونڊي لٽيرو هوندو هو، ۽ سوداگرن کي ڦريندو رهندو هو. جڏهن اسان هن شهر جي ڀرسان اچي لنگرانداز ٿياسين، تڏهن راجا اسان ڏانهن پنهنجي پٽ کي موڪليو، جيڪو اسان وٽ جهاز ۾ بطور رهينه (۱) (گروي) اچي رهيو هو. ان کان پوءِ اسين شهر ۾ وياسين، جتي راجا ٽن ڏينهن تائين اسان جي مهماني ڪئي. هيءَ مهماني، هندستان جي بادشاه جي عزت افزائيءَ، پنهنجي مهمانوازيءَ ۽ اسان جي جهازن سان خريد فروخت جي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويئي هئي.

هن شهر جو دستور آهي ته جيڪو به جهاز هتي پهچندو آهي، تنهن کي اتي ترسي، راجا کي ڪجهه تحفي طور ڏيڻو پوندو آهي، جنهن کي حق بندر چوندا آهن. پر جيڪڏهن ڪو جهاز ائين نه ڪندو آهي، تنهن کي راجا جا جهاز زبردستيءَ بندر تي

---

(۱) رهينه - اڳئين وقت ۾ هن ملڪ ۾ امن امان ڪجهه گهٽ هو، ڇاڪاڻ ته بادشاهه به ڪڏهن شاهوڪار واپارين کي پنهنجي پالتو ڌاڪن هٿان ڦرائيندا رهندا هئا؛ تنهنڪري واپاري ڊڄندا هئا، ۽ انهن وٽ نه ويندا هئا. انهن کي پڪ ڏيارڻ لاءِ راجا پنهنجن پٽن کي هنن وٽ ڏياري موڪليندا هئا، جيڪي وڃي هنن جي ماڻهن وٽ هنن جي جهازن ۾ ضامن طور رهندا هئا، ۽ هنن جي صحيح سلامت موٽڻ تي واپس ويندا هئا. — مترجم

وٺي ايندا آهن ۽ جيستائين هو اهو حق ادا نہ ڪندا آهن، تيستائين ان کي وڃڻ نہ ڏيندا آهن. پوءِ اتان تن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي، مجرور (١) (منگلور) جي شهر ۾ پهتاسين. هي شهر تمام وڏو آهي ۽ هڪ ڪاريءَ تي، جنهن کي 'دنب' ڪري چوندا آهن، ٻڌل آهي. ملبار جي ملڪ ۾ هيءَ ڪاري وڏي ۾ وڏي آهي. هن شهر ۾ 'فارس' ۽ 'يمن' جا وڏا وڏا واپاري ايندا آهن. هتي سنڌ ۽ ڪارا مرچ تمام گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندا آهن.

## هتي جي بادشاهہ جو بيان

هتي جو راجا هن ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏو راجا آهي، ۽ سندس نالو رامديو آهي. هن شهر ۾ اٽڪل چار هزار ڪن مسلمان رهندا آهن، جيڪي شهر کان ٻاهر رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهن مسلمانن ۽ شهر وارن جي وچ ۾ لڙائي لڳندي آهي، تہ راجا وچ ۾ پيئي صلح ڪرائي ڇڏيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو واپارين جو هميشہ محتاج رهندو آهي. هن شهر ۾ هڪ شافعي قاضي رهندو آهي، جنهن جو نالو بدرالدين معبري آهي، جيڪو تعليم بہ ڏيندو آهي.

اهو قاضي اسان جي جهاز ۾ آيو ۽ اسان کي اچي چيائين تہ اسان جي شهر ۾ هلي رهو. اسان چيس تہ جيستائين راجا پنهنجو پٽ بطور ضمانت اسان وٽ نہ موڪليندو، جيئن فاڪنور جي راجا موڪليو هو، تيستائين اسان جهاز تان نہ لهنداسون. تنهن تي هن جواب ڏنو تہ فاڪنور ۾ مسلمان تمام ٿورا آهن،

(١) مجرور- هن کي هاڻي منگلور ڪري چوندا آهن. هن شهر تي اهو نالو شايد، منگل ديوي جي نالي تي، جنهن جو مندر هن شهر جي ويجهو آهي، رکيو ويو آهي. هي شهر بہ مدراس ۾ آهي، ۽ تمام آباد، خوبصورت ۽ صفائيءَ وارو آهي. 'ڪرگ' ۽ ميسور جي قهوه بہ هن بندر تان ٻاهر ويندو آهي. — مترجم

۽ اتي جي مسلمانن جو ايترو زور به ڪونهي، پر هن شهر جو راجا خود اسان کان ڊڄندو آهي، تنهنڪري ضمانت جي ڪا به ضرورت ڪانهي. اسان سندس ڳالهه نه مڃي. پوءِ آخر راجا پنهنجي پٽ کي اسان جي جهاز تي موڪلي ڏنو، تڏهن اسان جهاز تان لهي شهر ڏي وياسين. هنن اسان جي تمام گهڻي عزت ڪئي ۽ اسان ٽي ڏينهن ان شهر ۾ ترسي پياسين.

ان کان پوءِ اسان 'هيلي' (١) ڏانهن وياسين. ۽ ٻن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اتي پهتاسين. هي هڪ وڏو شهر آهي، جنهن ۾ عمديون عمارتون ٺهيل آهن. هيءُ شهر هڪ وڏي کاريءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ وڏا وڏا جهاز اچي سگهن ٿا. هن شهر تائين چين جا جهاز ايندا آهن، جيڪي قاالقوط (ڪاليڪٽ)، 'ڪولم' ۽ 'هيلي' کان سواءِ ٻئي هند ڪٿي به ڪونه ترسندا آهن. هن شهر کي هندو توڙي مسلمان متبرڪ ڪري سمجهندا آهن، ڇو ته هتي هڪ جامع مسجد آهي، جيڪا ڏاڍي برڪت واري آهي. جهازن تي چڙهڻ وارا خير و عافيت سان واپس ورڻ لاءِ هن جامع مسجد جون باسون باسيندا آهن ۽ وڏيون وڏيون رقمون نذر ڪندا آهن. خطيب حسين جي، جيڪو هتي جي سيني مسلمانن کان وڏو آهي، نگرانيءَ ۾ هن مسجد جو خزانو رهندو آهي. هن مسجد ۾ طالب علمن کي تعليم به ڏني ويندي آهي، ۽ انهن کي خرچ به مسجد جي مال مان ڏنو ويندو آهي. ازانسواءِ هن مسجد ۾ هڪ بورچيخانو به آهي، جنهن مان مسافرن، مسڪينن ۽ مسلمان فقيرن کي کاڌو ڏنو ويندو آهي.

هن مسجد ۾ منهنجي ملاقات هڪ نيڪ انسان فقيهه سان ٿي، جنهن جو نالو سعيد هو ۽ 'مقدشو' جو رهاڪو هو. هو ڏاڍو نيڪ سيرت ۽ خوش خلق ماڻهو هو، ۽ هميشه روزا رکندو هو. هو چوندو هو ته مان چوڏهن سال مڪي معظم ۾ ايترا ڏي سال

---

(١) هيلي- هن وقت هن نالي سان ڪوبه شهر ڪونه آهي. - مترجم

مديني منور ۾ رهيو آهيان، ۽ مڪي معظم ۾ امير بانمي ۽ مديني منور ۾ منصور بن جماز سان مليو آهيان، ان کان سواءِ هندستان ۽ چين جو سفر پڻ ڪري آيو آهيان. پوءِ اسان 'هيلي' مان هلي اچي 'جرفتن' (۱)، ۾ پهتاسين، جيڪو هيلي کان صرف ٽي فرسخ پري آهي. اتي هڪ فقيھ سان مليس، جيڪو بغداد جو رهاڪو هو ۽ 'صرصري' ڪري سڏبو هو. صرصري بغداد ۽ ڪوفي جي رستي تي، بغداد کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ شهر آهي. هن شهر ۾ هن جو هڪ ڀاءُ رهندو هو، جو ڏاڍو مالدار هو، ۽ صغير اولاد ڇڏي مري ويو هو. جڏهن مان اتان روانو ٿيس، تڏهن هو به انهن کي وٺي بغداد وڃي رهيو هو.

هندستان جي ماڻهن جو به سوڊان جي ملڪ وارو ساڳيو دستور آهي ته جڏهن ڪو مسافر مري ويندو آهي، تڏهن ڇاهي سندس هزارن جو مال هجي، اهو ڪنهن مسلمان وٽ امانت طور هوندو آهي، ۽ جيستائين ڪو شرعي وارث نه اچي، تيستائين ڪوبه ان مان ڪجھ، صرف ڪري نه سگهندو آهي.

## هِلي جي بادشاهه جو بيان

هن شهر جي راجا جو نالو ڪويل آهي، جو ملبار جي وڏن راجائن مان هڪ ليکيو ويندو آهي. هن وٽ ڪيترائي جهاز آهن، جيڪي عمان، فارس ۽ يمن جي ملڪن ڏانهن (واپار لاءِ) ويندا آهن. دهه فتن (۲) ۽ بدفتن جن جو اسان هينئر بيان ٿا ڪريون، پڻ هن جا شهر آهن. ان کان پوءِ جرفتن کان دهه فتن پهتاسين. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي، جيڪو هڪ ڪاريءَ تي ٻڌل

---

(۱) جرفتن- هن وقت ملبار جي ضلعي ۾ هي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. — مترجم

(۲) دهه دفتن- هنٽر صاحب جي لکڻ موجب هيءُ بندر، 'ٽيلي چري' بندر جي ويجهو موجود هو. ٽيلي چري ملبار جي اتر ۾ هڪ وڏو بندر آهي. — مترجم

Marfat.com

آهي. هن ۾ باغ تمام گهڻا آهن، جن ۾ ناريل، ڪارا مرچ، سوپاريون ۽ پان پيدا ٿيندا آهن.

هتي قلقاص (١) به گهڻي پيدا ٿيندي آهي، جنهن کي گوشت سان گڏ پچائيندا آهن. ڪيلو ته هتي ايترو گهڻو پيدا ٿيندو آهي جيترو مون ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ نه ڏٺو. هن شهر ۾ هڪ وڏي باءِين (حوض) آهي، جنهن جي ڊيگهه پنج سؤ قدم ۽ ويڪر ٽي سو قدم ٿيندي. اها سڄي ڳاڙهي پٿر کي تراشي ٺاهي وئي آهي، ان جي ڪنارن تي اٺاويهه وڏا وڏا قبا ٺهيل آهن ۽ هرهڪ قبي ۾ پٿر جون چار ويهڻ جون جايون ٺهيل آهن. هرهڪ قبي تي باءِين (حوض) جي هيٺان ڏاڪڻيون ٺيون چڙهن ۽ ان جي وچ تي هڪ وڏو قبو ٺهيل آهي، جنهن کي ٽي طبقا آهن. هرهڪ طبقي ۾ چار ويهڻ جون جايون آهن. چون ٿا ته راجا ڪويل جي پيءُ هيءَ باءِين ٺهرائي هئي.

انهيءَ باءِين جي سامهون وري هڪ جامع مسجد آهي، جنهن سان هيٺ باءِين ۾ ڏاڪڻيون ٺيون وڃن. ماڻهو انهن ڏاڪڻين تان لهي هيٺ باءِين ۾ وڃي وضو ۽ غسل ڪندا آهن. فقيهه حسين مون کي ٻڌايو ته هيءَ باءِين ۽ جامع مسجد، راجا ڪويل جي هڪ ڏاڏي ٺهرائي هئي، جيڪو مسلمان ٿيو هو. هن جي اسلام ۾ اچڻ جي متعلق به هڪ عجيب قصو مشهور آهي، جيڪو بيان هيٺ ٿا ڪريون.

## جامع مسجد جي سامهون، عجيب شان وارو وڻ

مون به ڏٺو آهي ته جامع مسجد جي سامهون هڪ وڏو وڻ بيٺل آهي، جنهن جا پن انجير جي پتن جهڙا آهن، پر انهن کان ڪجهه قدر وڏيڪ نرم آهن. هن وڻ جي چوڌاري پٿ ڏنل

(١) قلقاص- هيءَ هڪ قسم جي سائي ڀاڄي آهي. — مترجم

واپاري اچي گڏ ٿيندا آهن. هيءُ بندرگاه دنيا جي وڏن بندرن مان هڪ آهي.

## هنيءَ جو راجا

هنيءَ جو راجا هندو آهي، جنهن کي سامري ڪري چوندا آهن. هو عمر ۾ گهٽ وڏو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڏاڙهي ڪوڙائيندو آهي، جهڙيءَ طرح سان هنيءَ رهندڙ روم جي ملڪ جي هڪ جماعت جا ماڻهو ڪوڙائيندا آهن. هنيءَ جي امير التجار جو نالو ابراهيم شاهه بندر آهي، جيڪو بحرين جو رهاڪو آهي ۽ هڪ وڏو عالم ۽ سخي مرد آهي. هن وٽ هر طرف جا سوداگر اچي گڏ ٿي، هن جي دسترخوان تي ماني کائيندا آهن، هنيءَ جو قاضي فخرالدين عثمان پڻ هڪ وڏو سخي مرد آهي ۽ خانقاه جو شيخ، شهاب الدين گازروني آهي، جيڪي ماڻهو چين ۽ هندستان ۾ شيخ ابو اسحاق گازرونيءَ جي باس باسيندا آهن، سي هن کي اچي اهو نذر ڏيندا آهن.

ناخدا 'مثقال' پڻ هن شهر ۾ رهندو آهي، جيڪو هڪ وڏو مالدار ۽ مشهوريءَ وارو ماڻهو آهي، جنهن جا جهاز هندستان، چين، يمن ۽ فارس ۾ واپار ڪندا آهن. جڏهن اسان هن شهر کي ويجهو پهتاسين، تڏهن شيخ شهاب الدين، ابراهيم شاهه بندر، وڏا وڏا سوداگر ۽ بادشاهه جو نائب جنهن کي 'قلاج' ڪري سڏيندا هئا، اسان جي استقبال لاءِ آيا، ۽ هنن سان گڏ جهازن ۾ نوبت، نغارا ۽ علم پڻ هئا. ان ڪري اسان هڪ وڏي جلوس سان بندرگاه ۾ داخل ٿياسين.

هيءُ بندر تمام وڏو ۽ ڪشادو آهي ۽ هن جهڙو بندر مون هن ملڪ ۾ ٻئي هنڌ ڪٿي به ڪونه ڏٺو. اسان اچي اتي لنگرانداز ٿياسين. ان وقت چين جي ملڪ جا تيرهن جهاز اتي ترسيل هئا. اسان جهاز تان لهي، شهر ۾ هڪ هڪ گهر مسواڙ

ٿي وٺي رهياسين ۽ ٽن مهينن تائين چين ڏانهن وڃڻ لاءِ مناسب موسم جو انتظار ڪندا رهياسين. ايتري وقت تائين امان جي مهماني راجا جي طرفان ايندي رهندي هئي. چين جي سفر ۾ جيستائين چين جا جهاز ساڻ نه هجن، تيستائين سفر ڪري نٿو سگهجي، جنهن جو اڳتي بيان ٿا ڪريون.

### فصل ٻيو

# چين جا جهاز

چين جي جهازن جا ٻه قسم ٿيندا آهن، وڏن جهازن کي 'جنوڪ' جنهن جو واحد ٿيندو 'جنڪ' (١)، وچولي درجي واري کي 'زو' ۽ ننڍي جهاز کي 'ڪڪم' ڪري سڏيندا آهن. وڏن جهازن کي ٻارهن قلعا (مستول) ٿيندا آهن ۽ ننڍن کي فقط ٽي. انهن جا قلعا (مستول) خيزران (بيد) جي ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن. انهن جا باد بان وري ڳوڻين وانگر اڻيل ٿيندا آهن، جن کي ڪڏهن به هيٺ نه لاهيندا آهن ۽ انهن کي رڳو هوا جي رخ تي ڦيرائيندا رهندا آهن. جهاز جي لنگر انداز ٿيڻ وقت پڻ اهي باد بان اتيئي بيٺا، هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندا رهندا آهن. هر هڪ جهاز ۾ هڪ هزار ماڻهو هوندا آهن، جن مان ڇهه سؤ ته جهاز کي هلائيندا رهندا آهن ۽ باقي چار سؤ سپاهي هوندا آهن. انهن سپاهين مان ڪي تيرانداز ۽ جرخيا هوندا آهن، جيڪي نفط (٢) ٻري هٽندا آهن.

---

(١) جنڪ — اڄ به چين ۾ جهاز کي جنڪ ڪري چوندا آهن. - مترجم

(٢) نفط - ”بارود يا روغن سياه و سفيد، جيڪو شردان جي زمين مان نڪرندو آهي.“ (لغات ڪشوري، صفحو ٥٣٠) هي اهي ماڻهو هئا، جيڪي اهو تيل (روغن)، جيڪو گرم ٿيندو آهي، پچڪارين ۾ ڀري دشمن جي لشڪر تي ڦٽي ڪندا هئا. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ پڻ اهڙا ماڻهو موجود هئا، جن راجا ڏاهر جي هاٿيءَ تي نفط ڦٽي ڪيو هو، جو پاڻيءَ ڏانهن ڀڳي، وچي راجا ڏاهر کي گپ ۾ ڪيرايو هئائين. (تاريخ سنڌ، مصنف مولانا عبدالحليم شرر لکنوي.) - مترجم

Marfat.com

انهن ۾ ياچيون ۽ ادرڪ وغيره پوکي ڇڏيندا آهن.

جهاز جو وڪيل (ڪپتان) هڪ وڏي امير جهڙو شان رکندو آهي. جڏهن هو خشڪيءَ تي ويندو آهي، تڏهين تيرانداز ۽ حبشي ماڻهو هٿيار کڻي هن جي اڳيان هلندا آهن ۽ نوبت نفيرين ۽ نقارن وارا به وڄت ڪندا ساڻس گڏ هلندا آهن. جڏهن هو ڪنهن منزل تي پهچندا آهن ۽ اتي ترسڻو هوندو اٿن ته، پنهنجا نيزا ان جاءِ جي ٻنهي طرف کوڙي ڇڏيندا آهن، ۽ جيستائين اتي ترسيل هوندا آهن، اهي اتي ڪٽل هوندا آهن. چين جا ڪي ماڻهو ڪيترن ئي جهازن جا مالڪ هوندا آهن ۽ پنهنجا وڪيل (ڪپتان) انهن تي رکندا آهن. چين جي ماڻهن کان وڌيڪ شاهوڪار سڄيءَ دنيا ۾ ڪنهن به ملڪ ۾ ڪونه آهن.

## اسان جو چين جي سفر تي سنبرڻ ۽ تباهيءَ جو اچڻ

جڏهن چين ڏانهن سفر شروع ڪرڻ جو وقت آيو، تڏهن راجا سامري اسان جي لاءِ انهن تيرهن جنڪ جهازن مان هڪ جهاز تيار ڪرايو، جنهن جو وڪيل (ڪپتان) سليمان صفوي شامي هو. منهنجي ساڻس واقفيت هئي، تنهنڪري چيومانس ته، "مون کي هڪ الڳ مصربي جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪوبه شامل نه هجي، ڇو ته مون وٽ ڪجهه ٻانهيون آهن، جن کان سواءِ مان سفر ڪري ڪين سگهندس." هن جواب ڏنو ته "چين جي واپارين سڀئي مصربا اڳواٽ بُڪ ڪرائي ڇڏيا آهن، جن جو هتي اوٽ موٽ جو ڀاڙو به ڏيئي ڇڏيو آهي. پر منهنجي ناٺيءَ وٽ هڪ مصربو آهي، جيڪو مان توکي ڏيئي سگهندس، پر ان ۾ پاڻخانو ڪونه آهي، جنهن جو به مان توکي ڪجهه بندوبست ڪري ڏيندس."

پوءِ مون پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو ته منهنجو سامان

ڪٽي هلي، جي منهنجي غلامن ۽ پانهين سميت وچـي جهاز ۾ چڙهيا. اهو خميس جو ڏينهن هو. مون ارادو ڪيو هو ته ٻئي ڏينهن جمعي جي نماز پڙهي، پوءِ وچي جهاز ۾ چڙهندس. ظهيرالدين ۽ سنبل به وچي جهاز ۾ چڙهيا هئا، جن وٽ سفارت جو سڀ سامان ۽ جانور (گهوڙا وغيره) به ساڻ هئا. جمعي جي صبح جو منهنجو غلام هلال اچي مون کي چوڻ لڳو ته ”جيڪو مصريو اسان پاڙي ڪيو آهي، سو تمام تنگ آهي، تنهنڪري اسان جي ڪم جو نه آهي.“

مون ناخدا کي سڄي ماجرا ٻڌائي، جنهن جواب ڏنو تـه ”مجبوري آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ انتظام ٿي نه سگهندو، پر جيڪڏهن ڪڪم يعني سڀ کان ننڍي جهاز ۾ مصريو گهرجيو، ته بهترين کان بهترين توهان کي ملي سگهندو.“ مون سندس ڳالهه منظور ڪندي، پنهنجي ساٿين کي چيو تـه منهنجي سامان ۽ پانهين کي جنڪ جهاز مان لاهي، انهيءَ ڪڪم جهاز ۾ وٺـي وڃن، ۽ تاڪيد ڪيومان ته جمعي جي نماز کان اڳ وچي اٿي پنهنجي جاءِ وٺجو. هن سمنڊ جو قاعدو آهي ته عصر جي وقت کان پوءِ هن ۾ تلاطم ٿيندو آهي، جنهنڪري ان وقت ڪوبه جهاز تي چڙهي ڪين سگهندو آهي.

سڀ جنڪ جهاز اٿي هليا هئا، باقـي اهو جنڪ جهاز، جنهن ۾ سفارت جا تحفا هئا، ترسيل هو. هڪ ٻيو جنڪ جهاز، جنهن جو فندرين ۾ ترسڻ جـو ارادو هـو ۽ هڪ اهو ڪڪم جنهن ۾ مون گهر ورتو هو، پڻ پوئتي رهجي ويـا هئا. ڇنڇر جي رات اسان سمنڊ جي ڪناري تي ترسي پياسين، ڇو ته ڪڪم مان لهي ڪو ڪناري تي اچي نٿي سگهيو ۽ نـه وري اسـان ان تي چڙهي ٿي سگهياسين. مـون وٽ بستري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو.

صبح جو جنڪ جهاز ۽ ڪڪم جهاز ٻئي بندرگاهه کان

ڏنو، تڏهن هو جهاز جا ٻادبان چاڙهي اتي راهي ٿيا. ان ۾ منهنجو سمورو سامان، ٻانهيون ۽ غلام ٻه هليا ويا ۽ مان اڪيلو ڪناري تي رهجي ويس. مون وٽ فقط اهي ڏهه دينار وڃي رهيا هئا، جيڪي جوڳيءَ مون کي ڏنا هئا ۽ هڪ بسترو هوم. ماڻهن مون کي چيو ته اهو ڪڪر، ڪنهن به صورت ۾ ڪولم جي بندر تي ضرور وڃي پهچندو. تنهنڪري مون خشڪيءَ جي رستي ڪولم وڃڻ جو ارادو ڪيو.

خشڪيءَ يا پاڻيءَ جي رستي مان ڪولم ڏهه منزلون پري آهي. مون نهر جي رستي سفر ڪيو ۽ هڪ مسلمان مزور پاڻ سان ڪنيم، جيڪو منهنجو بسترو کڻي هلندو هو. نهر ۾ سفر ڪرڻ وارا رات جو خشڪيءَ جي ڪنهن ويجهو ڳوٺ ۾ وڃي ترسندا آهن ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو وري اچي ٻيڙيءَ ۾ چڙهندا آهن. اسان به اهڙيءَ طرح ڪندا رهياسين. ٻيڙيءَ ۾ انهيءَ مزور کان سواءِ ٻيو ڪوبه مسلمان ڪونه هو. اهو مزور منزل تي پهچي، وڃي هندن سان گڏ شراب پيئندو هو ۽ اچي مون سان وڙهندو هو، جنهنڪري منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب ٿيندي هئي. پوءِ اسان اهڙيءَ طرح سفر ڪندي، پنجين ڏينهن اچي ڪنجيڪريءَ (۱) ۾ پهتاسين. هيءُ شهر جبل جي چوٽيءَ تي آهي، جنهن ۾ يهودي رهندا آهن؛ هنن کي پنهنجو الڳ امير آهي ۽ ڪولم جي راجا جي ڍل ڀريندا آهن.

---

(۱) ملبار جي ملڪ ۾ هن وقت هن شهر کي ڊنگ لور ڪري چوندا آهن.
— مترجم

## ھٽي جو راجا

ھٽي جي ھندو راجا کي ٽيروري ڪري چوندا آھن. ھو مسلمانن جو گھڻو احترام ڪندو آھي ۽ چورن ۽ بدمعاشن سان تمام گھڻي سختي ڪندو آھي. ھڪ واقعو مون ڪولم ۾ ڏٺو ته عراقي تيراندازن مان ھڪڙي ٻئي کي ماري وڌو ۽ آوجيءَ جي گھر ۾ وڃي پناھ ورتائين. اھو قاتل تمام مالدار شخص ھو. مسلمانن ارادو ڪيو ته مقتول کي وڃي دفن ڪن، پر راجا جي نائب کين ائين ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ چيائين ته جيستائين قاتل اسان جي حوالي نه ڪيو ويندو تيستائين مقتول دفن ڪري نٿو سگھجي.

پوءِ ان جو جنازو کڻي وڃي آوجيءَ جي دروازي تي رکيائون. جڏھن بدبوءِ اچڻ لڳي تڏھن آوجيءَ قاتل کي وڃي ھنن جي حوالي ڪيو ۽ راءِ ڏنائين ته مقتول جي وارثن کي مال ڏيئي راضي ڪيو وڃي ۽ قاتل کي نه ماريو وڃي. پر راجا جي ماڻھن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ھن کي قصاص ۾ مارائي ڇڏيائون. تنھن کان پوءِ مقتول وڃي دفن ڪيائون.

ڳالھه ٿا ڪن ته ھڪ ڏينھن ڪولم جو راجا شھر کان ٻاھر سواريءَ تي نڪتو، ته سندس گذر باغن جي وچ مان ٿيو، ھن مان گڏ سندس نائي پڻ ھو، جيڪو خود ڪنھن راجا جو پٽ ھو. ھن ھڪ وڻ جي ھيٺان ھڪ پيل انب وڃي کنيو. راجا يڪدم ھن ڏانھن ڏسي حڪم ڏنو ته "ھن جا ٻه ٽڪرا ڪري ھڪ ٽڪر رستي جي ھڪ طرف ۽ ٻيو ٽڪر رستي جي ٻئي طرف رکيو وڃي، ۽ اھڙيءَ طرح سان انب جا ٻه ٻه اڌ ڪري، ھڪ رستي جي ھڪ طرف ۽ ٻيو وري ٻئي طرف رکائي ڇڏيائين، ته جيئن ڏسڻ وارا ھن مان سبق سکن.

ھڪ ٻي ڳالھه مشھور آھي ته ھڪ دفعي ڪاليڪٽ ۾ راجا جي نائب جي پاڙيسري ھڪ مسلمان سوداگر کان سندس

Marfat.com

جو ارادو سنداپور تي چڙهائي ڪرڻ جو هو. انئي جي راجا ۽ سندس پٽ جي وچ ۾ ڪجهه اختلاف هو، تنهنڪري راجا جي پٽ سلطان ڏانهن لکي موڪليو ته جيڪڏهن سلطان سنداپور کي فتح ڪندو ته هو مسلمان ٿيندو ۽ پنهنجي پيءُ کيس پرڻائي ڏيندو. جڏهن جهاز تيار ٿي ويا، تڏهن منهنجي دل ۾ به آيو ته مان به جهاد جي ثواب ۾ ڇو نه شامل ٿيان. مون ڪلام الله کي کولي، فال (١) ڏٺي، ته هيءَ آيت نڪتي ته "يذکر فيها اسم الله کثيراً ولينصرن الله من ينصره" - جنهن ۾ فتح جي بشارت هئي.

جڏهن سلطان عصر جي نماز لاءِ مسجد ۾ آيو، ته مون کيس چيو ته "مان به هن سفر ۾ شامل ٿيڻ ٿو چاهيان." تنهن تي هن جواب ڏنو ته "ڏاڍو چڱو، ۽ مان توکي هن جهاد جو امير مقرر ٿو ڪريان." تنهن تي مون پڌايو سانس ته ڪلام الله مان به هيءَ فال نڪتي آهي. هي پڌي، هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خود به هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو، پر پوءِ ڀڙيائين هن جو اهڙو ارادو بلڪل ڪونه هو. مان ۽ هو هڪڙي ئي جهاز ۾ سوار هئاسين.

اسان ڇنڇر جي ڏينهن روانا ٿياسين ۽ منگل جي ڏينهن سنداپور پهتاسين. ڪاريءَ ۾ داخل ٿيندي معلوم ٿيو ته سنداپور جا باشندا لڙائيءَ لاءِ بلڪل تيار بيٺا آهن ۽ منجنيقون به لڳائي ڇڏيون اٿن. رات جو اسان ترسي پياسين. صبح ٿيڻ شرط نوبت ۽ نقارا وڄڻ شروع ٿيا ۽ جهاز لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيا. دشمن جهازن تي منجنيقن جي ذريعي پٿر اڇلائڻ شروع ڪيا. هڪ پٿر ته سلطان

---

(١) هن جا ڪيترا ئي نمونا آهن. ڪي ماڻهو ابجد جي حساب تي فالون وجهندا آهن، ۽ ڪي وري پارسي شعرن ذريعي فال وجهندا آهن. گهڻو ڪري ملا ماڻهو فالنامن جا ڪتاب رکي، وقت بوقت انهن جي ذريعي فال وجهندا آهن، وضو ڪرڻ جي ڪونئري ۾ به شڪي چورن جا نالا وجهي پڙهندا آهن. پوءِ جنهن جي نالي تي ڪونئرو ڦري، اهو چور پڌائيندا آهن. اهڙيءَ طرح مان قرآن شريف کولي، ان مان به فال نيڪ يا بد، جنهن جو نڪتل آيت تي مدار آهي، پڌائيندا آهن. — مترجم

ڪري چوندا آهن. هن مڇيءَ جو گوشت ڳاڙهو ٿيندو آهي، جنهن جي بوءِ اهڙي آهي، جهڙي چوپائي مال جي گوشت جي. ان کي ڦاسائي، ان جا چار ٽڪرا ڪري، ٿورو پچائي، پوءِ ڪچيءَ جي ڦرهن جي ٿهيل تختي تي رکي، ان کي ڏوئيندا آهن. ان کان پوءِ ان کي هلڪي باهه تي ٽنگي ڇڏيندا آهن. جڏهن بلڪل خشڪ ٿي ويندي، تڏهن ان کي کائيندا آهن. ان کي هندستان، چين ۽ يمن ڏي به کڻي ويندا آهن.

—

### فصل ٽيون

# هتي جا وڻ

هتي ٻيٽن ۾ ناريل جا وڻ گهڻي انداز ۾ ٿيندا آهن. تنهنڪري هتي ناريل جام ٿيندو آهي. جنهن کي هتي جا ماڻهو مڇيءَ سان کائيندا آهن. ناريل جو وڻ به عجيب ٿيندو آهي. سال ۾ ٻارهن دفعا ڦر جهليندو آهي. يعني هر مهيني منڊس ڦر تيار ٿيندو رهندو آهي. اهي وڻ کي ننڍا، کي وڏا، کي خشڪ، کي ساوا ٿيندا آهن. ناريل مان وري کير، تيل ۽ ماکي ٺاهي ويندي آهي. جنهن جو بيان پهرئين حصي ۾ تفصيل سان ڪري آيو آهيان. ناريل جي ماکيءَ مان حلوو ٺاهي، ناريل جي گوري سان گڏ کاڌو ويندو آهي. ناريل جي مٺين سيني شين ۽ انهيءَ مڇيءَ ۾ جنهن جو بيان مٿي ڪري آيو آهيان، عجيب قوت باه ٿيندي آهي ۽ هن ٻيٽ جا ماڻهو به هن ڪم ۾ عجائبات ظاهر ڪندا آهن. خود منهنجي نڪاح ۾ اتي چار زالون هيون ۽ ٻانهيون تنهن کان سواءِ هيم، جن سان رات ڏينهن هم بستري ٿيندو رهندو هئس، ۽ ڏيڍ سال ٿائين اتي رهندي، مون اهو دستور جاري رکيو.

هتي ٻيٽن ۾ ناسپاتيون، نارنگيون، ليمان ۽ قلقاس (ساڳي ٻاڇي ءَجو قسم) به ٿيندا آهن. قلقاس جي ٻاڙن کي ڪيڏي، ان جو اٽو پيهي، ان مان اطريه (سيون) ٺاهي، ناريل جي کير ۾ رڌيندا آهن، جيڪو ڏاڍو مزيدار کاڌو ٿيندو آهي. مون کي به هي کاڌو ڏاڍو وڻندو هو ۽ اهو گهڻو ڪري کائيندو هوس.

ڪري چوندا آهن، ۽ ويهي جهاز وارن جو استقبال ڪندا آهن.
پوءِ پان ۽ ناريل جا گورا به ساڻ کڻي ويندا آهن ۽ جنهن شخص
کي وڻين، تنهن کي ڏيندا آهن. پوءِ اهو شخص ان جو مهمان
سمجهيو ويندو آهي. پوءِ هن جو سامان پنهنجي گهر کڻي ويندا
آهن، جڻ ته هو ڪو سندن ويجهو عزيز آهي. جيڪڏهن اهو
مسافر نڪاح ڪرڻ گهرندو آهي ته سندس نڪاح به ڪري
ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن هو واپس ويندو آهي ته ان زال کي طلاق
ڏيئي ويندو آهي، ڇو ته هن ٻيٽ جون زالون پنهنجي ملڪ کان
ٻاهر ڪونه وڃن. پر جيڪڏهن ڪو نڪاح ڪرڻ نه چاهيندو
آهي ته سندس ميزبان جي زال ان مسافر لاءِ ماني ڪندي آهي
۽ سندس خدمت به اهائي زال ڪندي آهي. جڏهن هو سفر تي
ويندو آهي ته اها عورت رستي لاءِ ماني به ٻڌي ڏيندي اٿس ۽
ان جي بدلي ۾ جيڪي ٿورو گهڻو هو کيس ڏيندو آهي، سو وٺي
ڏاڍي خوش ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪو ڪجهه به نه ڏئي ته ان
مان جيڪو فائدو خزاني کي ٿئي، تنهن کي ئي ڪافي سمجهندا آهن.
خزاني کي "بندر" چوندا آهن. جهاز جي مال جو ڪجهه
حصو هڪ مقرر رقم جي عيوض خواه اهو مال جو حصو ان قيمت
جو هجي يا ان کان وڌيڪ، بندر جي لاءِ خريد ڪيو ويندو
آهي ۽ ان کي 'شروع بندر' ڪري چوندا آهن. سڀ ڪنهن
ٻيٽ ۾ بندر جي لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل گهر ٿيندو آهي جنهن کي
'بجه قبا' ڪري چوندا آهن. ان ۾ والي، جنهن کي "ڪردوري"
چوندا آهن، سڀ سامان گڏ ڪري رکندو آهي؛ پوءِ اتي ئي
ان جي خريد فروخت ٿيندي آهي.
هن ٻيٽ جا باشندا مرغين جي عيوض مٽيءَ جا برتن
خريد ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح سان هڪ ڪنيءَ جي قيمت پنج،
يا ڇهه مرغيون هوندي آهي جهاز هتان ٻيٽن مان مڇيءَ جو گوشت،
ناريل، چادرون، دليان (ڪپڙي جو قسم)، سٽ جا عماما (پٽڪا)،
ٽامي جا برتن، ڪوڏيون ۽ ڪنبر يعني ناريل جون سڳون ٻاهر

حسب معمول هن جو لاش ڪڍڻ آيا، تڏهن مغربيءَ کي زنده ڏٺائون.

پوءِ هن کي پنهنجي بادشاه وٽ، جنهن جو نالو 'شنورازه' هو، وٺي ويا، ۽ هن کي سمورو حال وچي ٻڌايائون. بادشاه کي اهو ڏاڍو عجب لڳو. اتي مغربيءَ هن کي مسلمان ٿيڻ جي ترغيب ڏني، جنهن تي هن جواب ڏنس ته ايندڙ مهيني تائين ترس، ۽ جيڪڏهن ايندڙ مهيني ۾ توُن اهڙيءَ طرح سلامت رهئين ته پوءِ مان مسلمان ٿيندس. ان ڪان پوءِ مغربي اتي ترسي پيو ۽ اچا مهينو به پورو ڪونه ٿيو هو، ته بادشاه جي دل ۾ اسلام لاءِ محبت پيدا ٿي. پوءِ هو پاڻ، پنهنجي خاندان ۽ اميرن سميت، مسلمان ٿيو.

جڏهن مهينو پورو ٿيو، تڏهن مغربيءَ کي وري وچي انهيءَ بتخاني ۾ ڇڏي آيا. 'جن' هن دفعي به سندس ويجهو ڪونه آيو ۽ هو صبح تائين ويٺو قرآن شريف پڙهندو رهيو. جڏهن بادشاه ۽ عوام اتي آيا، تڏهن مغربيءَ کي تلاوت قرآن ۾ محو ڏٺائون. هنن انهيءَ دم سڀ بتخانا ڀڃي ڇڏيا ۽ ٻيٽ جا سڀ ماڻهو مسلمان ٿي ويا. انهن پوءِ ٻين ٻيٽن جي ماڻهن کي به مسلمان ڪري ڇڏيو. هي ماڻهو مغربيءَ جي تمام گهڻي تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هئا ۽ هن جي ڪري هي سڀ ماڻهو به امام مالڪ جي مذهب جا پيروي ڪندڙ ٿي رهيا.

هي ماڻهو اڃا تائين به 'مغرب' جي ماڻهن جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهن. هنن ان وقت هڪ مسجد به تعمير ڪرائي هئي، جيڪا اڃا به ان شخص جي نالي سان مشهور آهي ۽ انهيءَ مسجد جي محراب تي هي ڪتبو اڪريل آهي: "سلطان احمد شنورازه ابوالبرڪات مغربيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيو." ان بادشاه پوءِ هنن ٻيٽن جي آمدنيءَ جو ٽيون حصو مسافرن جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هن جي مسلمان ٿيڻ جو سبب به هڪ مسافر هو، ۽ اڃا تائين به اهو دستور هليو ٿو اچي.

انهيءَ 'جنّ' جي سبب کان ڪيترائي ڀيرا غيرآباد ٿي ويا هئا ۽ جڏهن مان انهن ٻيٽن ۾ ويس ته هڪ رات مون ڏٺو ته ماڻهو تڪبيرون ۽ ڪلما وڏي آواز سان پڙهي رهيا هئا، ٻار مٿن تي ڪلام الله کنيو بيٺا هئا ۽ ٿالهيون ۽ ٿانءَ جا برتن وڄائي رهيون هيون. مون ڪائنن انهيءَ جو سبب پڇيو، ته جواب ڏنائون ته "سمنڊ ڏانهن نهار." مون ڏٺو ته هڪ وڏو جهاز جنهن ۾ چراغ ۽ مشعلون ٻري رهيون هيون، اچي رهيو هو. هنن چيو ته اهو 'جنّ' مهيني ۾ هڪ دفعو ايندو آهي ۽ اسان اهڙيءَ طرح ڪندا آهيون ته واپس هليو ويندو آهي ۽ ڪوبه نقصان ڪونه ڪندو آهي.

## هنن ٻيٽن جي حڪمران ملڪه

هيءَ به هڪ عجيب ڳالهه آهي ته هنن ٻيٽن جي حڪمران خديجه نالي هڪ عورت آهي. هوءَ سلطان جلال الدين عمر بن سلطان صلاح الدين صالح بنگاليءَ جي ڌيءَ آهي. هن جو ڏاڏو بادشاهه هو. پوءِ سندس پيءُ بادشاهه ٿيو. جڏهن هن جو پيءُ مري ويو، تڏهن سندس ڀاءُ شهاب الدين بادشاهه ٿيو، جيڪو اڃا صغير هو، تنهنڪري وزير عبدالله بن محمد خضريه هن جي ماءُ سان نڪاح ڪري، سلطنت جي سمورن ڪمن ڪارين ۾ خود مختيار ٿي ويو. تنهن کان پوءِ هن وزير جمال الدين جي مرڻ کان پوءِ هن ملڪه خديجه سان پڻ نڪاح ڪيو هو، جنهن جو اڳتي بيان ڪنداسين.

جڏهن شهاب الدين بلوغت کي پهتو، تڏهن وزير عبدالله کي سندس عهدي تان هٽائي، سويد جي ٻيٽ ڏانهن جلاوطن ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ مستقل بادشاهه ٿي، پنهنجي غلام 'ڪلڪي' کي ڪٺي وزير ڪيائين. ٽن سالن کان پوءِ ان کي به جلاوطن ڪري ڇڏيائين.

ڳالهه ڪندا آهن ته هي شهاب الدين، پنهنجي اميرن ۽ مصاحبن

Marfat.com

جي گهرڻ ۾ رات جو گهڙي پوندو هو، تنهنڪري هن کي معزول ڪري هلرمتيءَ جي پيٽ ۾ موڪليو ويو، جتي هڪ ماڻهوءَ کي موڪلي کيس قتل ڪرايو ويو.

هاڻي شاهي خاندان ۾ فقط ٽي ڀيڻون وڃي رهيون، جن جا نالا هيون: خديجه، مريم ۽ فاطمه. ماڻهن خديجه کي پنهنجي ملڪه منتخب ڪيو. جيڪا سندن خطيب جمال الدين جي نڪاح ۾ هئي، جنهن چالاڪيءَ سان پنهنجي پٽ محمد کي پنهنجي جاءِ تي خطيب مقرر ڪري، پاڻ بادشاهه بڻجي، حڪومت جي سڄي ڪاروبار تي قابض ٿي ويو. پر تنهن هوندي به سڀئي حڪم ملڪه خديجه جي نالي سان جاري ٿيندا هئا. هن ٻيٽ ۾ سڀ حڪمناما کجيءَ جي پنن تي، هڪ لوهه جي ڏنگي ڪپ سان لکندا آهن ۽ ڪاغذ تي فقط ڪلام الله ۽ ٻيون ڪتاب لکندا آهن. خطيب اهي جمعي ڏينهن خطبي ۾ پڙهي ٻڌائيندو آهي، جنهن جي شروعات هن طرح ڪندو آهي: "او خدا! پنهنجي ٻانهيءَ جي مدد ڪر، جنهن کي تو سندس علم جي طفيل سڄي عالم جي ماڻهن کان بلند مرتبي ڪيو آهي ۽ ان کي سڀني مسلمانن جي لاءِ ذريعو رحمت جو بڻايو آهي. اها ڪير آهي! سلطانه خديجه سلطان جلال الدين جي ڌيءَ، جيڪو سلطان صلاح الدين جو پٽ هو."

هن ملڪ ۾ اهو به دستور آهي ته جيڪڏهن ڪو مسافر هتي ايندو آهي، تڏهن شاهي محل ۾ ٻه ڪپڙا ساڻ کڻي ايندو آهي. جن سان هو ملڪه کي سلام ڪرڻ وقت سندس پيرن تي رکندو آهي ۽ پوءِ جمال الدين وزير کي سلام ڪرڻ وقت سندس پيرن تي رکندو آهي. هن ملڪ جو لشڪر اٽڪل هڪ هزار کن سپاهين جو آهي، جيڪي گهڻو ڪري غير ملڪي آهن ۽ انهن ۾ ڪي ٿورا هن ملڪ جا باشندا به آهن. هو هر روز شاهي محل ۾ ايندا آهن ۽ سلام ڪري وري هليا ويندا آهن. هنن کي پگهار جي عيوض چانور ملندا آهن، جيڪي هنن کي هر مهيني سرڪاري

مان ڪپڙا وجهي پورا ڪيائين، تڏهن ڪانئس مون بابت پڇيو ويو، جنهن تي مون چيو ته ”مون کي ڪا به خبر ڪانه آهي.“ پوءِ هن مون ڏانهن پان ۽ گلاب جو پاڻي موڪليو، جو هن ملڪ ۾ وڏي تعظيم سمجهي ويندي آهي. پوءِ مان شاهي محل ۾ ٽي ترسي پيس. ان کان پوءِ مون لاءِ کاڌو آيو. وڏي ٿالهيءَ جي وچ ۾ چانور پيل هئا، جنهن جي چوڌاري ڪيترائي پيالا هئا، جن ۾ خليع گوشت (١)، ڪڪڙ جو گوشت، گيهه ۽ مڇي وغيره هئا.

ٽئي ڏينهن مان نا خدا ۽ قاضي عيسيٰ يمنيءَ سان گڏ، هڪ خانقاه جي زيارت لاءِ ٻيٽ جي هڪ هنڌ ويس، هيءَ خانقاه شيخ نجيب جو ٺهرايل آهي. رات جو اسان اتان واپس آياسين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير وزير مون ڏانهن خلعت ۽ مهماني موڪلي، جنهن ۾ چانور، گيهه، خليع گوشت ۽ ناريل جي ماکي خاص شيون هيون. ناريل جي ماکيءَ کي هتي جا ماڻهو ”قوباني“ ڪري سڏيندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي کنڊ جو پاڻي. ان کان سواءِ خرچ لاءِ مون ڏانهن هڪ لک ڪوڏيون به موڪليون هئائين.

ڏهين ڏينهن کان پوءِ سيلان جي ٻيٽ مان هڪ جهاز آيو، جنهن ۾ عرب ۽ عجم جا فقير پڻ هئا، جيڪي مون کي سڃاڻندا هئا. هنن وزير جي نوڪرن کي سڄي ڳالهه ٻڌائي ڇڏي. ان کان پوءِ هو منهنجي عزت اڳي کان وڌيڪ ڪرڻ لڳو. رمضان جي چنڊ واريءَ رات وزير مون کي پاڻ وٽ گهرايو. مان ويس ته اتي سڀ امير ۽ وزير موجود هئا. کاڌو آيو ته دسترخوان تي پڻ ڪيترائي ماڻهو موجود هئا. وزير مون کي پنهنجي ڀر ۾ ڪٺي ويهاريو ۽ هن وٽ قاضي عيسيٰ يمني، وزير ”فاملداري“ ۽ وزير ”ڪرديري“ يعني سپهه سالار به موجود هئا. پوءِ چانور، ڪڪڙ، گيهه، مڇي، خليع گوشت ۽ ڪيلي جي ڀاڄي آڻي دسترخوان تي رکيون ويئون. کاڌي کان پوءِ هتي جا ماڻهو ناريل جي ماکي،

---

(١) خليع گوشت - پڪل گوشت جو قسم يا نمونو. — مترجم

Marfat.com

پاڻھين سان گڏ موڪلي ڏيان ھا، ته ھو (پاڻھيون) سمجھن ھا ته اھو مال ھن جو آھي ۽ اسان جي آقا اھو اسان کي عطا ڪيو آھي. ھاڻي ھيءُ مال تنھنجو آھي ۽ تون پنھنجي طرفان ھن کي ڏيئي ڇڏ. سون ھن جي حق ۾ دعا گھري ۽ سندس شڪرانا ادا ڪيا، ڇو ته ھو شڪريي جو مستحق ھو. خدا ھن تي رحمت ڪري.

## فصل چوٿون

# وزير جو رخ بدلجڻ ۽ منهنجو اتان هلڻ وڃڻ جو ارادو ڪرڻ

وزير سليمان ”مانائڪ“ (اميرالبحر) مون ڏانهن پيغام موڪليو ته مان منهس ڌيءُ سان نڪاح ڪريان. مون وزير جمال الدين کان ان جي اجازت گهري، ته هن ناراضگي ظاهر ڪئي ۽ چوائي موڪليائين ته مان خود پنهنجي ڌيءُ، جيڪا سلطان شهاب الدين جي بيواه آهي، توکي ڏيڻ ٿو گهران ۽ سندس عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ توسان ان جو نڪاح ڪرائيندس. مون ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ڇو ته مان هن کي منحوس سمجهندو هوس. هن جا ٻه مڙس ته اڳيئي مري چڪا هئا ۽ هن وقت مون کي ٻه ٻخار اچڻ لڳو هو.

هن ٻيٽ ۾ جيڪو به نئون مسافر ايندو آهي، تنهن کي ٻخار اچڻ ته ضروري آهي. تنهنڪري مون سفر ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. مون ڪي زيور ڪوڏين جي عيوض وڪڻي ڇڏيا ۽ بنگاله وڃڻ لاءِ هڪ جهاز به ڀاڙي ڪري ڇڏيم. جڏهن مان وزير کان موڪلائڻ لاءِ ويس، تڏهين قاضيءَ اچي مون کي وزير جو نياپو ڏنو ته جيڪڏهن تون سفر ڪرڻ ٿو گهرين ته جيڪي ڪجهه، اسان توکي ڏنو آهي، سو واپس ڪر. مون جواب ڏنو ته ”ڪي زيور وڪڻي مون ڪوڏيون خريد ڪيون آهن، سي ڀلي ڪڻي وڃو.“ قاضي وري مون وٽ موٽي آيو ۽ چيائين ته ”وزير

هڪ خلعت موڪلي. ان بعد اسان عيدگاه ڏانهن وياسين. وزير جي گهر کان عيدگاه تائين سڄو رستو سينگاريو ويو هو. ان تي ڪپڙا وڇائي ان جي ساڄي ۽ کابي ڪوڏين جا ڍير لڳايا ويا هئا. رستي ۾ جتي به ڪنهن امير جو گهر هو، اتي ان جي دروازي تي ناريل، سوپاري ۽ ڪيلي جا وڻ لڳايا ويا هئا ۽ هڪ وڻ کان ٻئي وڻ تائين رسيون ٻڌي انهن ۾ سبز ناريل ٽنگايا ويا هئا، ۽ هرهڪ گهر جو مالڪ وري پنهنجي دروازي تي بيٺو هو ۽ وزير جڏهين اتان لنگهيو ٿي، تڏهن ريشمي يا سوٽي ڪپڙو سندس پيرن تي وجهندو ٿي ويو.

رستي تي جيڪي ڪپڙا ۽ ڪوڏيون پيل هيون، سي سڀ غلامن ٻئي کنيون. وزير پيادو ٿي هليو ۽ هن کي 'سرڪز' جو نهيل مصري چوغو ۽ مٿي تي وڏو پٽڪو پهريل ۽ حمائل جي بدران هڪ ريشمي چادر پيل هئس. هن جي مٿان چار ڇٽ هئا. ۽ پيرن ۾ جتي هئس. پيا سڀ ماڻهو اگهاڙين پيرين ٻئي هليا. هن جي اڳيان نوبت، نقارا ۽ نفيريون وڄنديون ٿي هليون ۽ لشڪر به اڳيان اڳيان ٿي هليس. سڀ ماڻهو تڪبيرون پڙهندا ٿي هليا. عيدگاه ۾ وزير جي پٽ نماز کان پوءِ خطبو پڙهيو. ان کان پوءِ وزير وڃي محفل ۾ ويٺو ۽ سڀني وزيرن ۽ اميرن سندس تعظيم بجا آڻيندي، دستور موجب سندس پيرن تي ڪپڙا وڌا. هن کان اڳ ۾ هي وزير ڪڏهين به محفي تي سوار ڪونه ٿيو هو، ڇو ته بادشاه کان سواءِ ٻيو ڪو به محفي تي سوار ٿي نٿو سگهي.

پوءِ اهو محفو کڻي هليا ۽ مان وري گهوڙي تي سوار ٿي، محل ڏانهن ويس. اتي وزير هڪ شانهين جاءِ تي وڃي ويٺو ۽ ان وٽ امير ۽ وزير به اچي ويٺا. پوءِ غلام تلوارون، ڍالون ۽ لٺيون کڻي بيهي ويا. ان بعد ڪاڏو آيو، تنهن کان پوءِ پان ۽ سوپاريون آنديون. آخر ۾ هڪ ٿالهيءَ ۾ مقاصري صندل پيل

Marfat.com

ٿي وزير انھيءَ وقت قاضيءَ ۽ گواھن کي گھرايو ۽ نڪاح ٿي ويو، جنھن ۾ منھنجي طرفان وزير مھر جي ادائگي ڪري ڇڏي. ھوءَ ڪجھہ ڏينھن کان پوءِ منھنجي گھر آئي. ھوءَ نھايت نيڪ بخت ۽ سليقي شعار زال ھئي ۽ پھرئين ئي ڏينھن ھن منھنجي بدن تي خوشبوءِ ملي، منھنجي ڪپڙن کي خوشبوءِ جو واس ڏنو. ھوءَ ھميشه کلمک رھندي ھئي ۽ ڪڏھن بہ ان جي منھن مان رنج معلوم نہ ٿيو.

ھن نڪاح کان پوءِ وزير مون کي قاضي ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو، جنھن جو سبب ھي ھو، جو اتي جو قاضي ترڪي جي ملڪيت جي ورھاست وقت ان ملڪيت جو ڏھون حصو پاڻ ڪٽيندو ھو. مون ھن ڳالھہ تي اعتراض ڪندي، کيس چيو تہ ”تنھنجو اھو حق آھي، جيڪو وارث خوشيءَ سان توکي ڏين.“ ازانسواءِ ھو چڱيءَ طرح سان ڪم بہ ھلائي ڪين سگھندو ھو.

جڏھن مان قاضي ٿيس تڏھين شرعي ڪمن جي لاءِ تمام گھڻو تاڪيد ڪيم، ھن ٻيٽ ۾ اسان جي ملڪ وانگر گھڻا جھيڙا جھڳڙا ڪونہ ٿين. ھن ملڪ جو ھڪ دستور ھو تہ طلاق کان پوءِ بہ عورتون ان وقت تائين پنھنجي اڳين مڙس جي گھر ۾ رھنديون ھيون، جيستائين ڪو ٻيو ساڻن نڪاح نہ ڪري. مون اھڙا پنجويھہ ماڻھو پنھنجي روبرو گھرائي، انھن کي درا ھڻائي، سندن شھرت ڪرائي، ۽ عورتن کي سندن گھرن مان ڪڍرائي ڇڏيو. نماز جي پابنديءَ ۾ سختي ڪيم ۽ حڪم ڪيم تہ جمعي جي نماز جي اذان کان پوءِ جيڪو بہ ماڻھو بازار يا گھٽيءَ ۾ ڏسو، تنھن کي ھڪدم گرفتار ڪيو وڃي. پيش امامن ۽ بانگن جون پگھارون مقرر ڪيم ۽ سڀني ٻيٽن ۾ اھڙيءَ طرح حڪم جاري ڪيم. عورتن کي بہ ڪپڙن پھرڻ جو حڪم ڏنم، پر ڪامياب ٿي نہ سگھيس.

منهنجا سهرا ۽ ساٿي مون سان ملي ڪري بغاوت نہ مچائين. پوءِ مان اتان هلي وزير، عليءَ، جي پيٽ ۾ پهتس، جتي پڇندي ٿي، منهنجي زال کي اڃي سخت سور پيو، تنهنڪري هن واپس وڃڻ جي خواهش ڏيکاري، مون هن کي طلاق ڏيئي، اني ڇڏي ڏنو ۽ وزير کي هن مضمون جو هڪ خط لکيم تہ مون انهيءَ زال کي بہ طلاق ڏني، جنهن لاءِ معياد مقرر ڪري آيو هوس. مون پاڻ سان فقط اُها ٻانهي ڪئي جنهن سان مون کي ڏاڍو پيار هوندو هو. ان کان پوءِ اقليم مان ٿيندا سفر ڪندا رهياسين.

## هڪ پستانءَ واري عورت

هن پيٽ مان هڪ پيٽ ۾ مون هڪ پستان واري عورت ڏٺي، جنهن کي ٻہ ڏيئرون هيون. انهن مان هڪڙي هڪ پستان واري هئي ۽ ٻيءَ جا ٻہ پستان تہ هئا پر هڪ پستان ننڍو هوس. مون کي هيءُ ڏسي ڏاڍو عجب لڳو. هڪڙو پيٽ وري تمام ننڍو ڏٺوسين، جنهن ۾ فقط هڪ گهر هو. ان گهر جو مالڪ ڪم ڪار ڪندو هو، ۽ هن کي زال ۽ ٻارڙا بہ هئا. هن اتي ناريل جا وڻ پوکيا هئا ۽ هڪ ننڍي ٻيڙي پڻ هيس، جنهن تي چڙهي هو مڇيون قاسائيندو هو ۽ ڪيڏانهن وڃڻو هوندو هوس تہ ان ۾ سفر ڪندو هو.

هن پيٽ ۾ ڪيلي جا وڻ بہ هئا ۽ اتي خشڪيءَ جي پکين مان، سواءِ ٻن ڪانگن جي ٻيو ڪوبہ پکي ڪونہ هو. اهي ٻئي ڪانگ اسان جي جهاز کي ڏسي، ان جي پرسان اڇي چوڌاري ڦرڻ لڳا. مان ان شخص جي پر امن زندگي بسر ڪرڻ تي رشڪ ڪرڻ لڳس ۽ دل ۾ چيم تہ جيڪڏهن هيءُ پيٽ مون کي ملي وڃي تہ جيڪر مان ان ۾ گوشہ نشين ٿي ويهي رهان ۽ اتي ئي مري وڃان.

Marfat.com

ڪاٺ ٻه گهڙي انداز ۾ ٽپندو آهي. ازانسواء عود هندي، جنهن
کي ڪلخي چوندا آهن، ٻڻ جهجهو ٽپندو آهي، ۽ اهو قاقله
۽ قمار جي عود ڪان گهٽ درجي جو ٽپندو آهي.

Marfat.com

سڻي سڻي موتين جو ڍير لڳو پيو هو، چاڪاڻ ته هن جي علائقي ۾ ٽوپا سمنڊ مان موتي ڪڍندا آهن. اتي پرک وارا به ويٺا هئا، جيڪي سٺا موتي جدا ڪندا ٿي ويا. هن چيو ته "تو به ڪٿي موتي نڪرندي ڏٺا آهن؟" مون جواب ڏنو ته هائو، قيس ۽ ڪش جي ٻيٽن ۾، جتي حاڪم ابن السواملي آهي. هن چيو ته "برابر مون به اُهين ٻڌو آهي." پوءِ ڪي داڻا ڪڍي چيائين ته "ڇا! هن جيڏا وڏا موتي به اتي ليندا آهن؟" مون جواب ڏنو ته "نه، آهي ننڍا ٿيندا آهن." اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته "هي داڻا مان توکي ڏيو ڏيان." تنهن کان پوءِ مون کي چيائين ته "تون ڪنهن به قسم جو حجاب نه ڪر ۽ جيڪي ڪجهه به توکي گهرجي سو هڪدم مون کان گهري وٺ." مون جواب ڏنو ته "منهنجو هتي اچڻ جو مطلب هو ته قدم شريف جي زيارت ڪريان." سيلان ۾ آدم کي باوا ۽ حوا کي ماما چوندا آهن. راجا چيو ته "اها ڪا مشڪل ڳالهه ڪانه آهي ۽ مان توکي ماڻهو ڏيندس، جيڪي توکي اتي پهچائيندا." مون چيومانس ته "جنهن جهاز ۾ مان آيو آهيان، تنهن کي معبر ڏانهن وڃڻو آهي ۽ متان مون کي دير ٿي وڃي، تنهنڪري تون مون کي پنهنجي جهازن ۾ اتي پهچائي ڇڏجانءِ." تنهن تي چيائين ته "چڱو."

مون جڏهن جهاز جي مالڪ سان اها ڳالهه ڪئي، تڏهن هن چيو ته "مان توکان سواءِ ڪونه ويندس ۽ تون جيڪڏهين هڪ سال جي عرصي ۾ به واپس ايندين، ته به مان ترسيو پيو هوندس." مون اهو راجا کي ٻڌايو ته هن جواب ڏنو ته "جيستائين تون موٽي اچين، تيستائين سڀ جهاز وارا منهنجا مهمان ٿي رهندا." پوءِ راجا مون کي هڪ ڏولي ۽ ڪي غلام ڏنا، جيڪي مون کي کڻي اتي هليا. ان کان سواءِ چار جوڳي، جيڪي هر سال قدم شريف جي زيارت لاءِ ويندا رهيا هئا، ٽي برهمڻ، ڏهه پنهنجا ڪم ڪار وارا ماڻهو ۽ منهنجي رستي جو راشن کڻي هلڻ وارا

پندرهن ماڻهو پڻ مون سان گڏ موڪليائين.

هن رستي تي پاڻي تمام گهڻو ملي سگهندو آهي. پهرئين ڏينهن اسان هڪ درياءَ تي پهتاسين، جتان بيد جي ڪاٺين مان ٺهيل ٻيڙيءَ جي وسيلي پار اڪرياسين. اتان هلي اسان اچي 'منار سندلي' ۾ پهتاسين. هي هڪ چڱو سهڻو شهر آهي ۽ هن راجا جي عملداريءَ جي حد تي ٻڌل آهي. اتي راجا جي عملدارن اسان جي ڏاڍي سٺي دعوت ڪئي. دعوت ۾ هو جهنگلي ڳئن جا ڳابا، جن کي هو اتي جي جهنگلن مان شڪار ڪري، زنده، پڪڙي ايندا آهن، ۽ چانور، گيهه، مڇي، مرغيون ۽ کير موجود ڪري ڏيندا آهن.

هن شهر ۾ سواءِ هڪ خراسانيءَ جي ٻيو ڪوبه مسلمان ڪونه هو، جيڪو بيمار ٿي، رستي ۾ ئي ترسي پيو هو. اهو پڻ اسان سان گڏجي اتي هليو. پوءِ اسان سلاوات جي بندر ۾ پهتاسين، جيڪو هڪ ننڍڙو شهر آهي، جتان هلي هڪ جهنگل ۾ پهتاسين. اتي پاڻي تمام گهڻو هو ۽ هاٿي به رهندا هئا. هي هاٿي پرديسين ۽ زيارت لاءِ ويندڙن کي ڪابه تڪليف نٿا رسائين. اها سڀ شيخ عبدالله بن خفيف جي برڪت آهي. هن ئي شيخ شروع شروع ۾ اهو دستور ڳولي ڪڍيو هو، نه ته اتي جا ڪافر مسلمانن کي ان رستي سان وڃڻ کان روڪيندا هئا ۽ انهن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا هئا.

اهي ڪافر نه مسلمانن سان گڏ کائيندا هئا، ۽ نه وري انهن کي ڪا شيءِ وڪڻندا هئا. پوءِ جڏهن انهيءَ شيخ جا ساٿي هڪ هاٿيءَ جي ٻچي کي ماري کائڻ لڳا، تڏهن شيخ ان مان ڪجهه به نه کاڌو. نتيجي ۾ رات جو هاٿي انهن سڀني کي ماري ويا، پر شيخ کي ڪجهه به تڪليف نه پهچايائون، اٿلندو هڪ هاٿي هن کي پنهنجي پٺي تي چاڙهي، وڃي هڪ آباديءَ ۾ ڇڏي آيو. ان وقت کان وٺي ڪافر مسلمانن جي تعظيم ڪرڻ لڳا ۽ هنن کي پنهنجي گهر ۾ ترسائڻ ۽ هنن سان گڏ

Marfat.com

ٻري چڪرونيءَ وٽ هڪ ياقوت جي پيالي ڏني هئي، جيڪا هٿ جي ترِيءَ جيتري هئي ۽ ان ۾ عود جو تيل رکيل هو. مان ان تي عجب کائڻ لڳس ته هُن (راجا) چيو ته اسان وٽ انهيءَ کان به وڏا ياقوت آهن.

پوءِ اسان ڪنڪار ڪان هلي اچي هڪ غار وٽ پهتاسين، جنهن کي اُستاد محمود لوريءَ جو غار ڪري سڏيندا آهن. هو هڪ ولي شخص هوندو هو، جنهن هيءُ غار جبل تي هڪ ننڍڙي چشمي جي ڀرسان ٺاهيو هو. اتان هلي اسان اچي هڪ درياءَ تي پهتاسين، جنهن کي 'خوربوزنه' يعني ٻاندرن جو درياءُ ڪري سڏيندا آهن.

## ٻاندر

هن جبل تي ٻاندر تمام گهڻي انداز ۾ آهن. هنن جو رنگ سياهيءَ ڏي مائل آهي ۽ پڇ ڊگها اٿن. نر ٻاندر کي ڏاڙهي به ٿيندي آهي. شيخ عثمان، سندس پٽ ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن کان ٻڌم ته هڪ ٻاندر انهن جو سردار ٿيندو آهي، جنهن کي هو پنهنجو بادشاه ڪري سمجهندا آهن. ان سردار جي مٿي تي وڻن جي پنن مان ٺهيل هڪ ٽواي پهريل هوندي آهي. هو هٿ ۾ لٺ کڻي هلندو آهي ۽ سندس ساڄي پاسي ۽ کاٻي ۾ ٻه ٻاندر هلندا آهن، جن جي هٿن ۾ پڻ لٺيون هونديون آهن. جڏهن ٻاندر سردار ويهندو آهي، تڏهن اهي چار ئي ٻاندر سندس پٺيان بيهي ويندا آهن. پوءِ هن جي ٻاندري ۽ ٻچا اچي سندس سامهون ويهي رهندا آهن. ٻيا ٻاندر ورِي اچي ٿوري مفاصلي تي ويهي رهندا آهن. ان کان پوءِ چئن ٻاندرن (باڊي گارڊن) مان هڪ ڪجهه چوندو آهي، جو ٻڌي سڀ ٻاندر ڪنهن پاسي هليا ويندا آهن ۽ هر هڪ ٻاندر پاڻ سان ليمون، ڪيلو يا ڪا ٻي شيءِ کڻي موٽندو آهي. اهي شيون ٻاندر سردار، ان جي ٻاندري ۽ ٻچا ۽ چار ٻاندر کائيندا آهن.

Marfat.com

انسان ان جي پرسان لنگهندو آهي، تڏهن يڪدم ٽپو ڏيئي ان کي چنبڙي ويندي آهي ۽ جنهن جاءِ تي چهٽندي آهي، تنهن جاءِ تان ڪيترو ئي رت ٻي ويندي آهي. اتي ماڻهو پاڻ سان ليمون تيار رکندا آهن ۽ يڪدم ان جي مٿان ليمي جي رس نچوڙي وجهندا آهن ته اها هيٺ ڪري پوندي آهي ۽ ڪاٺ جي چڙي جيڪا تيار هوندي اٿن، تنهن سان ان جاءِ کي يڪدم صاف ڪري ڇڏيندا آهن.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ زاهد شخص جيئن ئي اتي هندان پئي لنگهيو، تيئن هن کي هڪ جوڙ چنبڙي ويئي ۽ ان جي سڄي چمڙي لاهي ڇڏيائين. هن ويچاري وٽ ليمون ڪونه هو، تنهن ڪري اها جوڙ هن جو سمورو رت ٻي ويئي ۽ اهو ويچارو مري ويو. هن شخص جو نالو 'بابا خوزي' هو، جنهن جي نالي سان هتي هڪ غار مشهور آهي. ان کان پوءِ 'سبع غارات' ڏانهن وياسين. جتان 'عقبه اسڪندر' ۽ 'غار اصفهاني' کان ٿيندا، هڪ چشمي ڏانهن وياسين. اتي هڪ غير آباد قلعو آهي جنهن جي هيٺان هڪ درياءُ ٿو وهي، جنهن کي 'غوط گاه عرفان' ڪري چوندا آهن. اتي ئي هند نارنج نالي هڪ غار آهي ۽ اتي ئي هڪ ٻيو غار پڻ آهي، جنهن کي 'راجا جو غار' ڪري چوندا آهن. ان جي پرسان جبل (سرانديپ) جو دروازو آهي.

---

## فصل ڇھون

# سرانديپ جو جبل

هيءُ جبل دنيا جي بلند ترين جبلن مان هڪ آهي. اسان سمنڊ مان ان کي ڏٺو هو، حالانڪ اهو ڪناري کان نون منزلن جي مفاصلي تي هو. جڏهن اسان جبل تي مٿي چڙهياسين، تڏهن ڪڪر اسان کي هيٺ پيا نظر آيا ۽ جبل جي پاڙ ۽ اسان جي وچ ۾ پيا هلندا. هن جبل ۾ ڪيترائي اهڙا وڻ موجود آهن، جن جا پن، جيڪي رنگ برنگي ٿيندا آهن، ڪڏهين به ڪونه ڇڻندا آهن. اتي سرخ گلاب جا گل هٿ جي ترئيءَ جيترا آهن، جن لاءِ ماڻهن جو خيال آهي ته انهن تي قدرت جي قلم سان محمد جو نالو لکيل آهي.

هن جبل تان قدم شريف تائين وڃڻ لاءِ ٻه رستا آهن، جن مان هڪ کي 'بابا جو رستو' ۽ ٻئي کي 'ماما جو رستو' ڪري سڏيندا آهن، يعني آدم ۽ حوا جا رستا. ماما جو رستو آسان آهي جتان زيارتي موٽندا آهن. جيڪڏهين ڪو شخص ان رستي کان ويندو آهي، ته سمجهيو ويندو آهي ته ڄڻ هن زيارت ئي ڪانه ڪئي. پر بابا جو رستو ڏاڍو اڻانگو ۽ پيچيده آهي، جنهن تي چڙهڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. جبل جي هيٺان جتي ان جو دروازو آهي، اتي هڪ غار آهي، جنهن کي 'سڪندر' جي نالي سان منسوب ڪيو ويندو آهي، ۽ اتي هڪ پاڻيءَ جو چشمو به آهي.

اڳئين زماني جي ماڻهن هن جبل ۾ ڏاڪڻيون پٽ کوٽائي، ٺهرائي ڇڏيون آهن. انهن جي وسيلي مٿي چڙهي سگهبو آهي. انهن ڏاڪڻين ۾ وري لوهي ڪلا کوڙي، انهن سان زنجيرون

اتان هلي اسان ٻن ڏينهن جي سفر بعد اچي 'ديڻ ور' (١) ۾ پهتاسين. هيءُ سمنڊ جي ڪناري تي هڪ وڏو شهر آهي، جنهن ۾ سوداگر رهندا آهن. هتي هڪ وڏي بت خاني ۾ هڪ بت رکيل آهي، جنهن جو نالو 'ديئور' آهي. ان بت خاني ۾ ٽي هزار کن برهمڻ ۽ جوڳي رهندا آهن. ازانسواء پنج سو هندن جون ڌيئرون پڻ هر روز بت جي سامهون نچڻ ۽ ڳائڻ لاءِ رهنديون آهن. هن شهر جو سمورو محصول هن بت خاني لاءِ وقف ٿيل آهي، جنهن مان بت خاني وارن ۽ مسافرن کي کاڌو ڏنو ويندو آهي. هيءُ بت سڄو سون جو ٺهيل آهي، ۽ آدم قد جيترو آهي، جنهن کي اکين جي جاءِ تي ٻه وڏا ياقوت لڳل آهن، جيڪي رات جو قنديلن وانگر روشني ڏيندا آهن.

پوءِ اتان اسان 'ڪالي' جي شهر ۾ پهتاسين. هي 'ديئور' کان ڇهن فرسخن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهن ۾ ناخدا ابراهيم نالي هڪ مسلمان رهندو آهي، جنهن اسان جي مهماني به ڪئي هئي. ان کان پوءِ اسان ڪلنبو (ڪولمبو) ڏانهن وياسين. سرانديپ ۾ هي سڀ کان وڏو ۽ سهڻو شهر آهي. هتي راجا جو وزير، جيڪو حاڪم بحر آهي ۽ جالستي سڏبو آهي، رهندو آهي. هن سان گڏ پنج سو حبشي پڻ رهندا آهن. پوءِ اتان هلي، ٽن ڏينهن کان پوءِ اچي 'بطالہ' ۾ پهتاسين ۽ اتي جي راجا، جنهن جو اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، سان ملياسين. ناخدا ابراهيم کي اتي موجود ڏٺم جيڪو منهن جو انتظار ڪري رهيو هو.

---

(١) هن شهر جو قديم نالو "ديوان ديره" لکيل آهي ۽ هاڻي هن کي "ڏونڊرا" ڪري چوندا آهن پر اڄڪلهه هتي ڪوبہ شهر آباد ڪين آهي ۽ فقط سمنڊ ۾ نڪتل هڪ راس آهي. سروليم ٽيننٽ پنهنجي ڪتاب سيلان جلد ١ صفحي ١١٣ تي لکي ٿو تہ ڏونڊرا ٽهرياڻين هڪ تمام وڏو مندر هوندو هو، جنهن جي ڪري هيءُ شهر تمام متبرڪ ڪري ليکيو ويندو هو، پر آخر سنہ ١٥٨٧ع ۾ پورچوگيزن هن کي لٽي برباد ڪري ڇڏيو.

## فصل ڏيون

# معبر جي ملڪ جو بادشاھ

معبر جو بادشاھ غياث الدين دامغاني آھي، جيڪو پھريائين ملڪ مجيد بن ابي الرجا جي سوارن ۾ نوڪر ھو ۽ ھي امير وري سلطان محمد تغلق جي خادمن مان ھڪ ھو. ان بعد ھي (غياث الدين دامغاني) سلطان سيد جلال الدين جي پٽ سيد حاجيءَ جي نوڪريءَ ۾ آيو ھو، جتان بادشاھ بڻجي ويھي رھيو. ھن کي پھريائين سراج الدين ڪري چوندا ھئا، پر پوءِ جڏھن بادشاھ ٿيو تڏھن سلطان غياث الدين جو لقب اختيار ڪيائين. ھي ملڪ پھريائين دھليءَ جي بادشاھ جي ماتحت ھوندو ھو، جنھن کان منھنجو سھرو شريف جلال الدين احسن شاھ، باغي ٿي ويو ھو ۽ پنج سال خود مختيار ٿي حڪومت ڪيائين، ان بعد کيس قتل ڪيو ويو ۽ سندس ھڪ امير علاءُ الدين ان جي ڄالي بادشاھ ٿيو.

ھڪ سال کان پوءِ ھن ڪنھن ھندو راجا تي چڙھائي ڪئي، جتان ڪيترو ئي لٽ جو سامان ھٿ ڪري، پنھنجي ملڪ موٽي آيو. وري ٻه ان تي ڪاھي ويو ۽ ڪيترن ئي ھندن کي ماري انھن کي شڪست ڏنائين. ان لڙائيءَ ۾ ھڪ ڏينھن پاڻي پيئڻ لاءِ جيئن ئي (فولادي) خول مٿي تان لاٿائين تہ ھڪدم تير اچي لڳس ۽ مري ويو. ان کان پوءِ سندس ناٺي قطب الدين کي بادشاھ بڻايائون، پر ھن جون عادتون چڱيون ڪين ھيون، تنھنڪري چاليھن ڏينھن کان پوءِ کيس ماري ڇڏيائون. ان کان پوءِ سلطان غياث الدين بادشاھ ٿيو، جنھن سلطان شريف جلال الدين جي ڌيءَ

ويو. مان اها خبر ٻڌي فساد جي خوف کان شهر ۾ هليو آيس، ته بادشاه جو ڀائٽيو ناصرالدين شهر کان ٻاهر نڪري ڪئمپ ڏاهوڻ ايندي ملير. بادشاه هن کي پنهنجو ولي عهد بڻائي ويو هو، ڇاڪاڻ ته بادشاه کي ٻيو ڪوبه اولاد ڪونه هو. هن مون کي چيو ته "مون سان گڏ واپس هل." جنهن تي ٻهرين مون انڪار ڪيو ۽ اها ڳالهه هن پنهنجي دل ۾ رکي ڇڏي. هيءُ ناصرالدين دهليءَ ۾ بادشاه جو ملازم هوندو هو. پوءِ جڏهن سندس چاچو معبر جو بادشاه بڻجي ويٺو. تڏهن هي دهليءَ مان فقيرن جو ويس بدلائي، هتي پهچي آيو هو. هن جي تقدير ۾ ڪو غياث الدين جي مرڻ پڇاڙان بادشاه ٿيڻ لکيل هو.

جڏهن هن جي بيعت ڪئي ويئي، تڏهن شاعرن هن جي تعريف ۾ قصيدا پڙهيا، جن لاءِ هن هنن کي وڏا انعام ڏنا. سڀ کان اڳ قاضي صدرالدين هن جي مبارڪباديءَ جا شعر پڙهيا، جنهن کي پنج سو دينار ۽ خلعت ڏنائين. پوءِ وزير، جنهن کي قاضي چوندا آهن، کي ٻه هزار دينار ۽ مون کي ٽي سو دينار ۽ خلعت ڏنائين. ان بعد فقيرن ۽ مسڪينن کي گهڻي انداز ۾ خيرات ڏني ويئي، ۽ جڏهن خطيب سندس نالي جو خطبو پڙهيو تڏهن مٿس دينار ۽ درهم، جيڪي سون ۽ چانديءَ جي ٿالهين ۾ پيل هئا، نثار ڪيا ويا. ازانسواءِ سلطان غياث الدين جي قبر تي قاضي مقرر ڪيا ويا، جيڪي هر روز قبر تي قرآن شريف ختم ڪندا هئا. پوءِ عشر خوان اچي پڙهندا هئا ۽ ان بعد کاڌو ايندو هو، جيڪو سڀ ماڻهو کائيندا هئا. ان بعد هرهڪ شخص کي سندس مرتبي آهر درهم ڏنا ويندا هئا. ۽ اهڙيءَ طرح سان چاليهه ڏينهن ائين ڪندا رهيا. تنهن کان پوءِ هر سال هن جي وفات جي ڏينهن اهڙيءَ طرح ڪندا هئا، جهڙيءَ طرح وفات واري ڏينهن ڪيو هئائون.

ناصرالدين تخت تي ويهڻ شرط پنهنجي چاچي جي وزير کي

Marfat.com

موڪليو ته جنهن ٻه جهاز ۾ مان وڃڻ چاهيان، تنهن ۾ مون کي وٺي وڃن.

مان پٽڻ ۾ آيس ته اتي يمن وڃڻ لاءِ اٺ جهاز تيار بيٺا هئا، جنهن مان هڪ جهاز ۾ مون سفر ڪيو. رستي ۾ اسان کي چار (ڌاڪن جا) جهاز مليا، جن مان ٿورو مقابلو ٿيو ۽ هو واپس هليا ويا. پوءِ اسان اچي 'ڪولم' ۾ پهتاسين. اڃا تائين مون ۾ اهو مرض باقي هو، تنهنڪري مان اتي ٽي مهينا ترسي پيس. پوءِ هڪ جهاز ۾ چڙهي، سلطان جمال الدين هنوري ڏانهن روانو ٿيس، ته 'هنور' ۽ فاڪنور جي وچ تي هندن اسان تي حملو ڪيو.

## فصل چوٿون

# هندو ٻاڪن جو اسان کي ڦرڻ

جڏهن اسان 'هنور ۽ فاڪنور' جي وچ تي هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي پهتاسين، تڏهن هندن اسان تي حملو ڪيو. هندن وٽ ٻارهن جنگي جهاز هئا، تنهنڪري هنن جي اسان سان سخت لڙائي ٿي، جنهن ۾ اسان هارايو. جيڪي ڪجهه هو، جو مون ڪنهن اوکيءَ ويل لاءِ لڪائي رکيو هو، سو سڀ ڦري ويا.... اهتري قدر جو جواهرات ۽ ياقوت جيڪي سيلان جي راجا مون کي ڏنا هئا، منهنجا ڪپڙا ۽ ٻيا تبرڪات، جيڪي اولياءالله مون کي عطا ڪيا هئا وغيره، مطلب ته ڪجهه به نه ڇڏيائون ۽ منهنجي بدن تي فقط هڪ پاجامو وڃي بچيو. اهڙيءَ طرح سان سڀني جهاز وارن کي ڦري صاف ڪري، سڀني کي ڪناري تي لاهي ڇڏيائون.

پوءِ مان ڪاليڪٽ ۾ واپس هليو ويس ۽ هڪ مسجد ۾ لنگهي ويس، جتي هڪ فقيه منهنجي لاءِ ڪپڙو موڪليو، قاضيءَ پٽڪو موڪليو ۽ هڪ سوداگر ڪو ٻيو ڪپڙو ڏياري موڪليم. هتي اچي مون کي معلوم ٿيو ته وزير عبدالله جمال الدين جي وفات بعد ملڪه خديجه سان نڪاح ڪيو هو، ۽ جنهن زال کي مان حامله ڇڏي آيو هوس، تنهن کي پٽ ڄائو هو. منهنجي پڻ دل ۾ آيو ته مان به مالديپ جي ٻيٽن ڏانهن وڃان، پر انهيءَ سان گڏ عبدالله جي (پراڻيءَ) دشمنيءَ جو به خيال ٿيم. آخر

ڪلام الله کولي فال ڏٺم ته هيءَ آيت نڪتي- ”تتنزل عليهم الملائڪة ان لا تخافوولا تحزنوا!“ مان ان کي نيڪ فال سمجهي اوڏانهن روانو ٿيس. ڏهن ڏينهن کان پوءِ مان مالديپ جي ٻيٽن ۾ پهتس، ۽ ’ڪنلوس‘ جي ٻيٽ تي اچي لٿس.

اتي جو حاڪم عبدالعزيز مقيدشاوي هو، جنهن منهنجي ڏاڍي خاطر تواضع ڪئي ۽ مهماني به موڪليائين. هڪ ٻيڙي ٻه سال ڏنائين، جنهن جي ذريعي مان ’هيلي‘ جي ٻيٽ ۾ پهتس اتي هن ٻيٽ جي ملڪه ۽ ان جون ڀيڻرون سير ڪرڻ لاءِ ايندئون هيون ۽ جهازن ۾ وبهي سمنڊ ۾ وڃي راندئون روندئون ڪندئون هيون. هن موقعي تي وزير ۽ امير ملڪه جي لاءِ تحفا پڻ موڪليندا هئا. هن هند ملڪه جي ڀيڻ ۽ ان جو مڙس محمد بن جمال الدين خطيب ۽ سندس (ملڪه جي) ماءُ، جيڪا منهنجي زال هئي، سڀ موجود هئا. خطيب مون سان ملڻ آيو ۽ کاڌو به کڻي آيو.

ڪنهن شخص وڃي عبدالله کي منهنجي اچڻ جي خبر ڪئي، جنهن تي هن پڇيو ته ”هو اڪيلو آهي يا هن سان گڏ ٻيو به ڪو آهي؟“ هن شخص ٻڌايس ته ”هو پنهنجي پٽ کي وٺڻ لاءِ آيو هو.“ اهو ان وقت ٻن سالن جي عمر جو هو، تنهنڪري سندس ماءُ اچي وزير سان شڪايت ڪئي، جنهن تي وزير جواب ڏنس ته ”مان ان کان کيس روڪي ڪين سگهان.“ پوءِ هن، ٻيٽ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مون تي سختي ڪئي ۽ پنهنجي محل جي سامهون هڪ ننڍڙي برج ۾ مون کي ترسايائين، جيئن منهنجي هر ڪنهن ڪم جي کيس خبر ملي سگهي. پوءِ هن مون ڏانهن هڪ مڪمل خلعت، پان ۽ عرق گلاب موڪليو. مان سلام وقت سندس پيرن تي رکڻ لاءِ ٻه ريشمي ڪپڙا کڻي آيو هوس، جي هن مون کان گهرائي ورتا.

پوءِ سارو ڏينهن وزير مون وٽ ڪونه آيو، پر منهنجي پٽ کي مون ڏانهن موڪلي ڏنائين. هن کي ڏسڻ کان پوءِ مون

شهر آهي، جتي گنگا ندي ۽ جمنا ندي گڏجي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. هن شهر جي بندر ۾ ڪيترا ئي جهاز آهن جن جي ذريعي، هتي جا ماڻهو لکنوتيءَ (١) جي باشندن سان مقابلو ڪندا رهندا آهن.

## بنگال جو بادشاهه

بنگالي جو بادشاهه فخرالدين آهي جيڪو فخره جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي. هيءُ بادشاهه وڏو فاضل آهي ۽ غير ملڪين، فقيرن ۽ صوفين سان گهڻي محبت رکندو آهي. اصل ۾ هتي جو بادشاهه سلطان ناصرالدين هو، جنهن جو پٽ معزالدين دهلي ۾ بادشاهه هو، جن جي مقابلي ۽ ملاقات جو بيان اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. جڏهن اهو (ناصرالدين) مري ويو، تڏهن سندس پٽ شمس الدين بادشاهه ٿيو ۽ ان کان پوءِ شهاب الدين، جنهن کي غياث الدين بهادر پورو مغلوب ڪري پاڻ بادشاهي ڪرڻ لڳو. شهاب الدين وري سلطان غياث الدين تغلق کان مدد گهري، جنهن هن کي قيد ۾ آڻي قابو ڪيو هو. پر سندس پٽ سلطان محمد تغلق وري هن کي ڇڏي ڏنو. جڏهن ملڪ جي ورهاڱي ۾ هن وعده خلافي ڪئي تڏهن بادشاهه هن تي چڙهائي ڪئي، جنهن ۾ هو مارجي ويو ۽ پوءِ سندس ناٺي بادشاهه ٿيو جنهن کي سندس لشڪر قتل ڪري ڇڏيو.

انهن ڏينهن علي شاهه، لکنوتيءَ ۾ بادشاهه بڻجي ويهي رهيو.

---

(١) لکنوتي- هيءُ شهر هن وقت بلڪل اجڙيل ٿي ويو آهي، پر ڪنهن زماني ۾ بنگال جي هندو راجائن جو تخت گاهه هوندو هو. سنه ١٢٠٤ع ۾ جڏهن مسلمانن هي شهر فتح ڪيو، تڏهن کان هن شهر کي ئي پنهنجو تخت گاهه بڻائيندا آيا ۽ ٽي سؤ سال کن هن ئي شهر ۾ رهيا. هي شهر اصل ۾ انهيءَ وقت برباد ٿيو، جنهن وقت شاهه شجاع راج محل کي بنگال جو تخت گاهه بنايو. ان کان پوءِ وري هي شهر آباد ٿي نه سگهيو. —مترجم

ڏانهن روانو ٿيس. هيءُ ملڪ سدگاون کان هڪ مهيني جي پنڌ تي آهي. هڪ وڏو جابلو ملڪ آهي، جو چين ۽ تبت جي ملڪن سان وڃي ٿو ملي، جتي مشڪ وارا هرڻ ٿيندا آهن. هن جابلو ملڪ جا باشندا ترڪن جي شڪل جهڙا ٿيندا آهن ۽ اهڙا ته نوڪري ڪرڻ جا اورچ ٿيندا آهن، جو هتي جو هڪ غلام ٻئي ملڪ جي ڪيترن ئي غلامن کان وڌيڪ ڪم ڪري سگهندو آهي. هو جادوگريءَ ۾ پڻ مشهور آهن. انهن جبلن ۾ مان انهيءَ مقصد سان ويو هوس ته اتي هڪ مشهور اولياءَ الله 'شيخ جلال الدين تبريزيءَ' سان وڃي ملاقات ڪريان.

## شيخ جلال الدين جو بيان

هي شيخ وڏن اوليائن مان هڪ آهي ۽ ماڻهن ۾ هن جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن. هو عمر ۾ به تمام وڏو آهي، ۽ ڳالهه پئي ڪيائين ته "مون خليفي مستعصم باالله عباسيءَ کي بغداد ۾ ڏٺو هو ۽ جنهن وقت هن کي قتل ڪيو ويو، تنهن وقت به مان اتي موجود هوس." هن جي دوستن پوءِ مون کي ٻڌايو هو ته هن هڪ سو پنجاهه ورهين جي عمر پوري ڪري وفات ڪئي هئي. هو چاليهن سالن کان روزا رکندو ايندو هو ۽ ڏهن ڏهن ڏينهن کان پوءِ روزو کوليندو هو. هن وٽ هڪ ڳئون هوندي هئي، جنهن جي کير تي هو گذران ڪندو هو، ۽ سڄي رات ويٺو هوندو هو. هو بدن جو هلڪو ۽ قد جو ڊگهو هوندو هو ۽ ڳل ڪجهه اندر تي پيٺل هوندا هئس. هن ملڪ جي ڪيترن باشندن سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيو هو، تنهنڪري هن جي تمام گهڻي عقيدتمندي هوندي هئي.

## سندس ڪرامت

سندس هڪ دوست مون سان ڳالهه ڪئي ته مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳي، هن پنهنجي سڀني دوستن کي گهرائي وصيت

Marfat.com

آهين.” اني حاضرين مان ڪنهن چيو ته ”هي عجم جو مسافر پڻ آهي.“ تنهن تي شيخ به فرمايو ته ”هائو هي عجم جو مسافر به آهي، تنهنڪري هن جي خاطر تواضع ڪئي وڃي.“ پوءِ مون کي خانقاه ۾ وٺي ويا ۽ ٽي ڏينهن منهنجي مهماني ڪيائون.

## شيخ جون ٻيون عجيب ڪرامتون

ٻهرياڻين جڏهن مان شيخ جي زيارت لاءِ ويو هوس تڏهن شيخ کي مرعز (اوني ڪپڙي جو نالو) جي ڪپڙي جو هڪ چوغو پهريل ڏٺم، جو مون کي ڏاڍو وڻيو ۽ دل ۾ چيم ته جيڪڏهن شيخ اهو مون کي ڏيئي ڇڏي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي. جڏهن وري مان ڪانئس موڪلائڻ لڳس، تڏهن شيخ غار جي پرسان ٻيهي، اهو چوغو بدن تان لاهي، ڪٺي مون کي پهرايو، ۽ پنهنجي مٿي تان طاقيه (ٽوپ) لاهي اهو به ڪٺي منهنجي مٿي تي رکيائين. پوءِ فقيرن مون کي ٻڌايو ته شيخ ڪڏهن به چوغو ڪين ڏيندو آهي، پر تنهنجي اچڻ جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ اهو چوغو ڏيکيو هئائين ۽ چيائين ٿي ته مغربي اهو چوغو مون کان گهرندو، جو وري ڪافر بادشاه هن کان کسي وٺندو ۽ اهو وري منهنجي ڀاءُ برهان الدين کي ڏيئي ڇڏيندو. مون جڏهن اها ڳالهه فقيرن جي واتان ٻڌي، تڏهن پڪو ارادو ڪيم ته شيخ مون کي پنهنجو لباس عطا ڪيو آهي، سو منهنجي لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي ۽ اهو چوغو پائي مان ڪڏهن به ڪنهن مسلمان يا ڪافر بادشاه جي سامهون ڪين ويندس.

ان کان پوءِ مان شيخ کان موڪلائي هليو ويس ۽ گهڻي عرصي کان پوءِ منهنجو چين وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اتي ’خنسا‘ جي شهر ۾ پنهنجن ساٿين سان ٻئي گهميس، ته هڪ هند ماڻهن جي هجوم جي ڪري مان هنن کان جدا ٿي ويس. ان وقت اهو چوغو مون کي پهريل هو. رستي ۾ اوچتو مون کي وزير ملي ويو، جيڪو

مون کي پاڻ وٽ سڏي، منهنجي هٿ کان وٺي مون کان حال احوال پڇڻ لڳو ۽ ڳالهيون ڪندا بادشاهه جي محل تائين پهتاسين. مون هن کان موڪل گهري، پر هن اجازت نه ڏني ۽ مون کي بادشاهه وٽ وٺي ويو. جنهن مون کان مسلمان بادشاهن جون ڳالهيون پڇيون، جن جو مون مناسب جواب ڏنوماس، پر سندس نظر وڃي منهنجي چوغي تي پيئي ۽ ان جي ڏاڍي تعريف ڪيائين.

وزير مون کي چيو ته اهو چوغو لاهه. ان وقت مجبوراً اهو حڪم مڃڻو پيم. بادشاهه اهو چوغو وٺي رکيو ۽ ان جي عيوض مون کي ڏهه خلعتون، هڪ سنجيل گهوڙو ۽ خرچ لاءِ روڪڙا پيسا عطا ڪيائين. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ شيخ جي ڳالهه ياد اينديئي مون کي ڏاڍو عجب لڳو. ٻئي سال مان چين جي دارالخلافه، خان بالق، ۾ ويس ته شيخ برهان الدين ساغر جي خانقاه ۾ اتفاق سان منهنجو وڃڻ ٿيو. اتي مون ڏٺو ته شيخ ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو ۽ اهوئي چوغو پهريل هوس. مان عجب ۾ پئجي ويس ۽ چوغي کي اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳس، تنهن تي شيخ چيو ته "تون هن کي ائين ڇو ڏسي رهيو آهين، سڃاتو ائيئي ڇا؟" مون جواب ڏنو ته، "هائو هي چوغو 'خنسا' جي بادشاهه مون کان ورتو هو."

شيخ فرمايو ته شيخ جلال الدين هي چوغو منهنجي لاءِ تيار ڪيو هو ۽ مون کي خط ۾ لکيو هئائين ته هي چوغو فلاڻي ماڻهوءَ جي معرفت توکي ملندو. پوءِ شيخ اهو خط مون کي ڏيکاريو، جيڪو پڙهي منهنجي عجب جي حد ئي نه رهي. ان کان پوءِ مون سمورو قصو شيخ برهان الدين جي اڳيان بيان ڪيو. تنهن تي شيخ چيو ته منهنجي ڀاءُ شيخ جلال الدين جو مرتبو انهيءَ لاءِ بلند ليکيو ٿو وڃي، جو ان کي دنيا جي سڀني معاملات ۾ دخل آهي. پر هاڻي هو فوت ٿي ويو آهي. وري چوڻ لڳو ته هو هر روز صبح جي نماز مڪه معظم ۾ پڙهندو هو ۽ هر سال حج ڪندو

هو، عرفه ۽ عيد جي ڏينهن ته اهڙيءَ طرح غائب ٿي ويندو هو جو ڪنهن کي خبر به نه پوندي هئي. پوءِ شيخ جلال‌الدين کان موڪلائي مان شهر 'جنق' (١) ڏانهن روانو ٿيس. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جي وچ مان هڪ درياءُ ٿو وهي. اهو درياءُ 'ڪاڙو' جي جبلن مان نڪري ٿو ۽ ان کي 'درياءُ ازرق' ڪري چوندا آهن. هن جي رستي سان ماڻهو بنگال ۽ لکنوتيءَ ويندا آهن. هن درياءَ جي ٻنهي پاسي باغ بستان ۽ ڳوٺ نظر ايندا آهن، جهڙيءَ طرح مان مصر جي درياءَ نيل تي هوندا آهن. هتي جا باشندا ڪافر آهن، پر سڀ بادشاهه جي رعيت آهن. ننهنڪري سندن پيدائش جو اڌ ڏيل طور ورتو ويندو آهي ۽ تحفا وغيره تنهن کان سواءِ هوندا آهن. اسان ان درياءَ ۾ پندرهن ڏينهن سفر ڪيو. رستي سان ڳوٺ ۽ باغ ايترا ته گهڻا هئا جو ڄڻ ته ڪنهن بازار جي وچ ۾ پئي لنگهياسون.

هن درياءَ ۾ بي‌انداز جهازن جي آمدرفت جاري آهي. هر هڪ جهاز کي نقارو هوندو آهي، جو جڏهن ٻه جهاز هڪٻئي جي سامهون ايندا آهن، تڏهن وٺي اهي نقارا وڄائيندا آهن. هي هنن جو هڪٻئي کي سلام جو نمونو آهي. سلطان فخرالدين جو وري حڪم آهي ته "هن درياءَ ۾ فقيرن کان ڪنهن به قسم جو محصول نه ورتو وڃي ۽ جنهن وٽ کاڌي لاءِ ڪجهه نه هجي ان کي کاڌو ڏنو وڃي. جڏهن به ڪو فقير ڪنهن شهر ۾ لهندو آهي ته بادشاهه جي طرفان ان کي اڌ دينار ملندو آهي.

---

(١) هن نالي سان، هن وقت ڪوبه شهر موجود ڪونه آهي. هيءُ لفظ شايد خبنق (خ ب ن ق) هوندو، جنهن جو مطلب ٿيندو ڪيمخيا (ڪ م خ ي ا) جتي، هن وقت تائين وڏو ميلو لڳندو آهي ۽ نه فقط آسام مان پر پوتان کان به هتي ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن. - مترجم

Marfat.com

